# پاڻ ھرتڙيون مايون

(ناول)

گوبند خوشحالاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڻ هرتڙيون مايون

(ناول)

گوبند خوشحالاڻي

ڪويتا پبليڪيشن

حيدرآباد (سنڌ) - 2006ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**شري اندر پوڄواڻي**

ڪي جنهن ويچار ڏارا ڏني

**شري گوبند مالهي**

ڪي جنهن ان ڪي روپ ڏيڻ ۾ رهبري ڪئي

۽ انهن کان اول

**سرو شري ڀاري لعل چاٻڙيا،**

**ڄڳت آڏواڻي ۽ تيج پارواڻي**

ڪي جن تازگيءَ ڀريو معياري مواد

پڙهڻ لاءِ ڏيئي لکڻ جو جذبو جاڳايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنا<br>


| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران | موهن مدهوش | 6 |
| سنڌ واري ڇاپي لاءِ ٻه اکر | گوبند خوشحالاڻي | 7 |
| شوق لاءِ ڪا عمر ڪانه ٿيندي آهي | پروفيسر هيرو شيوڪاڻي | 9 |
| ناول جي ڪلاسڪ ڪهاڻي | علي بابا | 16 |
| گوبند: هڪ ڪامياب ناول نگار | تاج جويو | 17 |
| حقيقت جو عڪس | ڊاڪٽر قاضي خادم | 23 |
| پاڻ هر تڙيون مايون | | 25 |

# اداري پاران

19 ڊسمبر 2004ع تي ڪراچي ۾ ٿيل "شاهه ـ سچل ـ سامي عالمي ڪانفرنس" جي موقعي تي گوبند خوشحالاڻي سان پهريون دفعو ملڻ جو موقعو مليو. انهيءَ موقعي تي ريتا شهاڻيءَ جي آتم ڪٿا "ٻپهريءَ جا ٻه پل" پڌري ٿي هئي، اهو ڏسي گوبند خوشحالاڻي به پنهنجي ڪتاب کي سنڌ ۾ پڌرو ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري هئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مون اهو محسوس پئي ڪيو ته جيڪڏهن سنڌ جي مٽيءَ جي هن ماڻهوءَ جو ناول "پاڻ هرتڙيون مايون" ڇپائبو ته جيڪر هن جو خواب ساڀيان ٿي پوندو. ۽ ائين ئي بس هن ناول کي جلد ڪمپوز ڪرائي ورتم. هاڻ وارو هو سنڌ جي مانوارن ليکڪن: محترم تاج جويي ۽ علي بابا جي راين جو، جنهن لاءِ اڪثر گوبند خوشحالاڻيءَ کي انتظار رهندو پئي آيو آهي. اُن کي ذري گهٽ ڏيڍ سال اچي ٿيو ۽ نيٺ انهن ٻنهي پيارن پنهنجن راين کي ڪاغذ جي ڪور تي لاهي ڇڏيو، جيڪي هاڻ توهان پاٺڪن جي پيشِ خدمت آهن.

سنڌ جي جاڪوڙي اديب، محترم تاج جويي مصروف هوندي به، نه صرف هن ناول تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي، پر هن ڪتاب جا پروف به نهايت غور ۽ دلچسپيءَ سان ڏٺا آهن. جنهن لاءِ سنڌس ٿورا نه مڃڻ، ناانصافي ٿيندي.

سنڌي ادب جي ايوارڊيافته ناول نگار ۽ پلوڙ ڊرامه نويس علي بابا، جنهن جا لفظ خوداعتماديءَ سان پوري وقت تي قلابازيون کائيندا، اچي پاٺڪن جي ذهنن تي نڪا ڪندا آهن. اهڙي ئي نموني هن مختصر ئي سهي پر معنيٰ خيز انداز ۾ گوبند خوشحالاڻيءَ تي چند سٽون تحرير ڪيون آهن، جنهن ۾ هن ناول جي ڪهاڻيءَ کي ڪلاسڪ سڏيو آهي.

سنڌي ادب جي مانواري ناول نگار، ڪهاڻيڪار، افسانه نگار ۽ آرٽس فئڪلٽي ـ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سابق Dean Faculty of Arts ڊاڪٽر قاضي خادم پڻ پنهنجن لفظن جي مالها ۾، هن ناول کي حقيقت جو عڪس سڏيو اٿس. هند جي ناليواري اديب، نقاد ۽ عالم ـ شري هيري شيوڪاڻيءَ جو مهاڳ، جيڪو هُن پهرئين ڇاپي لاءِ لکيو سو به اهميت ڀريو آهي.

شري گوبند خوشحالاڻي، جنهن انداز سان "پاڻ هرتڙيون مايون" ناول ۾، سنڌي سماج جي گهريلو ۽ نِجي زندگيءَ ۾ ٽوٽڻ، ڦيٽڻ، ٻاڙن ۽ ٻانيٽن جو عڪس چِٽيو آهي، اُنهيءَ جي هڪ الڳ حيثيت آهي. وڌيڪ اهو سڀ ڪجهه توهان جي سامهون پيش ڪجي ٿو. اميد ته پڙهڻ کان پوءِ توهان پاٺڪن جي قيمتي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

حيدرآباد.

30 سيپٽمبر 2006ع

ـ موهن مدهوش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليکڪ پاران

ناول جي ساراهہ ۾ ڪجهہ لکان تہ ائين لڳندو مان پنهنجي پٺي پاڻ ٺپري رهيو آهيان. ناول جو ٻيو ڇاپو ٿوري ئي وقت ۾ اچي رهيو آهي، اهو ناول پنهنجو پاڻ ۾ ان جي مقبوليت جو اظهار آهي. اها حقيقت آهي تہ ڪتاب عوام توڙي عالمن ۾ ڪافي پسند آيو آهي. پلي وشيہ جهونو آهي، پر هن ڪان اڳ هن ريت تفصيلوار اُن کي ڪنهن ليکڪ ناول لاءِ نہ ڪنيو آهي.

فطرتي طور انسان – عورت توڙي مرد هڪ ٻئي کان اڳرو رهڻ جي ڪوشش ڪندو ٿو رهي، پئسي ٽڪي يا اهميت پريو درجو حاصل ڪرڻ لاءِ يا ماڳهين صرف اهم خاطر. ٻاوا ٻانيڻ ان انساني سڀاءَ جو اجوڳ فائدو وٺي رهيا آهن. هُنن کي خبر آهي تہ عورتن تي خرچ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ٻنڌن آهن تہ ڪجهہ محدودگيون. پئسي ٽڪي جو وهنوار ۽ ڪنٽرول مردن جي هٿن ۾ ئي گهٽي پاڳي رهي ٿو. انهن کي سڌيءَ ريت زير اثر نہ ڪري سگهڻ جي حالتن ۾ هو سندن عورتن جو سهارو ٿا وٺن. ڇاڪاڻ تہ عورتن جي حاضري هنن جي ستسنگن ۾ وڌيڪ رهي ٿي – جلد جلد رهي ٿي. ٻاوا عورتن جو دماغ چٽي، Brain wash ڪري، بلڪ ميل جا عجيب و غريب طور طريقا سمجهائي ڪنهن بہ ريت مردن جو لاڙو پاڻ طرف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا تا رهن ۽ ڪي قدر ڪامياب پڻ وڃي رهيا آهن. ائين نہ آهي تہ مردن جو ڌرمي ڳالهين طرف لاڙو نہ آهي، پر ڪجهہ وقت جي دٻاءَ ڪري تہ ڪجهہ گنڀيرتا جي ڪوتاهيءَ ڪري، هو هنن ڳالهين طرف عورتن جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ لاپرواهہ رهندا آهن. ٻاون ٻانيٽن کي صبر نہ هوندو آهي. هو ترت مردن کي پاڻ طرف مائل ڪرڻ جي تاڪ ۾ هوندا آهن، تہ جيئن سندن ڪمائيءَ جو ذريعو سرگرم رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناول جي نائڪا پلي پڙهيل لکيل آهي، پر ماءُ جي چوڻ ۾ اچي وڃي ٿي. هت مدو صرف اهم جو آهي، اختياريءَ جي ڏاجهه جو آهي. ماءُ کي خبر ڪانهي تہ ڏسي ۽ اپياس ڪري تہ سندس ڌيءَ ڪيئن رهي پئي آهي. هوءَ تہ ان جي شاديءَ کان اول ئي اهڙي نموني جون ڪوششون ٿي ڪري، جيئن سندس ڌيءَ ساهرن ۾ وڃڻ شرط راڄ ڪرڻ شروع ڪري. بائو هن جي ان ڪمزوريءَ ۽ چريائيءَ جو فائدو تو وٺي. نائڪا بہ هڪ پيرو تہ هنن جي چڪر ۾ اچي وڃي ٿي ۽ بلئڪ ميل جا تمام خراب طريقا اختيار ڪري ٿي. بائي جو ڊارو الٽو ٿو پوي. نائڪ هڪ هيتووادي (Rational) شخص آهي. هو هي سڀ غير منطقي نائڪ خارج ڪندو ٿو رهي. نتيجتاً پتي ۽ پتنيءَ جو وچ ۾ ويڇو پئجي ٿو وڃي ۽ ڏينهون پوءِ ڏينهن وڌندو ٿو وڃي. نائڪا کي جڏهن سمجهہ اچي ٿي، تہ ڪافي دير ٿي چڪي آهي. نائڪ بہ گمراهہ ٿي پتنيءَ کي سمجهائڻ بدران پر استرين جي چڪر ۾ پئجي ٿو وڃي. پڇاڙيءَ جو پلي پئي پنهنجي پنهنجي هلت تي پڇتائن ٿا، پر تيستائين حالتون سندن قبضي کان ٻاهر نڪري وڃن ٿيون.

نائڪ، نائڪا ۽ بائي ٽوڙي ٻين ڪردارن جي هلت چلت سڀ جاتل سڃاتل ۽ سياويڪ لڳندي. صرف سڄو ناول سموريت ۾ پڙهڻ سان. ناول وندرائيندڙ آهي. پر جيڪڏهن ڪجهہ تورا ڪتب ئي هي ڳالهيون دل سان هنڊائي – محض وندر جو ذريعو نہ سمجهي، جيون ۾ هيتو وادي طور طريقا اپنائڻ جي ڪوشش ڪندا تہ مان پنهنجو ڪيو سڦل سمجهندس.

ياءُ موهن مدهوش، هي ڪتاب سنڌ جي پاٺڪن اڳيان پيش ڪري جَس ڪمائي رهيو آهي. مان دل سان هن جي ڪوششن جو قدر ٿو ڪريان. ان سان گڏ تاڄ جويي جو بہ شڪريو ادا ڪريان ٿو جنهن هن ڪتاب جا نهايت ذميواريءَ سان پروف ڏٺا ۽ هندي لفظن جي معنيٰ ٻڻ شامل ڪئي، جيڪا پاٺڪن کي سمجهڻ ۾ وڏيڪ مدد ملندي. جنهن لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان.

– گوبند خوشحالاڻي

احمدآباد.

6 – جنوري 2006ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شوق لاءِ ڪا عمر ڪانهي ٿيندي آهي

هڪڙا ليکڪ هوندا آهن. اِن ڪري لکندا آهن. ٻيا لکندا آهن. اِن ڪري ليکڪ بڻجي پوندا آهن. منهنجي خيال موجب، پهرئين قسم وارن ۾ ذات نِنڍپڻ جي وقت کان ئي هوندي آهي. ٻيا لکڻ جو ڏانءُ سکي وٺندا آهن ۽ پوءِ شايد وقت گذرڻ سان منجهن ذات بہ اچي ويندي آهي. گوبند خوشحالاڻي پهرئين قسم جي ليکڪن ۾ اچي ٿو توڙي هن جي هيءَ پهرين ساهتڪ رچنا (ادبي تخليق)، سا بہ ناول جي روپ ۾. هُن جي عمر جي ٻاهتينءَ بهار ۾ ڦُٽي نڪتي آهي. جڏهن تہ لکڻ جي ڪيرن ڏندن واري ذات جو درشن هُن 15 سالن جي ڪچڙيءَ عمر ۾ ڪرايو هو. تڏهن 1955ع ۾ هن جي پهرين ڪهاڻي، ممبئيءَ جي ”نيو سنسار سماچار“ ۾ ڇپي هئي. اُن وقت گوبند اِسڪول جي نائين درجي ۾ پڙهندو هو. اُن بعد جي اسڪولي جيون جي ٻين ٻن سالن ۾ بہ ڪجهہ ڪهاڻيون لکيائين، جيڪي پوني مان نڪرندڙ رسالي ”نرگس“، اجمير جي ”ڪماري“ ۽ ممبئيءَ جي ”نئين دنيا“ ۾ شايع ٿيون هيون.

پر پوءِ هُو وڌيڪ تعليم، نوڪري، روزگار ۽ ڪيريئر ناهڻ جي گردش ۾ ٽيهہ سال کن لاڳيتا گم ٿي ويو. انگريزي لٽريچر ۾ گريجوئيشن ڪيائين. اول، جيون ويما ڪمپنيءَ ۾ ۽ پوءِ جنرل انشوئرنس ۾ ترقي ڪندي، هڪ معتبر عهدي تان رٽائر ٿيڻ بعد، هاڻي گوبند خوشحالاڻي پنهنجي اصلوڪي شوق ساهتيہ (ادب) طرف مڙيو آهي. سندس چوڻ مطابق 30 سالن جي اِن عرصي کان پوءِ، هُو ساهتيہ جڳت (ادبي دنيا) ڏانهن واپس وريو آهي. پاڻ ٻڌائي ٿو تہ 1970ع تائين بہ ناول لکي چڪو هو، پر ڇپايائين ڪونہ.

اسان وٽ هتي ڀارت ۾، ورهاڱي بعد جي 55 سالن ۾، پنهنجي پنهنجي معيار سان لکڻ جي ذات ڌاريندڙ شاعرن ۽ ليکڪن جون ٽي پيڙهيون آيون آهن. ٽنهي پيڙهين جو اُسرڻ نسرڻ، سهج سڀاءُ پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنفرادي ذات، ذاتيءَ انيو (مشاهدو)، اُمنگ، ويچارڪ وشواسن ۽ عقيدن سان ٽيو ۾ اُنهن سنڌي ٻولي ۾ ساهتيہ جي جهول ڀري پئي آهي. البت حياتياتي اوسر موجب، گذريل ڏهاڪي ڏيڍ ۾ اجا بہ هڪ چوٽين، نئين نوجوان پيڙهي نروار ٿيڻ ڪپندي هئي، پر ٿي ڪانهي. ڪارڻ اُن جا ڪيترائي آهن: (1) سنڌي ڀاشا (ٻولي) دواران تعليم لڳ ڀڳ ختم ٿي ويئي آهي. (2) سؤ ڪروڙن کان بہ وڌي آباديءَ واري هن ڀارت ورش ۾ 40_45 لکن جي "مائڪرو اسڪوپ" ٿورائيءَ وارا سنڌي، سو بہ ٽڙيل پکڙيل حالت ۾، پنهنجي سانسڪرتڪ (تهذيبي) ورثي کان ٿي ڪٽجي ويا آهن، جيڪو شايد پنهنجي مادري زبان ۾ ساهتيہ رچڻ جو اهم سرچشمو هوندو آهي. (3) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندڙن جو تعداد، چاهي اجا بہ ڪن لکن ۾ هجي، پر سنڌيءَ ۾ پڙهندڙن جو تعداد فقط هزارن ۾ شمار سگهجي ٿو. لکڻ وارن کي، سندن ٻوليءَ ۾ پڙهندڙن جو اِهو تعداد، اُنهن تائين رسائي، ساهتيڪ سرجنا (ادب تخليق ڪرڻ) کي همٿائڻ توڙي للڪارڻ لاءِ لازمي آهي. (4) توڙي ڀارت ۾ اسين سنڌي، هاڻي گهڻي قدر آرٿڪ (اقتصادي) طور سکي ۽ آسُودا، سماجي طور ٿانئيڪا ٿي ويا آهيون. ڳپل حصو تہ هاڻي ڏيساور - پرڏيهن ۾ پنهنجي اُديو گڏر متا ڪري، ڪافي سڀر ۽ سٽيو بہ ٻڌجي پيو آهي. اِهو اِئين سڀ سنئو پر پنهنجي الڳ تهذيبي، جاتيہ پڇاڻ (قومي سڃاڻپ) ۽ نجي تشخص (identity) لاءِ، جنهن ۾ ساهتيہ ۽ ٻيون ڪلائون اهم رول ادا ڪن ٿيون، هي سڀ ڳالهيون مانائي (Inertia) آڻين ٿيون. مطلب تہ ساهتيہ ۾" نئين نوجوان، نوَن ويچارن ۽ شلپ واري پيڙهي نہ اچي رهي آهي.

تڏهن، سنڌي ساهتيہ جڳت ۾" هڪ نئين "فنامنا" نظر اچڻ لڳي آهي. اُها اِها تہ گذريل ڏهاڪي ڏيڍ کان، وڌي ٿهيءَ جا عمر رسيل سنڌي، سنڌيءَ ۾ لکڻ طرف موٽيا آهن. نوڪري روزگار ڌنڌي، ڪيريئر دوران پاڻ کي ۽ پنهنجي ڪٽنب/پريوار کي سنتوش جنڪ (اطمينان ۽ سڪون واري) ڍنگ سان جمائي ڪُپائي، فارغ ٿيا آهن. تڏهن مجاڻ تخم ۾ پيل پنهنجي ڀاشا جي جاڻ، صلاحيت، خواه لڪل اِن قسم جي ذات کي وري چنبڙي ڦوڪي، اُچو اُجرو ڪري ساهتيہ رچنا طرف مڙيا آهن. مُون اِن صورت حال لاءِ انگريزيءَ وارو هڪ لفظ "فنامنا" تز جاتو. "فنامنا" لاءِ اسان سنڌيءَ ۾ هم معنيٰ لفظ "ڪرشمو" يا "چمتڪار" تہ ڳولي ورتو هو. هيءَ صورت حال ڪرشمي کان ڇا ۾ گهٽ آهي! اُن جي آجيان ڪرڻ کپي. هونئن بہ شوق جي انڪشاف جي ڪا عمر تہ هوندي ڪانهي. اهڙين نين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخلائن جي نالن ڳڻائڻ جي هرويرو ڪا ضرورت آهي ڇا؟ سنڌي ساهتيہ جڳت سان جڙيل اسين سڀ اُنهن کان واقف آهيون.

اِهو صحيح آهي تہ وقت جي هر دؤر ۾ حالتن جي بدلاوَ سان، هڪ بئي پٺيان نئين نوجوان پيڙهيءَ جي نرواري، نہ رڳو ساهتيہ ۽ ڪلا (فن) جي کيتر ۾، بلڪ جيون جي ٻين کيترن جهڙوڪ، سماج شاستر، وگيان (سائنس) ٽيڪنالاجيءَ ۾، اڄ جيئن ٻين ٻوليائي ۽ سماجي گروهن ۾ حياتياتي (Biological) ۽ چيتناتمڪ (شعوري) تازگيءَ بدؤلت، نئين سوچ ۽ لوچ سان، جنهن نرالي احساس ۽ کوج سان، جيون ۾ اُڀري ٿي ۽ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ ساک ميڙائي ٿي، اُها گهٽ ۾ گهٽ ساهتيہ ۾ تہ اسان وٽ ندارد آهي. اِئين ڇو آهي، اُن تي بہ سماج شاستريہ پيمانن تي سوچڻ جي ضرورت آهي، پر اِهو هڪ الڳ وشيہ (موضوع) آهي.

۽ مان بہ عمر جي هاڻ اُن منزل ۾ آهيان، جڏهن اِئين چوڻ جي قابل آهيان تہ گوبند خوشحالاڻيءَ سان منهنجي ياري، اڌ صديءَ جيتري پُراڻي آهي. 1952_1950 واري عرصي ۾ اسين جڏهن بانٽوا (سؤراشٽر) جي سنڌي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين، تڏهن البت هُو مون کان پنج کن سال ننڍو هئڻ ڪري، هيٺين ڪلاسن ۾ هو. سائين اندر ديو (برک شاعر ۽ مفڪر اندر پوڃواڻيءَ) جي صحبت، مارڪسواد جي انقلابي فڪر، چِٽائي ۽ چِٽائي، مگر پنهنجاڀ سان تاتيندڙ رهبر جي گڏيل سڏيل اثر ۾ رڱجي، ساهتيہ، ڪلا توڙي ملڪي ۽ سياسي حالتن تي ٿيندڙ بحثن ۾ اسين ڪي چند جوانڙا، سڀجي رهيا هئاسين، تن ۾ گوبند بہ شامل هو.

پر پوءِ هُو پنهنجي پريوار (خاندان) لاءِ ۽ وڌيڪ تعليم ۽ آجيوڪا (گذرسفر) جي سنگهرش مئہ (جاکوڙي) حالتن جي منهن مقابل ٿيڻ ۽ اُنهن سان، هڪ قسم جي مَرڪ ۽ مرتبي سان سنوارجڻ لاءِ، پاڻ لاءِ چونڊيل Priority ڪري، ساهتيہ ۾ اهڙي قسم جي سوچ کان پورا ٽيهہ سال، جيڪڏهن صفا ڪٽجي نہ، تہ بہ بقول هُن جي هڪ Amnesia ۾ هليو ويو. وچ وچ ۾ اول احمد آباد (1961 کان 1967) ۾ هُو اسان جي (منهنجي، پريم پرڪاش، واسديو موهي ۽ نندلال راماڻي) جي جاري ڪيل جديد ڌارا جي نئين طرز واري ادبي مخزن ”چوليون“ ۾ سهيوڳي ٿيو. پوءِ گانڌيڌام ۾، جڏهن هُو جنرل انشوئرنس ڪمپنيءَ ۾ هڪ وڏي عهدي تي آيو تہ ساهتيہ سان جڙيل يارن سان وهي وات جاري رکندو آيو. سنڌي، انگريزي ۽ هنديءَ ۾ ساهتيہ جو سواد، مان ڀانيان ٿو هُو لاڳيتو ماڻيندو رهيو آهي.

هاڻ ايڪويهين صديءَ جي شروعات ۾ (2002) هُن جي پهرئين سماجڪ ناول ”پاڻ هر تڙيون مايون“ جي آف پرنٽ مُون ڏانهن موڪلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتس تہ مهاڳ لکان. باوجود اِن جي تہ سنڌي ساهتيہ ۾ سمالوچنا (تنقيد) ڪندي، خواه مخواه همتائو وارو انڪواليفائيڊ ساراهہ ڪري، هرويرو بہ پڌائڻ وارو، منهنجو ڪو اهڙو اِميج ڪونہ جڙيو آهي، اِن ڪان مان واقف آهيان. اِن اثر ڪري، جيڪڏهن دکي نہ تہ، مان خوش بہ ڪونہ آهيان. اسان جي برک ڪٿاڪار (ڪهاڻيڪار) موهن ڪلپنا تہ مونکي ”ڪنجوس نقاد“جي لقب سان بہ نوازيو هو، پوءِ بہ يار حجت رکي آيو تہ مون خوشيءَ خوشيءَ قبول ڪئي آهي.

هن ناول جو موضوع (Theme) تہ پهرين پڙهڻيءَ ۾ ئي نرالو لڳو. اڻ پڙهيل يا نيم پڙهيلن ۾ تہ آهي ئي آهي، ايتري قدر جو تعليم يافتہ طبقي ۾ بہ، خاص ڪري ڪٽنبي جيون ۾ زالن ۾ جادُو منتر، ٽوڻن ڦيڻن ۾ وشواس آهي ۽ اُن جا اگر نتيجا هن ناول جو موضوع آهن. حرفت باز باون بانيڻن جي ور چڙهي گهرو زندگيءَ ۾ زالون مردن کي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ، ساهري ڪٽنب ۾ ان انڌ وشواس هيٺ جيڪي ڪرتب ڪن ٿيون، سي اسان جي ڄاڻ کان ٻاهر ڪين آهن. اسان جا سنڌي ڪٽنب/پريوار بہ اُن کان آجا نہ آهن.

گوبند خوشحالاڻيءَ هن ناول ۾ جادُوءَ منترن ۽ ٽوڻن ڦيڻن جي پرورتيءَ (صورتحال) کي مرڪز ۾ رکي ناول جي رچنا ڪئي آهي. مان وسهان ٿو تہ سنڌي ناول ۾ هن کان اڳ اِن قسم جي موضوع کي مرڪز ۾ رکي، ڪوبہ ناول ڪونہ لکيو ويو آهي. اِن لحاظ کان هن جي خاص اهميت پڌري ٿئي ٿي. اِنهيءَ حوالي ۾ ئي مُون شروعات ۾ چيو تہ هڪڙا ليکڪ هوندا آهن، اِن ڪري لکندا آهن ۽ گوبند خوشحالاڻي، اُنهن ليکڪن مان اچي ٿو. باوجود گهڻي عرصي بعد قلم کڻڻ جي، ڏات منجهان اُپرندڙ سُوجهہ ٻُوجهہ آهي. جنهن هُن کي سماج جي اِن مسئلي سان ڏُويدو ٿيڻ لاءِ ضروري ڪٿا سامگري (ڪهاڻيءَ جي مواد جي) تلاش لاءِ آماده ڪيو تو ڏسجي.

ناول جي مکيہ ڪردار (Protagonist) ڪاجل ايم.اي پاس ڪيل، چڱي ڀينل گهر جي ڇوڪري آهي. هُن جي شادي بہ هڪڙي اهڙي ئي ٻڙودا جي ماڊرن ڪٽنب جي اوچ تعليم يافتہ جوان نريش سوماڻيءَ سان ٿئي ٿي. شاديءَ جي رسم وقت ئي اِنهن ٽوڻن ڦيڻن جي ڪرتبن جي جهلڪ ڏيکاري ليکڪ پڙهندڙن جي هُرکر ۽ ڏيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نريش، هن جا ماءُ پيءُ ۽ ڀيڻ نون ويچارن وارا شخص آهن. هُو پاڻ بہ ڪمپيوٽر تيڪنالاجيءَ جو ماهر، وڏين ڪمپنين جو صلاحڪار ۽ ڪامياب بزنيس مئن آهي. ڪاجل کي هرويرو اِنهن جادُو منترن، پڙهيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريون ٿا، تہ هڪڙي خصُوصيت، جيڪا اِنهن صنفن جي ڪلاتمڪ (فني) معتبري طئي ڪري ٿي، ڌيان ۾ رکڻ جهڙي آهي تہ حقيقت پسندي، صرف اُها نہ آهي، جيڪا ٻاهران اِنساني وهنوار جي وارداتن ۾ استٿين جي تي گذرڻ ۾ نظر اچي ٿي، بلڪ اُن کان بہ اهم سچايُون اُهي آهن، جيڪي ماڻهوءَ جي اندر ۾ آهن، اِستٿين جي وچ ۾ آهن، من ۾ ذهن ۾ آهن. ٻاهران ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، وارداتي چمتڪار جهڙو ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي، پوءِ بہ هوندو آهي.

ڌات وارو ڪٿاڪار اهڙيون سچايُون پانپي وٺي ٿو. محسوس ڪري سگهي ٿو اُنهن ۾ ٻاهرين وارداتن جون پاڙون ڳولي ٿو. ايتري قدر جو، هُو اِهو بہ ڏسي ٿو تہ ٻاهر جيڪي وارداتون نتيون ٿين (ڪجهہ بہ نہ ٿيڻ بہ تہ ٿيڻ هوندو آهي)، اِستٿي جي اردگرد سُوڪيم روپ ۾ هونديون آهن ۽ اِنساني جيون جي وچترتا (چالاڪي) ۽ وروڌ آڀاس (Paradoxes) غير منطقي پٽي (Irrationality) جهڙا تتوَ (عنصر) اُنهن ۾ سمايل هوندا آهن. جڏهن ڪٿاڪار پنهنجي سرجناتمڪ (تخليقي) سوجهہ ٻوجهہ سان، اُنهن کي بہ اُڻت بڻت ۾ آڻي ٿو، تڏهن ئي تہ ڪٿاڪرتي، ڪلاڪر تي ٻڌجي ٿي. ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي تہ رچناڪار پنهنجي انيؤ ۽ احساس سان، توڙي ڪنهن مُراد يا موضوع جي چوندِ ڪندي هڪ ضبط سان رٽا ۽ پيشڪش ۾، پنهنجي دخل کي داخل ٿيڻ کان اُن کي بچائيندي ڪٿا کي پاڻ چوڻ ڏي.

اِن حوالي ۾، منهنجو خيال آهي تہ گوبند خوشحالاڻي، ناوِل جي پوين ٻن ٽن بابن کي ڇڏي، اِظهار ۾ ڪافي ضبط رکي سگهيو آهي. البت منهنجون هڪ بہ جاچنائون، ٻيءَ طرح هن ناول جي سبر ۽ سٽري پيشڪش بابت ڪجهہ هن ريت آهن:

(1) ناول جو موضوع آهي جادو منتر، ٽوٽا ٽيٽا، جيڪي اِنساني گهرو رشتن ناتن ۾ ڪيئن ٿا مسئلا ۽ مونجهارا پيدا ڪن، اهو ڏيکارڻ، پر ان پرورتي جي هڪ پنهنجي "مڪئنزم" هوندي آهي، ٻاوا ٻانيڻ يا اهڙا نام نهاد سوامي ساڌو ڪيئن چترائيءَ يا حرفت سان اهڙن ڀرمن جو جار ڪڙو ڪندا آهن ۽ ڪيئن عام ماڻهو خاص ڪري اِستريون (زالون)، جن کي ليکڪ "پاڻ هرتڙيون مايون" چوي ٿو اُن ۾ ڦاسنديون آهن. اُنهن جي تندن ۽ تارن جي عڪاسي، واسطيدار اِستٿين (حالتن) ۾ گهتنائن ۾ ڪري سگهي ها تہ مان ڀانيان ٿو اهڙي اڻ ڇُهيل موضوع تي لکيل هي ناول، سنڌي ساهتيہ ۾، پنهنجي ڊنگ جو پهريون سرجناتمڪ ڪارنامو ليکيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ها. جيتوڻيڪ اُهو ٻج جي روپ ۾ موجود آهي ۽ شروعاتي حصي ۾ ڪي جهلڪون بہ آهن.

(2) ٻي ڄاڻا منهنجي اِها آهي تہ هوندي تہ ناول ۾ ڪافي لنبي مفاصلي تائين، گهٽنائن ۾ پٿارت جو پلاند مضبوطيءَ سان پڪڙيل آهي، پر پڇاڙيءَ وارن بابن ۾ گهٽنائن ۽ استثنين جي تلاش عيوض هرويرو اُن ڪي ناٽڪي بڻائڻ جي حرص ۾ " گهٽنائڻ جو گهڙجڻ (Contrivance) حاوي پئجي ويو آهي. مثال طور ممبئيءَ ۾ نريش جي جيون ۾ اول هڪ ڪال گرل ۽ پوءِ ڪويتا ورياڻيءَ جهڙي سڌي سنواتي ڇوڪريءَ جو داخل ٿيڻ، هوٽلن جي خانگي ڪمرن ۾ اُنهن سان جسماني سنٻنڌ جوڙڻ، ڪويتا جي گريوتي ٿيڻ جو شڪ يا اُن جي ڄاڻ پوڻ تي ڪاجل جي آتم هتيا (آپگهات) جي ڪوشش يا پوءِ هميشہ لاءِ پنهي پريوارن جي جيون مان غائب ٿي وڃڻ، پوليس ڪيس، اِنسپيڪٽر مسٽر ڪرسچن جي جاچ پڙتال ۽ آخرين باب ۾ هُن جي ڊائريءَ جا ورق وغيره جنهن تڪڙ ۽ فلمي انداز ۾ آندا ويا آهن، اُهي شروع ۾ قائم ڪيل ۽ نباهيل، ليکڪ جي اِظهاري ۽ اُسلوبي ضبط کي ضربڻ ۾ خاصا مددگار ٿيا آهن. اَلبت ناول ڪجهہ چشڪيدار اوس بڻجي پيو آهي، پر اِتي ئي تہ ڪٿاڪار اِن قسم جي لالچ (Temptation) کان پاڻ بچائي، هڪ سرجڪ طور اُپري سگهي ٿو سگهي ها.

سنڌي زبان جي نجي محاوري، شبد ڀنڊار (لفظيات) ۽ لهجي تي، هيترو عرصو عمل ۾ اُن کان پري رهندي بہ هن ناول ۾ گوبند خوشحالاڻي پنهنجو عبوُر ڏيکاري سگهيو آهي، اِهو اڄ جي گهٽ پرئڪٽسنگ سنڌي ليکڪن ۽ شاعرن لاءِ، اڄ جي حالتن ۾ جڏهن اسان جي ڀاشا ڳالهائڻ ۽ لکڻ جي واهپي مان تيزيءَ سان ڇڏائجي رهي آهي، ريس جو باعث بڻجي سگهي ٿي. خود ناول جو عنوان "پاڻ هرتڙيون مايُون"- جيتوڻيڪ غير گلئمرس لڳي ٿو ان طرف اَرٿ (مقصد) ڀريو آگرهہ ڏيکاري ٿو.

بهرحال مان گوبند خوشحالاڻيءَ جي هن سماجڪ ناول جي آجيان ڪريان ٿو.

آديپور
30_10_2002

– پروفيسر هيرو شيوڪاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناول جي ڪلاسڪ ڪهاڻي

گوبند خوشحالاڻيءَ جا مون چار ڪتاب پڙهيا آهن. گوبند جو ناول "پاڻ هرتڙيون مايون". ۾ سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل هندو سماج جو ذڪر آهي. هي اپر مڊل ڪلاس جا ماڻهو آهن. ڪڏهوڪا مذهب جي ريتن رسمن خاص ڪري جادو ٽوڻي ڦيٽي ڪان ٻاهر نڪتل گهر جي ڪهاڻي. ڪنوار گريجوئيٽ آهي پر ٽوٽا ڦيٽا ماءُ ڪان ورثي ۾ مليل اٿس. جڏهن ته مڙس لاءِ اها شيءِ معيوب آهي. سُهري، سس ۽ ڏيرياڻي (هڪ ڪاليج گرل) لاءِ به اها ڳالهه معيوب آهي پر هو ڪنوار لاءِ سڀ ڪجهه اکين سان برداشت ڪندا ٿا اچن. ٻاون جي چوڻ ۾ ڪنوار سڄو گهر ڇڻ لُٽائي (تابان) ٿي ويهي. مڙس سوڌو. پر گهوٽ جي سڄي فئملي ايڏي ته اخلاق جو مظاهرو ڪري ٿي. ڳالهه ته عام آهي پر گوبند ان ڪهاڻيءَ کي اهڙي نموني نڀايو آهي جو مون لاءِ اها ڪلاسڪ ٿي وئي آهي. سنڌ سماج ڪيڏو نه ملٽي ڪلچرڊ آهي ۽ گوبند جي اک ڪيڏي نه تيز. ان ناول مان لڳي ٿو ته گوبند فطري ناول نگار آهي، هڪ فطري آرٽسٽ.

- علي بابا

حيدرآباد - سنڌ
22 سيپٽمبر 2006ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گوبند خوشحالاڻي:
# هڪ ڪامياب ناول نگار

سنڌي ناول جي تاريخ تي نظر وجهبي تہ ورهاڱي کان پوءِ، اها حقيقت چٽي ٿي اُڀري ايندي تہ سنڌ جي ڀيٽ ۾ هند ۾ سنڌي ناول وڌيڪ ترقي ڪئي آهي. گوبند مالهي ۽ موهن ڪلپنا بہ اهڙا سنڌي اديب آهن، جن ناول کي وڏي سگهہ ۽ وسعت بخشي آهي ۽ ناولن جو هڪ وڏو تعداد سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ آندو آهي. گوبند مالهي تہ ’ناول سمراٽ‘ سڏيو ويو آهي، پر موهن ڪلپنا جو يوگدان (contribution) بہ ڪو گهٽ نہ آهي.

سنڌيءَ جي هر ناول نگار جو اهو پسمنظر رهيو آهي تہ هُن اوائل ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ ڪهاڻي – کيتر ۾ پاڻ مڃائڻ بعد ناول طرف ڌيان ڏنو آهي.

گوبند خوشحالاڻي، اُهو اڪيلو ناول نگار آهي، جنهن کي سنڌي ڪهاڻيڪاريءَ ۾ ڪو خاص پسمنظر نہ آهي ۽ نہ ئي هُن جو نالو اهم سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ ڪو ڳڻيو ويو آهي. سندس ادبي ڪٿا مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو جڏهن 50_1952ع واري عرصي ۾ پنهنجي دوست ۽ موجوده دور جي نامور نقاد، هيري شيوڪاڻيءَ سان سوراشٽر (هند) جي سنڌي هاءِ اسڪول بانٽوا ۾ پڙهندو هو تڏهن پنهنجي اُستاد اِندر ديوَ (نامور شاعر اندر ڀوڄواڻيءَ) جي صحبت ۽ اثر هيٺ ادب جي دنيا کان آگاهي حاصل ڪئي هئائين، ۽ هن نائين درجي ۾ پڙهڻ دوران، 1955ع ۾ پهرين ڪهاڻي ”لاجو“ لکي هئي. اسڪولي جيون وارن سالن دوران هن ٻيون بہ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪهاڻيون ۽ ليک لکيا، پر لکڻ جو اهو سلسلو جاري رکي نہ سگهيو ۽ نہ ئي انهن ڪهاڻين کي ادبي دنيا ۾ ڪا اهميت حاصل ٿي.

گوبند خوشحالاڻي، ننڍپڻ ۾ سُٺو پڙهندڙ ضرور رهيو آهي. هن پڙهڻ جي ابتدا ڏرمي، تاريخي ۽ خاص ڪري جاسوسي، جانبازيءَ ۽ ٽرٽلو پيدا ڪندڙ ناولن سان ڪئي ۽ انهن جو وڏو تعداد اسڪولي جيون ۾ ئي پڙهي ورتائين.

ورهاڱي جي واردات، ڀارت ۾ شرنارٿي جيون گذاريندڙ هر سنڌيءَ لاءِ ڪٺنايون ۽ مشڪلاتون کڻي آئي. گوبند خوشحالاڻيءَ جو خاندان بہ اُن کان بچيل نہ هو. هن کي بہ پنهنجي خاندان جي معاشي ضرورتن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورائيءَ لاءِ وڌيڪ تعليم ۽ نوڪريءَ طرف ڌيان ڏرڻو پيو ۽ ائين پوءِ هن جي ترجيح، ادب نہ، پر پاڻ کي نوڪريءَ/ ملازمت دوران ثانيڪي ڪرڻ جي جدوجهد ئي رهي. صفا ائين بہ ڪونہ هو تہ ڪا هن جي ادبي حس ئي مري/ ختم ٿي وئي هئي، پر هي مطالعي سان گاهي بگاهي جڙيل رهيو. 1961 کان 1967ع وارن سالن دوران هو پنهنجن دوستن - هيري شيوڪاڻي، پريم پرڪاش ۽ واسديو موهيءَ - سان گڏ ادبي مخزن ”چوليون“ ۾ بہ شريڪ ڪار رهيو ۽ جڏهن گانڌيڌام ۾ ”جنرل انشورنس ڪمپنيءَ“ جو وڏو آفيسر بڻجي آيو تہ هن اُتي ليکڪن سان دُعا سلام ۽ اچ وڃ جاري رکي. نوڪريءَ دوران انگريزي ادب ۾ ايم.اي بہ ڪري ورتائين. ائين هن جي اندر جو اديب زنده رهيو ۽ هن 1968_1970 وارن سالن دوران ٻہ ناول ”هڪ دفعو وري“ ۽ ”پيار ۾ پاڻ ڪهڙو“ لکيا هئا، پر اُنهن جا مسودا وٽس قلمي صورت ۾ ئي رهيا، جن کي هن ڇپائيءَ جو مُنهن ئي نہ ڏيکاريو جو وٽس اُن وقت ترجيح ملازمت کي هئي ۽ نہ هن قسم جي وانديءَ ونڊر کي.

ٽيهن سالن جي ٽُٻيءَ ۽ ادبي غيرحاضريءَ کان پوءِ، گوبند خوشحالاڻيءَ پنهنجون ادبي ٽپٽيون کوليون ۽ اُنهن مان پراڻا مسودا ڪڍي، چنڊي ڇاڻي، ڇپائڻ جو خيال ڪيو - ۽ ائين سندس ٻئي ادبي جنم (Literary birth) جي ابتدا، ڊسمبر 2002ع ۾ ٿي، جڏهن سندس پهريون ناول ”پاڻ هُرتڙيون مايون“، سنت ڪنور فائونڊيشن احمدآباد پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. هاڻي تہ هُو 2005ع تائين پنجن ناولن جو سرجڻهار بڻجي چڪو آهي. هر سال سندس هڪ ناول جو سنڌي ادب جي کيتر ۾ مهورت ٿيو آهي. جون 2003ع ۾ ”هڪ دفعو وري“، سيپٽمبر 2004ع ۾ ”گلستان غليظ ٿي رهيو آهي“، اپريل 2005ع ۾ ”پيار ۾ پاڻ ڪهڙو“ ۽ 2006ع ۾ ”هر ديگي چمچا“ سندس ناول ڇپجي، هند، سنڌ ۾ مقبوليت ماڻي چڪا آهن. سندس ناول ”پاڻ هُرتڙيون مايون“ جو ٻيو ڇاپو ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد. سنڌ ڇپائي رهي آهي. ان حوالي کان گوبند خوشحالاڻي، خوشنصيب اديب چئبو جيڪو مختصر ادبي جمار ۾ (اشاعت جي حوالي سان) هند – سنڌ ۾ پاڻ مڃائي چڪو آهي.

گوبند خوشحالاڻيءَ، ”پاڻ هرتڙيون مايون“ ناول جو انتساب، ٽن قسم جي اديبن کي ڪيو آهي:

(1) ورهاڱي کان اڳ جي ٽن اديبن – ٻهاري لال ڇاٻڙيا، جڳت آڏواڻي ۽ ٽيج پارواڻيءَ کي، جن ڪيس تازگيءَ ڀريو معياري مواد پڙهڻ لاءِ ڏئي، منجهس لکڻ جو جذبو ۽ اُتساهہ پيدا ڪيو. هنن ٽنهي اديبن، پنهنجي دور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ”سرگم“، ”نرگس“ ۽ ”ڪهاڻي“ رسالا ڪڍي، طبعزاد ۽ ترجمن جي صورت ۾ ڪيترا ناول ڇپي، وڏو ادبي ڪم ڪيو هو ۽ اڪثر يارتي ٻولين ۽ انگريزي زبان جا اهم ناول شايع ڪري پڙهندڙن ۾ ادبي چاهه پيدا ڪيو هو.

(2) اندر يوڄواڻيءَ ڪي: جنهن گوبند خوشحالاڻيءَ کي ڪچي وهيءَ ۾ مارڪسي ويچار ڌارا کان واقف ڪيو ۽ منجهس ادب جو چاهه پيدا ڪيو. اندر يوڄواڻي اُنهن اوائلي ترقي پسند اديبن/ شاعرن مان آهي، جن هند ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کي زنده رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اُها ڌار ڳالهه آهي تہ اڳتي هلي هُن جي ويچار ڌارا ۾ بدلاءُ آيو پر سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌيت سان سندس لڳاءُ زندگيءَ جي پوين پساهن تائين قائم رهيو.

(3) گوبند مالهيءَ کي، جنهن گوبند خوشحالاڻيءَ جي من ۾ اُسريل ويچار ڌارا کي منظم روپ ڏئي، سندس رهنمائي ڪئي. گوبند مالهيءَ جي ذڪر کان سواءِ سنڌي افسانوي ادب جي تاريخ اڌوري ليکي ويندي. هن ڪهاڻين جي ڪيترن مجموعن سان گڏ سنڌي ادب کي 26 شاهڪار ناول ڏنا آهن ۽ الائي ڪيترن ئي اديبن تي پنهنجي ويچار ڌارا ۽ اسلوب جو اثر ڇڏيو آهي. گوبند خوشحالاڻيءَ جون پنهنجي هم نام سينيئر ساٿي گوبند مالهيءَ سان گهريون صحبتون رهيون. هن جو خاص ڪري سندس ڪانديوليءَ واري رهائش گاهه تي سال ۾ ٻہ ٽي ڀيرا ساٿس ملڻ ٿيندو هو ۽ وتانئس ڪتاب کڻي پڙهندو هو. گوبند مالهي چوندو هو تہ ”کيس واندڪائيءَ ۾ جاسوسي ناول پڙهڻ ۾ مزو ايندو آهي“- ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ گوبند خوشحالاڻيءَ جاسوسي ناول لکڻ جو سوچيو تہ مالهيءَ کيس خوب اُتساهيو هو.

بهرحال، گوبند خوشحالاڻي، جديد ناول نگارن ۾ هڪ اهم ناول نگار طور اڀريو آهي، جنهن جي ناولن ۾ سنڌي ڪٽنبي جيون جا عڪس، شهري زندگيءَ ۾ رشتن ناتن جي ٽيڄ ٽُٽ، تجسُس، انتظار جاسوسي ۽ ترٽلو پيدا ڪندڙ پاوَ يا جذبا ملن ٿا.

سندس هيءَ ناول ’ٻارڻ هرتڙيون مايون‘ هڪ اهڙو ناول آهي، جنهن ۾ نفسيات (منووگيان) ۽ جاسوسيءَ جون جهلڪون موجود آهن. ناول ۾ هند ۾ وسندڙ سنڌي ڪٽنبن جي گهرو مسئلن، رشتن ناتن، انڌ – وشواس، ڀرمن، ٽوڻن ۽ منترن ۾ يقين رکندڙ ڪٽنبن جو بهترين عڪس پيش ڪيل آهي. هن ناول جو موضوع نئون نہ هوندي بہ لڇمڻ ڪُومل جي لفظن ۾ ”اَڇوتو“ ضرور آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ناول جا مکيہ بہ ڪردار – ڪاجُل ۽ نريش سوماڻي آهن. ڪاجُل، ايم.اي پاس ۽ مڇي مانيءَ واري گهر جي ڇوڪري آهي، جنهن جي ماءُ جادو منترن، ٽوڻن ڦيڻن، پڙهيل ليمن ۽ اناج جي داڻن جي استعمال ۽ اُجين جي هڪڙي سواميءَ جي هدايتن تي هلڻ واري آهي، ۽ هوءَ چاهي ٿي تہ سندس ڌيءَ، ساهراڻي گهر ۾ راڄ ڪري، مڙس، نڻانن، سس ۽ سهري تي سندس ڏاڪو ۽ دابو هجي. ان سموري مانداڻ مَنڊڻ لاءِ هوءَ ڌيءَ کي ٻاوڻ ٻانيٽن پينڻ ۽ ٽوٽا ڦيٽا ڪرڻ جون وقت بہ وقت هدايتون ڏيندي، بلڪ رهبري ڪندي رهي ٿي. جڏهن تہ نريش سوماڻيءَ جو ڪٽنب نون ويچارن وارو آهي، خود نريش، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جو ماهر، وڏو بزنيس مين ۽ وڏين ڪمپنين جو ڪنسلٽنٽ آهي. سندس ماءُ، پيءُ توڙي ڀيڻ جديد سوچ جا مالڪ ۽ ٽوٽائي ڦيٽائي رسمن کان پري آهن. جڏهن ڪاجل جهڙي سهڻي، سٻاجهي ۽ سادي ڇوڪري، ماءُ جي اثر ۾ اچي ساهراڻي گهر ۾ پڙهيل ليمن، اناج جي داڻن ۽ ٻين ٽوڻن ڦيڻن جو واهپو ڪري ٿي ۽ ماءُ جي هدايت تي اُجين جي ساميءَ کي گهر رهائڻ جي دعوت ڏئي اچي ٿي؛ جيڪا ڳالهہ نريش ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. ماءُ ۽ پيءُ جي سمجهائڻ بعد سواميءَ کي ڪنهن هال ۾ رهائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي ٿو پر ڪاجل جي انهي انڌ وشواس ۽ ٽوٽائي ڦيٽائي منورتيءَ نريش کي بيزاريءَ طرف ڌڪڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ ٻنهي جي ذهني ۽ جسماني لاڳاپن ۾ هڪ وڏي وٿي پئجي وئي. گهر ۾ بہ ڪِر ڪِر ۽ گهِپي وڌڻ لڳي. نريش جي ماءُ زماني شناس هوندي، جيتوڻيڪ ماحول کي درست رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر نريش ۽ ڪاجُل ۾ ذهني ويڇوٽيون پئجي وڃن ٿيون. ائين ڪاجل جي پاڻ هُرتڙائي ۽ منجهيل مَن جو نتيجو اهو نڪتو جو هوءَ مڙس جو پيار ڪوهي ويني ۽ هُو گهر کان پري رهڻ ۽ پراين عورتن جي سنگ ۾ ڦاسي، من جو سڪون حاصل ڪرڻ لڳو.

ناول ”پاڻ هُرتڙيون مايون“ جو سٽاءُ ۽ رچنا وٽندڙ تاڃي پيٽو اثرائتو پيشڪش دلڪش، ٻولي سليس ۽ آخر تائين پڙهندڙ جي دلچسپيءَ کي مرڪز ۾ رکندڙ آهي، ان حوالي کان هيءَ ناول، هڪ ڪامياب ناول چئي سگهجي ٿو.

ساهتي پرڳڻي جي ڳوٺ ابڙان ۾، 25 جنوري 1940ع ۾ جنم وٺندڙ گوبند خوشحالاڻي، انن ورهين جي ننڍڙي ڄمار ۾ سنڌ کان جُدا ٿيو هو پر حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌي زبان جي نجپڻي، اصلي هڳاءَ، لفظيات ۽ محاوري تي گوبند کي ڪمال جي مهارت حاصل آهي. اُن جو وڏو ڪارڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نندي هوندي ڪان سنڌي ادب جو وسيع مطالعو اديب دوستن سان لڳاتار صحبت ۽ پنهنجي مادري ٻوليءَ سان اٿاهه محبت ئي تي سگهي ٿي؛ جنهن خوشحالاڻيءَ جي ٻوليءَ کي هندي زده ٿيڻ نه ڏنو آهي. هندي ٻوليءَ جي لفظيات جو اثر ته هن تي سياويڪ طور ٿيو ئي آهي ۽ ڪيترا سرل ۽ سليس هندي لفظ هُن ڪم به آندا آهن. پر پنهنجي ٻوليءَ کي مڪمل طور "هندي زده" ٿيڻ کان بچائي، هن وڏو ڪارنامو ڪيو آهي، جنهن لاءِ هُو جَس جو ڀاڳي آهي.

هن ناول پڙهندي، پڙهندڙ ڪٿي به ذهني دٻاءُ يا بارُ محسوس نه ٿو ڪري. هي اهو ناول آهي، جنهن کي ماڻهو هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهي پورو ڪري وٺي ٿو. جيڪا خُوبي هن ناول کي "ڪامياب ناول" بنائي ٿي.

هن ناول جي اوڻڪ توڙي وِچ، ڪمال حُسناڪيءَ، ترتيب ۽ ڪاريگريءَ سان رٿيو ويو آهي؛ جڏهن ته ڪاجُل پاران پنهنجي ازدواجي زندگي (وواهت جيون) کي ٽوٽڻ ڦيٽڻ جي اڏيءَ تي قربان ڪرڻ ۽ نريش سان اڏنگي روش جي نتيجي ۾ سندس پر – استرين (پراين عورتن) ڏانهن لاڙي جي پڇتاءَ جي صورت ۾ آپگهات واري ڪلائيمڪس (climax) به ناول جي فطري پڄاڻي محسوس ٿئي ٿي: پر آءٌ هيري شيوڪاڻيءَ سان ان ڳالهه ۾ سهمت آهيان ته: "پوليس ڪيس، انسپيڪٽر مسٽر ڪرسچن جي جاچ پڙتال ۽ آخرين باب ۾ هن جي ڊائريءَ جا ورق وغيره جنهن تڪڙ ۽ فلمي انداز ۾ آندا ويا آهن، اُهي شروع ۾ قائم ڪيل ۽ نپايل، ليکڪ جي اظهاري ۽ اسلوبي ضبط کي ضربڻ ۾ خاص مددگار ثيا آهن" — اها ڳالهه دادا هري دلگير به هن ناول تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي هن طرح ڪئي آهي: "آخر ۾ فلمي انداز ۾ انتظار (suspense) جو چشڪو به رکيو ويو آهي."

سچ ته پويان باب جيڪڏهن گوبند خوشحالاڻي سنجيدگيءَ سان لکي ها، يا ناول ڇپائڻ کان اڳ انهن کي هڪڙو هٿ وري هڻي ها، ته هي ناول هڪ ڪامياب ترين ناول بڻجي پوي ها.

هن ناول جو نالو "گوبند خوشحالاڻيءَ "پاڻ هُرتڙيون مايون" رکيو آهي، جيڪو مناسب ضرور آهي؛ پر ناول جي هڪ مکيه ڪردار نريش سوماڻيءَ کي ڇا چئجي، جيڪو پنهنجي سهڻي، سُشيل ۽ پيرمن ۾ قاتل گهر واريءَ کي سمجهائي رستي تي آڻڻ بدران خود گمراهيءَ جي واٽ تي هلي پر –استرين سان ناتا اُستوار ڪري ٿو. ڪاجل ته مڙس جي نفسيات کي نه سمجهڻ ۽ اُن کي پري ڌڪڻ ۾ پنهنجو ڏوهه سمجهندي، پڇتاءَ طور آپگهات ڪري ٿي، جو ته وٽس ان کان سواءِ ڪو ٻيو رستو نه رهيو هو. هوءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهي ها تہ نريش سوماڻيءَ واري وات تي هلندي. پاڻ بہ پر – پرشن (پراون مردن) سان تعلقات جوڙي مُڙس کان بدلو وٺي ها. پر هن ان رستي کي سماجي رشتن جي حوالي کان غلط سمجهندي. آپگهات وارو رستو اختيار ڪيو. اهڙيءَ صورتحال ۾ نريش سوماڻيءَ جو ڪردار بہ ’پاڻ هرتڙو‘محسوس محسوس ٿئي ٿو تہ پوءِ عورتن کي ئي رڳو ’پاڻ هرتڙيون‘ ڇو ٿو قرار ڏنو وڃي!؟ هيءَ ڳالهہ آءٌ ان ڪري لکي رهيو آهيان. جو ”گلستان غليظ تي رهيو آهي“ ناول جي ابتدائي صفحن ۾ گوبند خوشحالاڻيءَ جي نئين ناول ”پيار ۾ پاڻ ڪهڙو“ جو تعارف ڏيندي بہ لکيو ويو آهي تہ: ”ناول جي نائڪا – هڪ پاڻ هرتڙي ڇوڪري. سنڌ ورڪين جي زالن جي حالت ڏسي، پنهنجو اهم ڪائيندي سوچي ٿي پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟“

ڇا ’پاڻ هرتڙيون‘ صرف مايون ٿينديون آهن، يا مرد بہ؟ ڇا، اُن تي بہ گوبند خوشحالاڻيءَ ڪڏهن سوچيو آهي؟

- باوجود ان جي، موضوع جي لحاظ کان ’پاڻ هرتڙيون‘ ناول، سنڌيءَ جي سٺن ناولن ۾ شمار ڪيو ويندو.

گوبند خوشحالاڻيءَ، پنجن ڪامياب ناولن کان پوءِ هڪ پيرو وري ڪهاڻيون بہ لکڻ شروع ڪيون آهن، جيڪي سنڌ ۾ ’سوجهري‘ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپجي رهيون آهن. اُنهن جو مطالعو ٻُڌائي ٿو تہ گوبند خوشحالاڻيءَ جي هر ڪهاڻي، هڪ ناول جو موضوع رکي ٿي؛ ان ڪري منهنجو کيس مشورو آهي تہ هو ناول لکڻ طرف وڌيڪ ڌيان ڏئي ۽ ان کي سنجيدگيءَ سان اختيار ڪري. سندس شخصيت ۾ لکٽيءَ ۾ جاسوسي، مهم بازيءَ، مبهمتا، جانبازيءَ ۽ تجسس (suspense) وارا انگ وڌيڪ محسوس ٿين ٿا. ان ڪري کيس انهن موضوعن تي سنڌيءَ ۾ نت نوان ناول لکڻ گهرجن – جيڪا وات ئي کيس سنڌيءَ جو ڪامياب ۽ وڏو ناول نگار ثابت ڪري سگهي ٿي.

حيدرآباد، سنڌ
21-08-2006

- تاج جويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حقيقت جو عڪس

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ برصغير جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو. خاص طرح سان فڪشن ۾ لکڻ وارا ڪي ٿورا شخص هئا ۽ انهن ۾ بہ ناول نويس آڱرين تي ڳڻڻ جيترا بہ ڪونہ رهيا. قاضي فيض محمد مرحوم جو "جنسار"، خليق مورائيءَ جي سندري کان سواءِ صرف مذهبي موضوعات تي ڪن ليکڪن جھڙوڪ محمد عثمان ڏيپلائيءَ ننڍڙا ناول لکيا ۽ پوءِ نور توحيد ۽ سانگھڙ جھڙا ضخيم ناول بہ لکيائين ليڪن سٺ واري ڏهاڪي تائين سنڌ ۾ ناول نويسيءَ ڪو سوجھرو ڪونہ ڏيکاريو. ان کانپوءِ سراج، الهہ بخش تالپر (جنهن پرديسيءَ جو پيار جھڙو ننڍڙو پر دلچسپ ناول لکيو)، قاضي فيض محمد، ابن حيات پنھور، سراج، آغا سليم، راقم الحروف (قاضي خادم)، نجم عباسي، غلام نبي مغل، قبول ابڙو علي بابا، طارق عالم ابڙو مهتاب محبوب، امر جليل ۽ ٻين جديد اديبن هن صنف کي اچي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ جاءِ ڏياري.

ٻئي طرف هتان لڏي ويل ليکڪن پنهنجي نئين وطن ۾ وڃڻ کان پوءِ هن صنف کي وڃي اتي وسايو. موهن ڪلپنا، ريٽا شهاڻي، پروفيسر ايشوري جوتواڻي، سندري اتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، لعل پشپ، هري موٽواڻي، موتي پرڪاش، گوبند مالهي، پوپٽي هيرانندداڻي، گوبند خوشحالاڻي ۽ ٻيا نوا ۽ پراڻا ليکڪ هن صنف ۾ طبع آزمائي ڪري رهيا آهن ۽ چڱا خاصا ناول سنڌي ادب ۾ شامل ڪري چڏيا اٿن جن ۾ مختلف موضوع ۽ خيالات پيش ڪيل آهن.

جيئن هندستان مان لڏي آيلن پاڪستان ۾ اردو ادب کي هڪ نئون رخ ڏئي ڇڏيو ۽ وڏا وڏا شاهڪار تخليق ڪري ڇڏيائون. تيئن ئي هتان لڏي هندستان ويلن بہ ڪيو. ڇو جو ٻنهي جي قلم کي هڪ اهڙو جذباتي موضوع مليو ويو هئو جيڪو ڪنهن بہ عام تجربي مان حاصل نہ ٿو ڪري سگھجي.

هڪ تہ پنهنجي وطن کان دور ٿيڻ جو ڏک ۽ پيڙا ۽ ٻيو نئين ماحول ۾ پهچي ان سان ذهني هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ. اهي ٻئي نهايت ڏکوئيندڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ آهن ۽ انهن جي جذباتي طوفان کي پار ڪرڻ بہ هڪ مشڪل ڪم آهي. گم ٿيل شناخت جي تلاش ۾ ڀٽڪڻ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو پاڻ کي پائڻ ئي هنن جي لکڻين جا موضوع رهيا آهن ۽ جيئڻ تاريخ جي ويڇن جو مرهم انهن جي زخمن کي نيڪ ڪري يا وري ان کان وڌو ڪو درد اچي انهن کي جهڻي، تيسين هو ان درد ۾ ڦٿڪندا ئي رهندا ۽ سندن هر لکڻيءَ ۾ ان درد جي خوشبو هوندي.

گوبند خوشحالاڻيءَ جو هي ناول به هڪ اهڙيءَ ئي خواهش آهي جنهن ۾ هو پنهنجي تصوراتي دنيا قائم ڪري ٿو ۽ سندس پريوار ۾ اها سنڌ تلاش ڪري ٿو جيڪا سالها سال کان وهمن، وسوسن ۽ پرمن سان پريل آهي. سَس نُنهن جو روايتي ڪردار سنڌ جي تهذيب ۾ هڪ دکدائڪ پر اٽوٽ انگ بڻيل آهي. ريتن ۽ رسمن جا چار شڪ ۽ شبهات جو طوفان (جيڪو مومل راڻي جي داستان ۾ به ملي ٿو) هڪ اهڙو ثقافتي ۽ تاريخي تسلسل آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي محنت ۽ جاکوڙ جي ضرورت آهي جيڪا سواءِ تعليم حاصل ڪرڻ جي بارآور ثابت نٿي ٿي سگهي.

گوبند خوشحالاڻي پنهنجي ناول ۾ جن ڪردارن کي خاص ڪري هيرو نريش، جيڪو شادي شده شخص هوندي به ٻين عورتن سان جنسي عمل ۾ خوشي حاصل ڪري ٿو اها به هڪ ورهايل شخصيت (divided personality) جو ثبوت آهي. جن به گهرن جون مائون پنهنجن پٽن جي شادي شده زندگين ۾ شڪ ۽ شبهن جون چڻنگون اڇلائين ٿيون ۽ زالون وري انهن تي جوابي حملا ڪن ٿيون، انهن جا مڙس نفسياتي طرح ورهائجي وڃن ٿا. هيءَ ناول به اهڙي ئي پريوار جي ڪهاڻي آهي جنهن جا ڪردار خوشيون من اندر نه ڏسي ٻاهرين دنيا ۾ حاصل ڪرڻ چاهين ٿا.

خوشحالاڻيءَ جو هي ناول سنڌي سماج جي هڪ ڏکندڙ نس تي اهڙو نشتر آهي، جيڪو فڪشن هوندي به هن ناول ۾ ڪن حقيقتن کي پيش ڪرڻ جو سبب بنجي ويو آهي. سندس ڪردارن ۾ هر هنڌ حقيقت جو عڪس ٿو پيش اچي، ۽ اهو تڏهن به اچي ها، جيڪڏهن هو سيڪس کي گهڻو کليو ڪري پيش نه ڪري ها.

سماج ۾ وهمن ۽ وسوسن، شڪن ۽ شرارتن جو سدِباب ڪرڻ لاءِ هن ناول ۾ وڏو مواد شامل آهي.


حيدرآباد. سنڌ
30_08_2006

ـ ڊاڪٽر قاضي خادم
ڊائريڪٽر ـ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر
اڳوڻو چيئرمين ـ سنڌي شعبو
۽ ڊين ـ فئڪلٽي آف آرٽس
سنڌ يونيورسٽي ـ ڄامشورو





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 1

گهوٽ جي مامي ڪنعيا لال کي سڀ مامو ڪري ڪوٺيندا هئا ۽ ان ڪري جڳ مامي طور مشهور هوندو هو. ڳالهائڻ وقت سندس واڇ ڪجھ ٽِڙي ويندي هئي، خاص ڪري مشڪڻ وقت. هن جو اِهو انداز سيني کي وڻندو هو ۽ چرچا (مذاق) جو وشيہ (موضوع) هوندو هو. پنهنجي رلڻي ملڻي سڀاءَ ڪري سماج ۾ ڪافي لوڪ پريہ (مقبول) هو. شاديءَ جي سڄي ڪاريہ (ڪم ڪار) ۽ بندوبست لاءِ هن جهڙو مئنيجر گهوٽ پيءُ بسنت لعل کي نظر نہ آيو.

ڄڃ وقت سر ڪنواريتن وٽ پهچي ويئي هئي. ڪنواريتن جي رهڻ جو بندوبست سندن مائٽن پنهنجي بنگلي تي ئي ڪيو هو. شادي ۽ رسيپشن هوٽل ۾ ٿيڻي هئي. رواج موجب پلئہ پليءَ جي رسم بنگلي تي پوري ڪري گهوٽ ڪنوار ٻاهر آيا. ڪار طرف وڌي رهيا هئا. گڏ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي ائنر ۽ ائنراٽين ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪجھ مٽ مائٽ هئا. مامي اڳتي وڌي ڪار جو پويون هڪ دروازو گهوٽ ڪنوار لاءِ کوليو. سندس ڌيان اندر هاريل ڪٽڪ طرف ويو. يڪدم اوچي آواز ۾ گهوٽ ڪنوار کي چيائين، ”ترسو اِتي.“ پوءِ ڇوڪريءَ جي ڀيڻ ۽ ڀيٽويئي کي ٻاڻ ڏانهن اچڻ جو اِشارو ڪيائين. ڪين ڪار جي اندر ڏسڻ جو اِشارو ڪري چيائين- ”هي ڇا؟“

ڇوڪريءَ چيو ”ڇا انڪل؟“

”هيءَ ڪٽڪ ڇو ڇٽي اتوّ؟“

”هي تہ تالهيءَ ۾ ڪٽي تي آيا تہ ڪجھ ڪٽڪ شايد هارجي ويئي هوندي.“

”اسان جي ڪار ۾ ڪير ڪٽڪ ڇو ڪٽي آيو. جو هارجي ويئي؟“ مامي جو آواز سخت ٿي ويو. پرسان بيٺلن مان ڪنهن بہ ڪڏهن هن کي اهڙي غصي ۾ نہ ڏٺو هو. مامو پنهنجو ٽريڊ مارڪ انداز وساري ويٺو. ائنر ۽ ائنرياٽي هڪا ٻڪا ٿي ويا. هو ڇوڪريءَ جا پريان مائٽ هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مامي چيو "ڇا ڇريو سمجهيو اٿوَ اسان کي؟" پرسان گهوتيتن جو ٿي ڪو نوڪر بيٺو هو ان کي چيائين. "اڙي وڃ اندران ڪو صفائيءَ لاءِ ڪپڙو کڻي اچ ۽ ڪجهه اگربتيون پڻ."

گهوٽ ۽ ڪنوار کي وري اُتي ترسڻ لاءِ اِشارو ڪيائين. جلد ئي ڇوڪرو ڪپڙو ۽ اگربتيون کڻي آيو. مامي کيس ڪار اندران چڱيءَ طرح صاف ڪرڻ لاءِ چيو. مامي جو غصو اڃا ٺڏو ڪونه ٿيو هو. کيس لڳي رهيو هو تہ ڪار صاف ٿيڻ ۾ دير ٿي رهي آهي چيائين. "اڙي ڇريءَ جا جلدي ڪرا" هو ويچارو تڪڙو تڪڙو ڪم ڪرڻ لڳو.

آواز ٻڌي بسنت لعل ٻاهر اچي چڪو هو. "ڪنعيا ڇا ٿيو؟ ڪجهه ڏيان رک سيٽن ۾ آيو آهين."

ڪنعيا لعل ڪجهه ٺڏو ٿيو. چيائين. "ان ڪري تہ سڀ سهي وينو آهيان." نوڪر ڪار صاف ڪري ڪٽڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪيي. مامي چيو "هاڻ ان کي ٻاهہ ڏيئي ڇڏ." پاڻ اگربتيون ٻاري ماچيس نوڪر کي ڏنائين. اگربتيون چڱيءَ طرح اندر ڪار ۾ گهمائي گهوٽ ڪنوار کي اچي وهڻ جو اِشارو ڪيائين. ڊرائيور کي چيائين. "مان وڃان. پنجين منٽين ڪان پوءِ تون اچج." بسنت لعل ۽ ڪجهه ٻين کي ساڻ ڪري ٻيءَ ڪار ۾ اچي وينو. ڪار پاڻ هلائڻ لڳو. شاديءَ واري هال ۾ اچي پهرين گهٽ ڪنوار جي ويڏيءَ واري بينڪ جو معائنو ڪيائين. ڪجهه اهڙي جهڙي ڳالهه نہ ڏسي ٺڏو ساهہ کنيائين ۽ مشڪي ڏنائين. بسنتلعل بہ مشڪي ڏنو پر چيائين ڪجهه ڪونہ.

هوڏانهن بنگالي اندر ڪنوار ماءُ پنهنجي ڀيڻ کي چئي رهي هئي "چندرا هو لبڙ تہ کڻي اچ."

"لبڙ ڇا ديدي؟"

"مٺي. باقي شاديءَ وقت ڇا ٿي وٺي هئينءَ؟ هو گلابي ساٽن واريون گديون."

"پر اهي تہ اڳ موڪلڻ کپنديون هيون نہ؟ ڇوڪرو ڇوڪري تہ پهچي ويا."

"ڇوڪرو ڇوڪري تہ برابر وڃي وينا هوندا. پر گديون رکڻ لاءِ کين اُتاري نٿو سگهجي ڇا؟"

"نيڪ آهي،تہ مان ترت نڪران ٿي، توهان بہ جلدي اچو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سڀ گڏ تا هلون. تون هڪ ڪم ڪج. هڪ گدي ڪاجل جي پيرن ۾ ٽنگن وچان ڪيدي چوڪري جي ڪرسيءَ تي رکج. پوءِ ٻي ڪاجل کي ڏج.“

”ان جو مطلب؟“

”توکي خبر نہ پوندي! پڇي تي لبڙ چا ٽيندا آهن.“

”پر ديدي ٻڌاءِ تہ سهين.“

”ان جو مطلب تہ چوڪريءَ جي لانگ هميشہ مٿان رهندي ۽ چوڪرو چوڪريءَ هيٺان رهندو جهڪي رهندو چوڪري راڄ ڪندي“.

”هونئن نہ ڪندي؟“

”چڱو جلد ڪر، چڏ بحث.“ ديويءَ ڪلندي چيو.

هال ۾ پهچي چندرا اسٽيج تي آئي. چيائين، ”اڙي هي گديون تہ وسري ويون هيون. گهوٽ ڪنوار ڏانهن اِشارو ڪندي چيائين، ”ياٿي اُٿو.“ هو اُٿيا. چندرا هڪ گدي هٿ مان وجڻ ڏني، جهڪي زمين تان کڻڻ وقت ڪاجل جي ٻن پيرن جي وچ مان ڪيڍيائين. اٿين ڪرڻ سان آهستي ڪاجل جي ساڄيءَ کي موڙتو بہ پيس. اها گدي هن نريش جي ڪرسيءَ تي رکي. مامو سامهون وينو هو ان کي هن ناٽڪ جي چاڻ نہ پئي.

ويڏي ۾ پيون وِڏيون سڪ سان پوريون ٿيون. مهمانن لنچ ڪجھ اول ئي شروع ڪري چڏي هئي. فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ ڪاجل جو پتا پرسرام اچي مامي سان گڏيو. پٺيان بسنت لعل بہ آيو. پرسرام هٿ جوڙي مامي کي چيو ”سيٺ ڪنعيالال معاف ڪجو. مون کي تہ انهن ڳالهين جي خبر ئي ڪونہ هئي.“

مامي مشڪي چيو ”چڏيو يار اسان تہ مڃيندا بہ ڪانہ آهيون اهڙين ڳالهين ۾.“

بسنت لعل چيو ”پوءِ ايترو غصي ۾ چو اچي وئين؟“

”خبر نہ آهي چو؟ شايد ان ڪري تہ ڪنهن اسان جو برو سوچيو آهي، اهڙو ڪجھ محسوس ڪري. دادا اهو ڪنهن جي منورتيءَ (ذهنيت) جو سوال آهي. اسان تي جادو ٽوٽا ڪري پنهنجي وس ڪرڻ ٿا چاهين. چو اسان اڙٻنگ آهيون؟“

بسنت لعل چيو ”چڏ انهن ڳالهين کي، اِهي ساڌو فقير ئي آهن. جي هن ريت ماڻهن کي گمراه ڪن ٿا. باقي ڪجھ ورڻو تہ ڪونهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”دادا ان ڪري تہ مون اگريتين مان ڪم ھلايو ورنہ اصل علاج منھنجي خيال، موجب ٻڪرين جي ڦُلڙين جو دونھون آھي.“ ڪنعيالال پنھنجي تريد مارڪ انداز ۾ اچي ويو ھو.

پرسرام وري ھٿ جوڙي چيو ”سائين معاف ڪندا، جو توھان جي دل کي رنج آيو آھي. مون کي سچ خبر نہ آھي تہ ھيءَ ڪنھن جي شرارت ھئي. سيٺ بسنت لعل جو چوڻ واجب آھي. مان بہ ھنن ڳالھين ۾ وشواس نہ ڪندو آھيان.“

مامو پرسرام جي بار بار معافي وٺڻ تي شرمسار ٿي رھيو ھو. چيائين، ”دراصل مون کي بہ اھڙي سخت نموني پيش نہ اچڻ کپندو ھو. ڪنھن جي مورکتا (بيوقوفي، اياٽپ) جي ڪري اسان ڇو پاڻ ۾ ڏنڊ ڏيون؟ معافي تہ مون کي وٺڻ کپي، توھان اسان جا بزرگ آھيو.“ ائين چئي پرسرام طرف جھڪيو تہ ھن پڪڙي کيس گلي لڳايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 2

ڪاجل جي ماءُ ديوي پنهنجن ڇهن ٻارن ۾ ٻينرن ۾ وڏي ۾ وڏي هئي. ديويءَ جي ماءُ جي طبيعت ڍلي ٿي چڪي هئي ۽ ڪمزوريءَ سبب گهرو ڪم جو بوجهه سهي نه سگهندي هئي. سياويڪ ديويءَ کي ماءُ جو هٿ ونائڻو پوندو هئو. نتيجي طور هوءَ گهڻو نه پڙهي سگهي، پر گهرو ڪم ڪار ۽ وهنوار ۾ ڪافي تيز ٿي ويئي ۽ ماءُ جو ساڄو هٿ هوندي هئي. ديويءَ ماءُ کي هر ڪو چوندو هو ته ڇوڪري ساهري ويندي ته تون ڇا ڪندينءَ؟ ديويءَ جي ۽ ان کان پوءِ واري ڀاءُ جي شادي گڏ ٿي. گهر ۾ هڪ ڇوڪري آئي ۽ هڪ ويئي.

ساهري گهر ۾ ديوي نندي نُنهن ٿي آئي. اڳتي هلي رفته رفته هن محسوس ڪيو ته هن کي وڏن سان پاڻ نهڪائڻو پوندو ورنه گهر ۾ شانتي نه رهندي. پر هوءَ پاڻ نهڪائي نه سگهي. گهر جي ڪم ڪار ۾ ايترو چاهه نه وٺندي هئي، حالانڪ ڪافي هريل هئي. ڪير به ايندو ويندو هو ته ان سان ڳالهين ۾ ويهي رهندي هئي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ حاضر جواب هوندي هئي. منهن تي هميشه مشڪ نمودار هوندي هئس. آواز منڙو هئس. هن جو انداز ٻاهرين کي ته خوب وڻندو هو پر گهر ۾ هن جو وهنوار ڪنهن کي راس نه ايندو هو. گڏيل ڪٽنب هو. ڪم ڪار ۾ هو نُنهن کي پنهنجو يوگدان (حصو contribution) ڏيڻو هو. هن جي سس به پڄنديءَ آهر هل هل پئي ڪندي هئي، پر هيءَ ستسنگن مان اُوچي ڪونه ايندي هئي. ڪاجل ۽ اندر جي ڄائي کان پوءِ گهر م گهيپي ۽ ڪِل ڪِل وڌي ويئي. جيئن جيئن ٻار وڌا ٿيڻ لڳا، تيئن تيئن هر ڪنهن جي من ۾ تيسو ۽ ساڙ وڌڻ لڳو. آخر نوبت ٻارن جي ڌار ٿيڻ تائين پهتي.

ان وچ ۾ ديوي سست ٿي چڪي هئي. ڪاجل اڃا ننڍي هئي. ڌار ٿيڻ سان ڪم جو سڄو بوجهه سندس مٿان اچڻو هو. ڇڻن ٻاتين لاءِ ڇا نٿو ڪپي. سڄي گهر جو ڪم ۽ مٿان آيو ويو. ڪم اهڙو ۽ ايترو ڪونه هو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو تڪائي. مُول ڳالهہ هئي تہ هِن اون ۾ الڪي ڪان سواءِ بنداس رهڻ پئي چاهيو. گهر جي جوابدارين سان تائيم ٽيبل تي هلڻ ضروريَ هو. اهڙا بنڌن هن لاءِ بوجهہ هئا. هوءَ اڪثر چنتا ۾ رهڻ لڳي تہ ڪيئن بہ ڪري ڪجهہ وقت ڳڌ ڪڍجي. پئسي ٽڪي جي هن کي ڪڏهن بہ گهر وارن سان شڪايت ڪانہ هئي. نہ ئي ڪپڙي لٽي يا ٻارن جي پالڻ پوسڻ ۾ ڪنهن کي ٻيائي هئي. هن جي وڏي ڏيراڻيءَ کي بہ ڌيءَ پٽ هئا. پٽ وڏو هئس ۽ نُنهن اول اچڻ واري هئس. سس پڻ ان سان ڳڏ رهنٽي هئي.

پائرن جو ڌنڌو ڳڏ هوندو هو. مارڪيٽ مان ڪجهہ پئسا ڪنيل هئن. ٻنهي ڀاڻ ۾ ڳڏجي فيصلو ڪيو تہ جيستائين قرض مڪمل ريت نہ لٿو آهي، تيستائين گهر جو گاڏو ائين ئي هلڻ ڏيون. ٻنهي زالن کي پاڻ نهڪائٽو پوندو ۽ ان لاءِ بہ هنن ڪوشش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

انهن ڏينهن ۾ ستسنگ ۾ هڪ مهراج آيو. ستسنگياٽين جو چوڻ هو تہ پهتل مهاتما آهي ۽ پڳتن جا ڏک دور ڪرڻ لاءِ رام ٻاڻ ڏس بہ ڏئي ٿو تہ منتر بہ. ڪيترن جي من جون منشائون هن جي مارگ درشن سان پوريون ٿيون آهن. ديويءَ جي اِچا ٿي تہ هن مهاتما کان ڪجهہ ڏس وٺجي. هوءَ مهاتما گرداس وٽ وڃي پنهنجي من جا ڏکڙا روئي آئي. صرف ڏيراڻيءَ جي هٽ ڪري اسان جو سرڳ جهڙو گهر اُجڙي رهيو آهي. ڌار ٿيڻ سان ترقي رڪجي ويندي. ٻارن جي آئيندي تي اثر پوندو ۽ گهر جي ٻَڌي نشٽ (تباھ) ٿي ويندي. سوامي جن هن کي دلداري ڏيندي چيو "پٽ تون چنتا نہ ڪر. تون گهر جو ڀلو سوچي رهي آهين. ڀڳوان پاڻ بہ اهڙين ڪامنائن (خواهشن) جي پورائيءَ لاءِ مدد ڪندو آهي." سوامي ڪجهہ منتر پڙهڻ لڳو پوءِ اکيون کولي چيائين، "ڪجهہ پوڄا پاٺ ڪرڻو پوندو."

"ڀلي! ڪيئن ڪبو؟" ديويءَ نمرتا سان هٿ جوڙي پڇيو.

"وڏيءَ سان ڪرڻو پوندو. تنهنجي نمت مان سياٽي آشرم ۾ وڃي ڪندسَ." سواميءَ جو آشرم اُجين ۾ هئو. ديويءَ ڏکڻا ڏيئي، پيرين پئي سواميءَ کان آشيرواد ورتي. سواميءَ چيو "هر ڇنڇر تي نيم سان ايڪاٽو رکڻو ۽ هنومان جي مندر تي وڃي ناريل چاڙهڻو پونديءِ."

"جي." ديويءَ چيو.

"ايندڙ ڇنڇر تي اُجين اچي پوڄا جو پرساد وٺي وڃج. بهرحال هي ليمو ۽ ڪارو ڌاڳو پنهنجي ڏيراڻيءَ جي وهاڻي هيٺان هڪ رات لاءِ رکج." پاڻيءَ ڀريل بوتل ڏيندي چيائين، "هن مان ٿورو ٿورو پاڻي ڪري پورا ست ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڏير کي پيار سندس پيئڻ واري پاڻيءَ ۾ يا چانهه وغيره ۾ ملائي.“ وري هڪ ٻيو ڌاڳو ڏيندي چيائين، ”هي پٽيءَ جي ٻانهن تي سِتن ڏينهن لاءِ ٻڌڻو پوندءِ ته جيئن نظر نه لڳي.“

”ست وچن“ چئي ديوي گهر آئي.

پرسرام کي ڌاڳو ٻڌڻ عجيب لڳي رهيو هو پر ديويءَ جي دل رکڻ لاءِ ٻانهن ۾ ڪٽي ٻڌائين. باقي ڏس ديويءَ هوشياريءَ سان پورا ڪيا. هفتي کن ۾ ئي هن کي ڏير ۽ ڏيراڻيءَ جي وهنوار ۾ فرق نظر آيو. هن جو من وڌيو ۽ سوامي گرداس جو گهر ۾ دخل. جيناننڊ کي گهر ۾ هي سڀ ڪجهه نه وڻندو هو. هميشه ڪنهن نه ڪنهن بهاني گهر ۾ پوڄا پيئي ٿيندي هئي. سواميءَ جي هر مهيني ٻئي حاضري هوندي هئي. ليما ۽ ڪارا ڌاڳا گهر ۾ عام رواجي ٿي ويا هئا. هڪ دفعي جيناننڊ بيمار ٿي پيو. بيماري ڪجهه لمبي هلي، ته پدما چيو ”مون کي ته وهم ٿو پوي. آخر هي سڀ جادو ٽوٽا ڇا لاءِ؟ هن گهر ۾ ڪير ٿو ديويءَ جو برو چاهي، جو هي سڀ ڪجهه ڪري رهي آهي.“

جيناننڊ کلي چيو ”چري! ڇا ٿيندو هن مان. ڪرڻ ڏينس جيڪو ڪرڻو اٿس.“

”مون کي ته نٿو وڻي. ڪا مهل نه ڪنهن جهڙپ. سچ پچ ڪجهه ٿي پوي ته اسان جو ڪير؟“

جيناننڊ ڏسٽي آڱر متي ڪندي چيو ”اهو ڄاڻٺهار! اهو ته ڄاڻي ٿو اسان ڪنهن جو برو نه ڪيو آهي ۽ نه سوچيو آهي.“

”خير جيئن نيڪ سمجهو مان ته پنهنجي ڏير کي ٿي ڏسان.“

هوڏانهن ديويءَ جو چوڻ هو ته هوءَ هي سڀ ڪجهه پريوار جي ڀلائيءَ لاءِ ڪري رهي آهي. پرسرام انهن ڳالهين ۾ نه مڃيندو هو پر پٽنيءَ جي دل رکڻ لاءِ فرمانبرداريءَ سان ڪجهه قبوليندو هو ته ڪجهه نظرانداز ڪندو هو. ياءُ کي چوندو هو ”ياڻُو مون ته چڙي ڏنو ٿيمانس. ڇا ڪريان هن جو سياءُ ئي اهڙو آهي. جيڪڏهن ڪجهه چوان ٿو ته حقون به ناحق پنڻ ٿو پيدا ٿئي!“ ۽ ائين ديويءَ جو من وڌندو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 3

ڪاجل تي نندي هوندي کان ئي ڪم جو بوجھ وڌڻ لڳو. ديوي هن معاملي ۾ ڪافي خود غرض ثابت ٿي. ڪاجل مان جيترو ٿي سگھندو هو ڪم ڇڪيندي هئي. ڏسي ڏسي آخر پرسرام کي غصو آيو. چيائين، "ڪجھ نياڻيءَ جو خيال ڪر. هن کي رڳو ٻانهڪو پورهيو پئي سيکارين. پڙهڻ ۾ پوئتي پئجي رهي آهي."

"مان ٻه ڇا ڪيان؟ اڪيلي آهيان. سڀ ڪم ته ڪري نٿي سگھان."

"ڪم! ڪم!! آهي ڪيترو ڪم، جو تون نٿي ڪري سگھين؟ اڃا ٻيڙي ڪونه ٿي آهين. ڪاجل فري وقت ۾ هٿ ونائيئي ته نيڪ آهي."

هونئن ٻه ديويءَ پرن ڪيو هو ته ڪاجل ۾ اندر ڪنهن ٻه حالت ۾ پدما جي ٻارن کان گهٽ نه پڙهندا. ڪاجل جي پنيان ڇئه ڇئه ڪندي رهندي هئي ته ڪجھ ڪلاڪ گهر ۾ ضرور پڙهه. ان کان سواءِ ڪاجل کي ڪاليج لاءِ ٽائيم ٻه ته ڪيڏٺو هو. پوءِ گهر جي ڪم کي ڪيترو پهچي سگھندي؟ پرسرام جي ڪمائي سٺي ٿيڻ لڳي هئي. ياٿرن ڏنڏا ٻه الڳ ڪري ڇڏيا هئا. نيٺ گهر ڪم لاءِ فل ٽائيم نوڪر رکيو ويو. هو رسوئي ٻه ڪندو هو پر ديک ريک جي جوابداريءَ جو وڏو حصو ڪاجل جي پلئه پيو. ڪاجل رسوئي ڪلاس جائن ڪرڻ جي اِڇا ڏيکاري ته اڄڪلھ جي زماني موجب چائينيز ۽ ڪانٽينينٽل وغيره رڌ پچاءَ جا نمونا سکي اچان. ديويءَ چيو "اسان کي ته شوق ڪونهي. چوري ساهرا ٻه خبر ناهي ڪهڙا ملنئي. اجايو وقت برباد نه ڪر. ان کان سٺو ته وڌيڪ پڙهه."

پدما جي ڇوڪريءَ ايم.اي. پاس ڪئي. ڪاجل ٻه ڪئي. ٻنهي جي اُٿڻي ويهڻي ۽ سماج طرف نظريو ڪافي الڳ هو. هوءَ زماني انوسار هر فن موليُ هئي. ڪمپيوٽر ٻه چڱيءَ طرح سکي هئي ته اسڪوٽر ۽ ڪار پڻ. ڪاجل هڪ گهريلو ۽ سادي ڇوڪري ٿي رهي، جو هي سڀ ڳالهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديويءَ کي فالتو لڳنديون هيون ۽ ائين ڪاجل جي دماغ جو وڪاس (اوسر، ترقي) جهڙي نموني ۽ جيتري قدر ٿيڻ ڪپندو هو، سو نہ ٿي سگهيو.

ديوي ڪڏهن ڪڏهن ڪي پاڻ سان گڏ ستسنگ تي وٺي ويندي هئي. خاص ڪري جڏهن سوامي ايندو هو. اُجين پڻ وٺي ويندي هئس. ڪاجل کي ڪڏهن بہ ائين سوچڻ جو موقعو نہ مليو تہ آخر هي سڀ ڳالهيون جيون ۾ ڇو ضروري آهن. ستسنگ ۾ نوجوان ڇوڪريون ايڪڙ ٻيڪڙ ايندييون هيون ۽ ڪاجل انهن مان هڪ هئي.

ڪاجل نريشِ جي ماءُ پيءُ جي پسندي هئي. مائٽي بسنت لعل جي هڪ سٺي دوست ڏسي هئي، جو هنن جي شاديءَ کان اول ئي آمريڪا پٽ وٽ دائمي طور رهڻ وڃي چڪو هو. اوائلي ڳالهيون طئہ ٿيڻ کان پوءِ نريش ڇوڪري ڏسڻ اندور ويو. ڏسڻ ۾ ڇوڪري هر لحاظ کان سٺي هئي. لنبي، گوري، سرهائيدار گردن ۽ ڪشش ڪندڙ روش، ايم.اي. پاس هاير مڊل ڪلاسَ فئملي، ٻيو ڇا کپي؟ نريش کان پڇيو ويو تہ هو ڇوڪريءَ سان اڪيلي ۾ ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيندو؟ هن ضرورت نہ سمجهي. هونئن بہ ڪجهہ منٽن يا ڪلاڪن ۾ ڪهڙي تي خبر پئجي سگهي. وڏي ڳالهہ تہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ بلڪل فارمل ۽ سنڪوچ (اطمينان) واري ماحول ۾ ٿئي ٿو. ڇيائين، ”نہ، ڇا ڳالهائبو. باقي ڪاجل کي ڪجهہ پڇڻو هجي تہ حاضر آهيان.“ هن جي ائين چوڻ تي سڀ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا هئا.

هني مون واري هفتي ۾ نريش ڪاجل جي باري ۾ ڪي قدر پنهنجو رايو ٺاهي سگهيو هو. هوءَ حاضر جواب تہ خوب هئي. ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪجهہ نہ ڪجهہ جواب هن وٽ تيار هو ئي هو پر اڪثر اڻ ٺهڪندڙ. هوءَ تيز فهم ڪانہ هئي. وهنوارڪ گيان تعليم جي پيٽ ۾ ايترو نہ هئس. نريش سوچيو هوءَ گهرو ماحول کان ٻاهر اُٿيل ويٺل نہ آهي، اخبار هن عمر ۾ نہ پڙهي هئي ۽ نہ ئي ڪا سٺي مئگزين. ڪي فلمي يا زناني وشين جون مئگزنون هٿ اچي ويندييون هئس تہ ٿورو گهڻو پڙهندي هئي. اسڪول ۽ ڪاليج جي ڪتابن کان سواءِ ساهتيہ (ادب) تہ هن ڪونہ پڙهيو هو پر ڏرمي ڪتاب بہ نہ. فلمن ۾ بہ هن جي پسندگي ذهين طبقي جي ڪانہ هئي. آهستي آهستي هنن ڳالهين جي ڪري ڪاجل ۾ نريش اڳيان احساس ڪمتريءَ جي پاونا پيدا ٿيڻ لڳي. آتم وشواس (خوداعتمادي) جي ڪوتاهي تہ هونئن ئي هئي. نريش کي ڪاجل جي هن آتم هيٺتا (احساس ڪمتريءَ) تي ڪجهہ دکہ ٿيڻ لڳو تہ ڪجهہ قياس اچڻ لڳو. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيو اجا شادي ڪئي ڏينهن ئي ڪيترا ٿيا آهن. اڳتي هلي هن ۾ چاهه وڻي آتم وشواس پيدا ڪرڻو پوندو. هڪ پڙهيل چوڪريءَ لاءِ ان ڏس ۾ گهربل قدم کڻڻ ڪا مشڪل ڳالهه نه آهي. خاص ڪري جڏهن پنيان کي همت افزائي ڪرڻ وارو سڄڻ آهي ته.

ڪاجل نريش کي ٻڌايو ته هوءَ گهرو ڪم ۽ رسوئيءَ ۾ ڪافي پري پورڻ (مڪمل چاڻ رکڻ واري) آهي. هن جي ماءُ خاص طور اهڙين ڳالهين تي وڌيڪ ڌيان ڏنو هو. جو هن جي ويچار موجب ساهرن ۾ اهوئي سڀ ڪجهه ڪم اچي ٿو. بيوٽيشن ۽ سلائي ڪورس وغيره پراڻن خيالن واريون چوڪريون ڪن ٿيون. انهن لاءِ بيوٽي پارلر ۽ ٽيلر آهن ئي. پلي خرچ ٿئي ته ٿئي، پر ڪاڏي لاءِ ماڻهو هوٽلن ۾ روز روز ڪونه ويندا آهن. نريش کي انهي ترڪ ۾ ڪجهه وزن ته لڳو پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته شخصيت جو چؤمکي اضافو ڪندڙ عناصرن مان ڪجهه به نظرانداز ڪجي. نريش پاڻ کي سنتوش (تسلي) ڏيڻ لاءِ وري سوچيو اجا ڪجهه ڏينهن ته ٿيا آهن. رايي قائم ڪرڻ لاءِ بلڪل ٿورو وقت ٿيو آهي. هن پرن (پڪو پهه) ڪيو ته اڳتي هلي ڪاجل ۾ چاه وڻي هن کي ذهني سطح تي پاڻ سان کڻي ايندو. باقي ٻيءَ طرح ته پياري چوڪري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 4

شاديءَ ڪانپوءِ ڪاجل پهريون دفعو پيڪي ويئي. نريش کي آفيس ۾ ڪجهه مشغوليون هيون. ان ڪري اِندر ونڻ آيس. هونئن به ڪاجل جيترو وقت رهڻ پئي چاهيو اوترو نريش لاءِ ممڪن نه هو. پڇاڙيءَ جا ٻه ٽي ڏينهن اچي، اندور ۾ آسپاس گهمي ڪاجل سان گڏ واپس موٽڻ جو واعدو ڪيائين. تڏهن ڪاجل اڪيلو پيڪي وڃڻ قبوليو.

اندور پهريان ٻه ٽي ڏينهن ته ساهيڙين سڏن سان گڏجڻ ۾ گذري ويا. ديويءَ هڪ ڏينهن لاءِ اُجين جو پروگرام ناهيو. ڪاجل کي اُن وقت اُجين وڃڻ جي اِڇا (مرضي) ڪونه هئي. مميءَ کي چيائين ته نريش جي اچڻ تائين ترس ته پوءِ گڏ هلنداسين. پهريون دفعو ساهري اچي رهيو آهي. ڪيڏانهن ته گهمڻ هلبو نه. ديويءَ جو چوڻ هو گهمڻ لاءِ ٻيون ٻه گهٽيون جڳهيون آهن. اُجين سوامي جن جي آشرم ۾ هو بور ٿي پوندو.

”پر ممي اُتي هلي، سوامي جن جي آشرم ۾ وڃڻ ضروري آهي ڇا؟“

”ها نه ته! ان ڪري ته اُجين ٿا هلون. سوامي جن کان هلي آشيرواد وٺي اچ. ساهرن ۾ سکي رهندينءَ. راڄ ڪندينءَ.“

”هينئر به سڀ سک آهن.“

”ڀڳوان ڪندو ڪنهن جي بري نظر نه لڳي، پر پٽ ڪنهن وقت ورائي ڪونه ڏنو آهي. منهنجي اِڇا آهي ته منهنجي ڌيءُ ساهري گهر ۾ راڄ ڪري.“

”اڪيلي ئي ته آهيان. ڪا ڏيرياڻي نه آهي، نه ايندي.“

”ائين نه آهي. گهر ۾ نڻان اٿيئي، سس ۽ سهرو اٿيئي. انهن سڀني سان نباهڻو اٿيئي. سدا جڙيو نريش لڳي تو ڪنهن جي ڳالهين ۾ اچڻ وارو ڪونه آهي. پر هي ٿيئي جڻا جي گڏجي بهن ته هو ڪيڏانهن ويندو. ان ڪري سوامي جن کان رهبري وٺندي رهه.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر ممي اجا تہ ڪو پرابلم ڪونہ ٿيو آهي. ان ڪان اول هي سڀ ڪجھہ ڇو؟ پاڻيءَ ڪان اول ڪپڙا لاهڻا.“

”تون ڳالھہ سمجهين نٿي.“ ديويءَ ڪڪ ٿيندي چيو. ”اجايو پئي بحث ڪرين. مون ڪٿي چيو تہ پرابلم آهي. منهنجو اُپديش (حڪم) آهي تہ تون هي سڀ ڪجھہ ڏسي ٻڌي ڇڏ. ڀڳوان نہ ڪري ڪڏهن ضرورت پوي تہ سوامي جن جو مارگ درشن حاصل ڪرڻ تنهنجي ڌيان ۾ هجي.“

”چڱو بابا هلون.“ ڪاجل چيو. هوءَ سوچي رهي هئي تہ نريش جي اڳيان سندس من ۾ جيڪي احساس ڪمتريءَ جا ڀاو جاڳن ٿا. ان باري ۾ شايد سوامي جن وٽان ڪو مارگ درشن ملي ۽ آتم ٻل (خوداعتمادي) پيدا ٿئي. وري ڪلي چيائين. ”يلا ممي توکي بہ ڪڏهن سوامي جن جي مارگ درشن جي ضرورت پئي هئي؟“

ديويءَ بہ ڪلي چيو ”چري. نہ تہ هيڏي وڏي ڪٽنب ۾ گذر ڪرڻ سولو هو ڇا؟ اج ڀڳوان جي ديا آهي. تنهنجي پتا جو سڀاءُ ڪيڏو گرم هوندو هو. توکي ياد آهي نہ؟ ۽ هاڻ ڪيترو نہ فرق آهي. اتي بہ توکي سيني سان منهن ڏيڻو آهي. گهر ۾ سڀ سٺا آهن. پر ڪير ٻاهر وارو پڙڪائي تہ ڪجھہ بہ ٿي سگهي ٿو. مون ڪيترا مثال ڏٺا آهن. گهر وارن کي ڏيتي ليتيءَ جي نہ پئي هوندي آهي. پوءِ ڪنهن جي پڙڪائڻ سان گهرون شروع ٿي ويندي آهن. اسان تہ هر واجبي گهر پوري ڪري سگهون ٿا. پر ان وچ ۾ توکي تڪليفون ڏيڻ شروع ڪن تہ مان تہ ڪٿي جي نہ رهندس.“

”هو ڏيتي ليتي توکان ڪونہ گهرندا.“

”اڙي مان چوان ٿي ڪو پڙڪائين تہ ڇا؟ ديويءَ وري خفي ٿيندي چيو.

ڪاجل ڪلي چيو ”ڇڏ هاڻ. سياٽي هلون ٿا نہ.“

مطلب تہ ديويءَ جي دماغ ۾ جا ڳالھہ پرجي ويئي هئي. ان کي ڪنهن بہ حالت ۾ پورو ڪرڻو هئس. انڌا منڊا بهانا ڏيئي ڪاجل کي نيٺ راضي ڪيائين. پر نريش کي اُجين وڃي هلڻ ڪان ڪترائي رهي هئي.

نتيجي طور ڪاجل ڪجھہ ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن نريش سان واپس ٻڙودا پئي موٽي تہ ڪار ۾ سواميءَ جي ڏنل سامگريءَ جو هڪ پارسل پڻ هو. ڪجھہ ليما. ڪجھہ ڪارا ڌاڳا. پيوتي ۽ ڀاٽي وغيره. باقي هن جا اُپديش (حڪم) تہ هوءَ دل ۽ دماغ ۾ ڪٽي پئي ويئي. سس ۽ ننڊان سان ڪيئن هلڻو پنهنجي خودي ڪيئن ۽ ڇو برقرار رکڻي؟ اهڙن ڪجھہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وشين تي سواميءَ ڪيتريون سکيائون ڏنيون. ڪڏهن به ڪنهن جي اڳيان نه جهڪٽو. ساڳئي وقت بي ادبيءَ جي جهلڪ سڌي يا اڻسڌي نموني نظر نه اچڻ کپي. سڀ سمجهائڻ کان پوءِ ڪاجل کي پنهنجو عقل واپرڻو هو ته ڪهڙي موقعي تي ۽ ڪنهن جي اڳيان ڪهڙي اُپديش جو اُپيوگ ڪجي. ڪاجل کي هن جي اُپديشن سان نباهڻ جو عقل يا ڏانوَ ڪيترو آهي، ان جي سواميءَ پرواهه نه ڪئي.

بڙودا پهچڻ سان ڪجهه ڏينهن ته ڪاجل کي گهر جو ماحول بدليل بدليل پئي لڳو. سواميءَ جي ڳالهائڻ ۽ ان جي انداز ڪاجل جي من تي ڪجهه ته ملمعو چاڙهي ڇڏيو هو. عقل سان سوچڻ جي شڪتي (سگهه) مرڻ لڳي هئي. هن جي من ۾ اختياريءَ جي ڏاجهه گهر ڪري رهي هئي. پريوار توڙي سماج ۾ ڪيئن پنهنجي اهميت قائم ڪري، اُتندي وهندي اهوئي پئي سوچيندي هئي، پر ائين ڪونه سوچيائين ته اهو ڇو ضروري آهي ۽ ان لاءِ ڪهڙو موقعو ۽ طريقو موزون تي سگهي ٿو. ساهري اچڻ کان پوءِ چوڏيواريءَ ۾ ٿي ته ويئي آهي. اندور اچا ڪڏهن ڪڏهن ستسنگ تي ماءُ سان گڏ ويندي هئي، پر هت ته گهر ۾ ڌارمڪ ويچارن ۽ رسمن طرف ڪنهن جو لاڙو ئي ڪونهي. ها ڪڏهن ڪڏهن پڪچر تي ضرور ويندا آهن. فلمون هت سندس پيڪي گهر کان وڌيڪ ڏسندا آهن. حالانڪ اُتي به ڪنهن کي ڪا جهل منع ڪانه هوندي هئي.

هوءَ سوچڻ لڳي گهرو ماحول کان ڪڏهن ڪڏهن ته باهر نڪرڻ گهرجي. گهمڻ لاءِ به ڪيترو؟ سڄو بڙودو گهمي چڪي آهي. اُتان جا باغ باغيچا ۽ سڀ اتهاسڪ جڳهيون به ڏسي چڪي آهي. وري وري انهن هنڌ وڃڻ جو ڪو مطلب نه هو ۽ نه ئي ڪا ڪمپني ملڻ جو آسرو هو. ائين ڪيس ڏيان آيو ڇو ڪونه چندرا ماسي واري ڪِٽي پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿجي. هونئن به چندرا اڪثر کيس چوندي رهندي هئي ته سڄو ڏينهن گهر ۾ ويهي ڇا ڪندي آهين. ائين ته دماغ تي ڪٽ چڙهي ويندءِ. باهر نڪر ته دنياداريءَ ۾ ماهر ٿيندينءَ. هڪ ته سماج ۾ ڇا وهي واپري ٿو سا خبر پوندءِ، بيو ڪجهه جنرل ناليج به وڌندءِ. سماج جي ريتن رسمن جي خبر پڻ ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ سان پوي ٿي.

چندرا کي فون ڪيائين. چندرا چيو "بئي دفعي جڏهن پارٽي ٿئي ته مون سان گڏ هلج. توکي ميمبر طور هر ڪو خوشيءَ سان سويڪار ڪندو پر سس کان موڪل وٺي ڇڏج."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”موڪل وري ڇاجي؟ ڪن تي ڳالهہ وڃڻ ٿي ڪافي آهي.“

”ڇري سس جي سس ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪر. گهر وارن جي رضامندي ضروري آهي. سياڻي تنهنجو وارو ايندو پوءِ ڪيئن پارٽي ڪندين؟“

ڪاجل ترت ئي پاڻ سنڀالي ويئي. چيائين، ”منهنجو مطلب آهي تہ موڪل صرف ڳالهہ ڪرڻ سان ملي ويندي. تون ڪونہ سڃاڻين منهنجي سس ۽ سهري کي، هو آزاد خيالن جا آهن.“

”چڱو نيڪ آهي. مان پوءِ فون ڪنديسانءِ.“ چندرا فون رکي ڇڏيو.

ڪاجل اچي ڊرائنگ روم ۾ ٽي.وي. چالو ڪري ويٺي. ايتري ۾ ونيتا ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي ڊرائنگ روم ۾ آئي. ”ونيتا ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“ ڪاجل پڇيو.

”نيتوءَ جي گهر! اڄ سندس جنم ڏن آهي.“

”پوءِ ٻڌائي تہ وڃ نہ؟“ ڪاجل جو آواز ڪجهہ رُکو هئو. ونيتا ان طرف ڌيان نہ ڏيندي چيو ”مميءَ کي ٻڌائي آئي آهيان.“ اڳتي وڌي ڪاجل جي ڳل تي هلڪي ٿڦڪي هڻندي چيائين، ”منهنجي پياري ڀاڀي، جي ٻاهر وڃڻو آهي تہ گهر جي وڏيءَ کي ٻڌائڻ ئي ڪافي آهي“ ۽ هوءَ ٻاهر نڪري ويئي. ڪاجل کي ونيتا جو اهو مستيءَ وارو انداز ڪجهہ بي ادبيءَ ڀريو لڳو. ڏکهو ساهہ کڻي پاڻ کي وڌيڪ ڪجهہ چوڻ کان روڪي ورتائين. کيس احساس ٿيو تہ گهر جو وڏو ڪوئي ٻيو آهي.

ڪاجل جو خيالي گهوڙو وري ڊوڙڻ لڳو. هوءَ سوچڻ لڳي آهستي آهستي ونيتا جو ڪجهہ ٻلو ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن هيءَ ننڍي ئي هن کي نہ ليکيندي تہ پوءِ ٻيو تہ هر ڪو کيس نظرانداز ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 5

ڪِتي پارٽيءَ ۾ وڃڻ لاءِ ڪاجل سوچيو پھرين نريش سان ڳالھہ ڪيڻ سنو ٿيندو. نريش پاڻ ڪاجل کي وڌيڪ اُتساهت ڪيو. سندس چوڻ هو تہ ڪِتي پارٽين مان انيڪ فائدا آهن, بشرطيڪ گروپ ۾ گھٽائي ٻُڌي جيوين (سمجهدار) جي هجي. اڪثر ٻڌو ويندو آهي تہ ڪيترين پارٽين ۾ صرف ڪاڏي پيتي ۽ پاڻ پڏائڻ ۾ وڌيڪ وقت ضايع ڪيو ويندو آهي, چميگويون ۽ پرائي پچار چرچا جا وشيہ هوندا آهن. اهي سڀ ڳالهيون اڳتي هلي پريوار رشتيداري ۽ ياريءَ ۾ غلط فهميون پئدا ڪن ٿيون ۽ هڪ ٻئي لاءِ من دک بہ, پر جيڪڏهن گروپ ۾ ڪي سمجھُو آهن تہ گھٽو ڪجھہ سکڻ لاءِ ملي ٿو. گروپ ۾ ميل ميلاپ وڌي ٿو سماج ۽ سنسار ڏانهن نظريو وشال ٿئي ٿو. دنياداري ۽ روزمره جي وهنوار لاءِ ڪھڙا اصول اپنائجن, ان جي چنڊڇاڻ ٿئي ٿي. ريتن رسمن جي پڻ چنڊڇاڻ ٿئي ٿي تہ ڪھڙا رواج ڇڏي ڏجن ۽ ڪھڙن کي اوج ڏجي. سڀ کان وڌي ڳالھہ تہ آتم وشواس پيدا ٿئي ٿو جنهن جي ڪاجل ۾ ڪجھہ ڪوتاهي آهي. اِهو آتم وشواس ئي آهي, جو جيون ياترا ۾ رهبري ڪري ٿو. ڪاڏي, ڪپڙي, لٽي, فئشن چاهي پڙهائيءَ ۽ صحت جي معاملي ۾ ڪھڙا نوان طور طريقا اچن ٿا يا پريوگ ٿين ٿا, تن جي پڻ هن ريت ملڻ سان خبر پوي ٿي.

ها گروپ ۾ ريس پڻ ٿئي ٿي. جيڪڏهن ساڙ وير کي وساري, ان ريس جي دشا (رُخ) سنين ڳالهين طرف موڙجي تہ ترقيءَ جون راهون کلي سگھن ٿيون. هڪ ٻئي جون سٺايون ۽ خاصيتون نہ صرف اپنائڻ گھرجن, بلڪ ان جو ڦھلاءُ پڻ ڪرڻ گھرجي.

نريش جي اُپديش هڪ طرف ڪاجل کي همٿايو تہ ٻئي طرف ڪاجل ۾ ڪجھہ ڪري ڏيکارڻ جي اِڇا پربل (سگھاري) ٿيڻ لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِني پارٽيءَ ۾ اڄ ڪاجل جو پهريون ڏينهن هو. اڄ جي ميزبان چندرا هئي. هوءَ وچولي عمر جي هئي، پر گروپ ۾ ڪاجل ننڍي هئي. هوٽل جي روم ۾ سوفا ۽ ڪجهه ڪرسيون پيل هيون. گروپ ۾ ٻارهن ليڊيز هيون. اڃا صرف نون ڄڻين جي حاضري هئي. اڌ ڪلاڪ ليٽ جي باوجود باقي ٽن ڄڻين جي اچڻ جو انتظار هو.

چندرا چيو ”هلو پاڻ ته هلي وهون، باقي پاڻيهي ايندِيون.“

ڪنهن چيو ”ٻين جي ته خبر نه آهي پر نيلم پڪ ڏني هئي ۽ ضرور ايندي.“

ٻيءَ ڪنهن چيو ”مئي ويئي هوندي ڏيءَ پنيان.“ ۽ ائين ڳالهين جو سلسلو چالو ٿيو. ”مائي ڊيٽس به حد ٿي ڪري. اڃا عمر ئي ڪيتري اٿس، نه ڏسي ڏينهن، نه ڏسي رات، پئي رلي ڊانس پارٽين ۽ هوٽلن ۾.“

”اڃا ته ڪاليج به پورو ڪونه ڪيو اٿائين.“

”اهڙيون ڇوڪريون وري ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ ٿوري ئي ويندِيون آهن.“

”نيلم پاڻ به ته آزاد خيالن جي آهي.“

”اسان وري ڪهڙو آزاد خيالن جون نه آهيون.“

”اسان ۾ ادب ۽ فضيلت ته آهي نه.“

”ٻڌو اٿم ڇوري ڪنهن ڇوڪري سان پئي اسڪوٽر تي رلندي آهي.“

بحث شروع ٿي چڪو. هر ڪنهن ڀاڱ (حصو) پئي ورتو. صحيح معنيٰ ۾ اهو بحث نه هو پر هر ڪنهن پنهنجا پنهنجا ويچار پئي پيش ڪيا ۽ وشيه جي پنهنجي ڄاڻ سيني سان ونڊڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، سڀ ايتري تڪڙ ۽ اُتسڪتا (تجسُس) سان جيئن پاڻ رهجي نه وڃي.

هڪ عورت، جا گروپ ۾ وڏي عمر جي پئي لڳي، چيو ”مئيون هي سڀ چا پيون چئو. جيڪڏهن نياٽيءَ جو ڪنهن سان رستو آهي ۽ ڇوڪرو سٺو آهي- پاڻ ۾ شادي ڪن ته ان ۾ ڪهڙو اهم آهي؟“

”پر آنٽي شادي ڪن تڏهن نه؟“

ائين ئي نيلم در کولي روم ۾ داخل ٿي. وشيه بند ٿي ويو. چندرا چيو. ”اڄ يار تنهنجو ئي انتظار هو، دير ڇو ڪيئي؟“

”اڄ شيام سندس پتيءَ جي طبيعت ٺيڪ ڪونه هئي ۽ موڪل ڪئي اٿائين. دوا جو ڊوز ونڻ سان آرام آيس ته مان هلي آيس.“

ڪنهن چيو ”چڱو ٿيو. آئينءَ ته سهي. ليٽ ته ليٽ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ عورت چيو "مان تائليٽ مان تي اچان تي. ڊائبٽيس ڏاڍو تنگ ڪيو آهي."

نيلم چيو "تي اچ اندرا. پوءِ هڪ نئين دوا ٻڌايانءِ تي." اندرا اُٿي ٻاهر ويئي. ڪنهن چيو "ڏيئرن جي تي ڳالهه ڪيوَ. ڏسو هن اندرا کي ڪيئن نه پٽ موڳو ڪري ڇڏيو آهي."

"ڪيئن؟"

"اڄا اسڪول ۾ آهي. ننڍو ٻار آهي. ٽي.ويءَ جو شوق ٻه ٽيندو ته راند روند جو ٻه."

"ها مون کي خبر آهي. اصل گهر کان ٻاهر ٿي نڪرڻ نه ڏينديي اٿس. سڄو ڏينهن روم ۾ وهاري ويٺي هوندي اٿس. پڙه پڙه جي رٽ پيئي هلندي اٿس."

"اڙي ائين نه. پر روٽي ۽ ضروري ڪم کان سواءِ روم ۾ ڄڻ نظربند ڪري رکيو اٿائين ڇوڪري کي، پاڻ ٻه سڄو ڏينهن گڏ ويٺي هوندي اٿس."

"گهر جي ڪم ڪار کي جواب؟"

"ٻيو نه ته. ان ڪري ته سس نونهن جي نوڪ جهوڪ پئي هلندي آهي."

"ڇوڪرو پڙهڻ ۾ ڪيئن اٿس؟"

"چيم ته سهين اصل موڳو اٿس. مس مس پاس ٿيندو آهي. هيءَ ته انجنير ۽ ڊاڪٽر بڻائڻ جا سپنا ڏسي رهي آهي."

"اندرا جا ڏنو آهي ته پڙهائي جا ٿيندي آهي. پاڻ ٻه خاص پڙهيل ڪانهي، نه ٿي سندس پيڪن ۾......"

"ڇورو هينئر موڳو وڏي هوندي مڇو." ڪنهن کلندي چيو.

"مذاق نه سمجهه. ٻار جو ڪجهه ته اسپورٽس ۾ ڌيان هئڻ گهرجي. ٻاهر اُٿي ويٺي هوندي ته ڪجهه جنرل ناليج ۽ وهنوارڪ گيان پڻ حاصل ٿيندو."

"ڇوڪري جو پيءُ ته هوشيار ۽ هر فن مولا آهي."

ڪنهن غصي ۾ چيو "مٽي جا تي ڳالهائين. ڪجهه سوچي ويچاري ڳالهاءِ. اجايو پئي ڍيڪ اُچلين."

وڏي آواز سيٺي جو ڌيان ڇڪايو. چندرا چيو "چڱو يلا بس ڪريو." وري چيائين، "يلا ناشتي جو آرڊر ڏيون؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيلم چيو "ها پلي. ڪجھ وقت نہ ايندي لڳندو. تيسين ڊرا ڪري وٺون. ڪملا سڀ تيار آهي."

ڪملا چيو "ها اِجهو پر چندرا ناشتي ۾ چا چيو اٿيئي. ويج يا نان ويج؟"

چندرا "هيءَ لنچ يا ڊنر توري ئي آهي. ناشتي ۾ تہ ويج ئي ڏيندو نہ؟"

ڪملا "ائين توري ئي آهي. چڪن برگر، فِش ڪٽليٽ وغيره ماٺهو روٽيءَ سان کائيندا آهن چا؟"

هڪ ويٽر اندر داخل ٿيو. "ڪملا مئڊم ڪير آهي؟ ٻاهر فون اتس." ڪملا اُٿي ٻاهر ويٽر جي پٺيان ويئي تہ ڪنهن چيو "هت بہ فون ٿا اچنس. موبائيل چو ڪونہ ٿي رکي."

ٻيءَ ڪنهن چيو "ڪاڪي ڪنجوس! هت نان ويج جون ٿي سَڏون ڪري، پاڻ هميشہ کارائي تہ گهر ۾ ئي."

"پائي سستو ٿو پوي نہ؟"

"ائين نہ آهي. هن کي الڳ الڳ ويرائٽيون ناهي کارائڻ جو شوق آهي."

"تہ جيئن هر ڪو ساراهہ ڪري تہ واهہ ڪملا واسواڻي کهڙي نہ سٺي ڪُڪ آهي."

"ڏوڙا اڳئين دفعي تہ پاڻ کي مزو ڪونہ آيو."

"پاڻ توري ئي سڀ ناهيندي هوندي، پر پائي خرچ تہ ڪيو هئائين."

"اسان کي نہ وڻندو آهي. ان کان هوٽل سٺي. ڪو خفو ئي نہ."

"اسان تہ پائي گهر جو کاڌو وڌيڪ پسند ڪندا آهيون."

"ائين نہ آهي. ڪنهن سٺي هوٽل ۾ هل تہ ڪجھ نہ وٽڻ جو سوال ئي ڪونهي."

"ها! ڪرڻ ناٽو تہ گهمر لاڙڪاٽو."

ڪملا پاڻ سان گڏ هڪ ٻئي ويٽر کي وٺي آئي. چندرا سان گڏ ويٽر کي آرڊر سمجهائڻ لڳي ۽ جلد ئي سڀ شيون ڪٽي اچڻ لاءِ چيائين. ويٽر وڃڻ هارڪو ٿيو تہ چندرا چيو "تيسين ڪجھ ٿڌو سافٽ ڊرنڪ پيار."

چندرا چيو "هاڻ جڏهن سڀ حاضر آهيو تہ مان توهان سان نئين ميمبر جي واقفيت ڪرايان. هيءَ آهي شريمتي ڪاجل. منهنجي پاڙيجي آهي. هت نريش سوماڻيءَ سان شادي ڪئي اٿائين. هو ڪمپيوٽر انجنيئر آهي ۽ ڪنسلٽنسي ڪندو آهي. ڪاجل کي اِشارو ڪيائين. هوءَ اُٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيني ۽ سيني سان نمستي ڪرڻ لڳي. گروپ مان ڪجهه عورتن پڇڻ شروع ڪيو.

”تنهنجا پيڪا ڪٿي رهندا آهن؟“

”اندور ۾.“

”اندور م تہ منهنجو بہ هڪ ياءُ رهندو آهي.“ ڪنهن چيو.

”ها، اُتي تہ ڪافي سنڌي آهن.“

”چا پڙهيل آهين؟“ بيءَ ڪنهن پڇيو.

”ايم.اي.“

ڪملا چيو ”ڏاڍو سنو لڳي ٿو اسان جي گروپ ۾ تون سيني کان وڏيڪ پڙهيل آهين. يلي آهين سيني کان ننڍي. سواگتم.“

”شڪريو.“ چئي ڪاجل ويهي رهي.

هر مهيني هر عورت هزار روپيا ڀريندي هئي ۽ ڊرا ۾ جنهن جو نمبر اچي، ان کي گڏ ٿيل پئسا ملندا هئا. هيءَ اسڪيم بنا ڪنهن نفعي نقصان جي هلندي هئي. ڪنهن کي پهرين تہ ڪنهن کي پوءِ. پر سڀ پئسا هر ڪنهن وٽ پورا وڃڻا هئا.

ڪملا چيو ”ڊرا ۾ ڪاجل جو چا ڪيون؟“

چندرا چيو ”حال چڏ. هي رائونڊ هونئن ئي پنجن مهينن ۾ پورو ٿيڻو آهي. نئين رائونڊ ۾ ڪٽنداسين.“

”نيڪ آهي.“

اندرا واپس اچي ويئي. چيائين، ”اج جو وشيہ ياد اٿوَ نہ.“

”ها! مدر اِن لا آف دي منٿ.“

”سيني، سيني جون سسون ڏنيون آهن؟“

”اهو تہ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“

هڪ جڻيءَ چيو ”مون کي تہ سس آهي ئي ڪونہ.“

بيءَ ڪنهن چيو ”مون کي تہ سس سهرو ٻئي ڪونهن.“

ڪملا چيو ”اهو ضروري نہ آهي تہ سس حيات هجي ۽ نہ ئي هر ڪنهن هڪ ٻئي جي سس ڏٺي هجي. هرڪا پنهنجا پنهنجا آزمودا ٻڌائي. پوءِ جيترو بہ وقت اُن سان گڏ رهي هجي.“

وري ڪنهن چيو ”آءِ ائم آئوٽ! مون تہ پنهنجي سس ڏٺي ئي ڪانهي. منهنجي شاديءَ کان اول سندس ديهانت ٿي چڪو هو.“

”نصيب واري آهين مائي.“ ڪنهن جي پڻ پڻ جو آواز آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندرا چيو "اڙي نينا تون! چري وڏن جو هٿ وڏي نصيب وارن تي هوندو آهي. تنهنجي سس تہ مست لڳندي آهي. اجا تائين سنهي سڊول. جڏهن بہ ڏس تہ لڳندو آهي جڻ هاڻ ئي بيوٽي پارلر مان ٿي آئي آهي. مون کي تہ ڏاڍي وڻندي آهي."

"ڏسڻ سان ماڻهوءَ جي سڀاءَ جي خبر ٿي پوي ڇا؟" نينا چيو "مون جهڙي سس سان گذر ڪرڻ سولو نہ آهي."

"تڏهن تہ توکي شاباس ڏيڻ کپي." ڪنهن چيو.

"سو پائي توکيو نہ." نينا ناراض ٿيندي چيو.

"سس ڪهڙي بہ سٺي هجي، پر ڪنهن بہ نونهن هن جي سچيءَ دل سان سدائين لاءِ ساراه نہ پئي ڪئي آهي."

"۽ ماءُ ڪيترو بہ ڏنيي، پر ڌيءُ ان لاءِ ٻڙڪ نہ ٻوليندي."

"اهي سڀ گسيل پٽيل ڊائلاگ آهن."

"توهان ڄاڻي واڻي وشيہ ئي اهڙو رکيو آهي. ڳالهين ۾ سس جو پاتر (ڪردار) يا تہ مذاق جي لاءِ ٿيندو آهي يا گلا خوريءَ لاءِ."

چندرا چيو "خير اڳتي وڌو. هر ڪو پنهنجي پنهنجي سس بابت آپ بيتيءَ جا آزمودا ٻڌائي. ان جي مدنظر بيسٽ سس چونڊي ويندي."

"پر جج ڪير؟"

"جنهن جي سس حيات نہ آهي. ڪنچن، وجيا ۽ ميران. ها ڪاجل شروعات توکان ٿا ڪيون. سيني کان تازي شادي ڪيل آهين."

ڪاجل اُٿي بيٺي. مشڪي چيائين، "هيءُ هڪ ذکيو وشيہ آهي. نونهن يا تہ سس جي ساراه جون پُليون ٻڌندي يا ماڳهين سندس ڪچرو ڪندي. ساراه ٿوري شرڌا وچان ۽ گهڻو ڊپ کان، گلا وينل ساڙ ويرکان. مون کي اجا گهڻو آزمودو نہ ٿيو آهي، پر ڇٽي سڱهان تي تہ منهنجي سس انتظام پسند آهي. خود بہ محنت ڪري ڄاڻي تہ نونهن مان بہ اها ئي اُميد رکي ٿي." ڪاجل کي ماءُ جي ڏنل سکيا ياد آئي تہ ڪڏهن بہ سس جي يا گهر جي ٻاهرين اڳيان گهٽتائي نہ ڪجي. ڳالهہ ڦري ڦري لوڻ مرچ سان گڏ سسٽهين جي ڪن تہ پئجي سگهي ٿي. ڳالهائڻ جاري رکندي چيائين. "منهنجي مٿان نہ ڪو ٻنڌن آهي ۽ نہ ڪا روڪ ٽوڪ. مان بہ پنهنجون جوابداريون باقاعدي نباهيندي آهيان."

...... ۽ ائين پارٽي هلندي رهي. گهر پهچڻ تائين ڪاجل کي لڳو تہ هن باري ۾ نريش جا اُپديش ڪافي آدرشوادي ۽ ڪي قدر ڪتابي هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو نريش کي چيائين، ”اڄ پارٽيءَ ۾ ڏاڍو مزو آيو پر توهان جن ڳالهين جي ڪِٽي پارٽيءَ مان اُميد رکو ٿا، سي تہ ڪونہ هيون.“

”مطلب؟“

”هن گروپ مان ڪجهہ سکڻ لاءِ ملي، سو تہ نٿو لڳي. گلاخوري تہ هئي، پر ڏيکاءُ بہ ڏاڍو هو.“

”سو تہ ٺيٺو آهي. اجا پهريون دفعو هو. اڳتي هلي نوان نوان آزمودا ٿيندءِ. پر مزو ڇا ۾ آيئہ؟“

”سيني ۾ پنهنجائپ ڏاڍي هئي، مون کي تہ پيار بہ سٺو مليو. پلي گلا جون ڳالهيون ڪن پيون، پر هڪ ٻئي لاءِ قرب ۽ عزت بہ هئن، سڀ کان وڏي ڳالهہ وقت سٺو پاس ٿي ويو.“

وري مشڪي چيائين،”مُيون گُليون بہ ڏاڍيون آهن. مڙسن جون ڳالهيون بہ پيئون ڪن.“

نريش چيو ”هڪ جيڏين ۽ هڪ جيڏن ۾ تہ اهڙيون ڳالهيون ٿينديون آهن. تو ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌايون؟“

”مون کي تہ شرم پئي آيو. سڀ مون کان وڏيون هيون. هڪ تہ ڏاڏيءَ جيڏي پئي لڳي. اها هڪ راڳ جي تڪ گهڙيءَ گهڙيءَ دهرائي رهي هئي. مون کي ڏاڍي وٽي. مطلب سمجھڻ کان پوءِ تہ وڌيڪ. ڪاجل سُر ۾ دهرائڻ لڳي. ”پاڻ هر تڙيون مايون اجهي ڇاڻ دڪان ۾ آيون.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6

”پاپي نيرن تيار آهي؟“ ونيتا رنڌڻي ۾ داخل ٿيندي چيو.
”ها سائين، تيار ڪيئن نہ هوندي؟“
”ڇا نهيو آهي؟“
”ويجيٽيبل سئنڊوچ.“
”چو رات واري ڀاڄي بچي هئي ڇا؟“
”سو ڇا؟ اهو ڪائڻ ۾ ڪهڙو اهم آهي.“ ڪاجل جو ڳالهائڻ رکي انداز ۾ هو.
”مون ڪٿي چيو اهم آهي؟ پر پاپي اڄ ڳالهائڻ ۾ بي رخي ڇو؟“
”ڪجهہ بہ ٿئي توکي ڇاهي؟“
”چو طبيعت تہ نيڪ آهي نہ؟ پر توکي ڪجهہ ٿيٺو ڪونهي. آخر پاپي ڪنهن جي آهين؟“
”چڙ اِها مسڪا پاليسي.“
ونيتا جو ڳالهائڻ ڪنور تي ويو. ”مان چو توکي مسڪا هڻندس. اجايو پئي اُلجهين.“
”گهر جي ڪم جي ڪا چنتا اٿيئي؟ هت جو سڄو ڏينهن تو ڪم ۾ وجي.“
”ڪم! ڪم!! پر آهي ڪيترو؟ مان بہ ڇا ڪريان، ڪهڙو ٿو وقت مليم.“
”چو مميءَ کي مدد نہ ڪندي هئينءَ ڇا؟“
”ڏس مان ڪا تنهنجي ڏيرياڻي ڪانہ آهيان، جو مون سان ٿي ريس ڪرين.“ ونيتا چوهہ مان چيو ”ممي تہ ساڳيو ئي ڪم ڪري پئي ٿي نہ. هاڻ منهنجي بدران تون مدد ڪرينس، بس.“
”حق بہ ناحقون صبح صبح جو پئي وچڙجين. اسان بہ ڄڻ ڪونہ پڙهياسين. سڄي گهر جي جوابداري هوندي هئي، منهنجي مٿان.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونيتا جو غصو وڌندو پئي ويو. آواز پڻ اوچو ٿي ويس. ”تنهنجي ممي، منهنجي مميءَ وانگر ڦڙت ڪونہ هوندي. تون ڇا ڪمپيوٽر سکي آهين يا ڪهڙو ايم.بي.اي. ڪيو اٿئي؟ پڙهي بہ تہ آرٽس آهين نہ. توهان کي ڪهڙي خبر تہ نوان نوان ڪورس ڇا ٿيندا آهن؟“

”ڏس تون منهنجن پيڪن تائين نہ وڃ.“

”مون ڇا چيو تنهنجن پيڪن لاءِ؟ ڪنواري هوندي گهر جي جوابداري ڪٿي پيئي سگهين تہ هاڻ ڇو ڪونہ؟ سڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺي آهين. اُتي وري بہ پڙهڻ ۾ ڪجهہ وقت تہ ويندو هوندءِ.“

ائين هنن جو بحث وڌندو پئي ويو. پاروتي ڊوڙي آئي. ”ڇا تي صبوح صبوح جو بحث شروع ڪيو اٿوَ؟“

ونيتا چيو. ”ڪجهہ نہ آهي ممي. هن کي مڙيئي ڪوئي نہ ڪوئي ڦڏو کپي.“ ائين چئي نيرن اُتي ئي ڇڏي پنهنجي روم ۾ هلي ويئي.

پاروتيءَ لاءِ جڻ مسئلو ڪڙو ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن کان ڏسندي پيئي اچي تہ ونيتا جي باري ۾ ڪاجل پڻ پڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. چيائين ”ڪاجل ڇو هرويرو هن پنيان ڇڻ ڇڻ ٿي ڪرين. مان ويٺي آهيان نہ. ڪجهہ نہ پُڇيئي تہ مون کي ڇڻ.“

”پر ممي ننڍن هوندي وڏا ڇو ڪم ڪن؟“

”منهنجو قدر ڪرڻ کان بهتر آهي تہ ونيتا جو ڪر. مان اڃا سگهي آهيان، ايشور جي ديا آهي.“

”مان ان خيال کان نٿي چوان. ڀڳوان توهان کي سٺي صحت ڏئي، وڏي عمر ڏئي. مان تہ ڏن جي ادب لاءِ ٿي چوان تہ توهان ڪم ڇو ڪريو؟“

پاروتيءَ کي خبر هئي تہ ڳالهائڻ ۾ هوءَ ڪاجل سان پهچي نہ سگهندي. چپ ڪري بہ منٽ ڪن بيهي هلي آئي. هوءَ ڪاجل جي ڳالهائڻ تي خوش هرگز نہ هئي. ونيتا کي وقت ئي ڪهڙو ٿي مليو جو نيڪي ٻڌو گهر جو ڪم ڪري. صبوح جو ڪاليج، اُتان موٽندي منجهند ٿي وڃي، جو ڪمپيوٽر ڪلاس ۾ ان کان پوءِ ٽيوشن. ازان سواءِ پڙهائي بہ ڪرڻي آهي تہ ڏر توبہ رسوئي ۾ بيوٽي پارلر وغيره جو ڪم بہ سکڻو آهي. انهن سڀني لاءِ هاڻ تہ ڪلاس نڪري پيا آهن، جن لاءِ ٽائيم ڪيڏو آهي. ڪاجل جا اهڙا ڪي بہ ڪورس ڪيل ڪونہ هئا. پاروتيءَ نونهن پسند ڪرڻ وقت انهن ڳالهين کي اهميت ڪانہ ڏني هئي. هوءَ هاڻ سوچيندي هئي تہ ڌيءُ ماءُ کي اهي سڀ ڳالهيون ڳنيپرتا سان ڪٽڻ گهرجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن چوڪريءَ ۾ پنهنجو اُر نہ آهي تہ بہ ڳالهہ آهي. باقي جي ٻار کي پنهنجو شوق آهي تہ مائٽ جو فرض آهي وس ورندي ان جي همٿ افزائي ڪري.

هن کي عجب لڳي رهيو هو ۽ ان کان وڌيڪ غصو اچي رهيو هو تہ ڪاجل ونيتا سان ريس ڇو ٿي ڪري. منهنجو قدر ڪرڻ صرف ڏيکاءُ ٿي ڇئبو. دراصل ونيتا لاءِ ڪجهہ ساڙ اٿس. ڪهڙو؟ ڇا جي لاءِ؟ ورنہ منهنجو سچو قدر ڪرڻ آهي تہ هوءَ اهڙو ڪجهہ ڪري. جو مون کي سٺو لڳي. ڪاجل کي خبر آهي تہ ونيتا کي فري رکڻ ۾ مون کي آنند ملندو آهي ۽ فري بہ ان ڪري جو اهو ٻار جي آئيندي لاءِ ضروري آهي. ڪو ريل ڇيل تہ گهمي ڪانہ ٿي.

رات جو بسنت لعل ليٽي ڪجهہ پڙهي رهيو هو. پاروتي سوفا تي ويهي ٽي.وي. ڏسي رهي هئي. نريش روم ۾ داخل ٿيندي چيو ”ممي ائين ڀلا ڇو ٿي ڪرين؟“

”ڇو ڇا ٿيو؟“

”ڪاجل چوي ٿي تون ساڻس رُکي نموني ٿي ڳالهائين.“

پاروتيءَ مشڪي چيو ”اُلٽا چور ڪوتوال ڪو ڊانٽي.“

”خبر ناهي گهر ۾ ڇا ٿو وهي واپري. ڪُپو چڙهيو پيو اٿس. پئي ٿي پڻ پڻ ڪري.“

”آخر پڇيس نہ. ڪهڙي تڪليف اٿس.“

”نٿي ٻڌائي.“

”تہ ڇڏي ڏيس. تون ڇو ٿي چنتا ڪرين؟“

”اهڙي ڳالهہ نہ آهي ممي، مون کي بہ تہ خبر پوڻ کپي نہ. گهر ۾ هي ماحول نٿو وڻي.“

”سو تہ من ڪنهن کي وڻندو؟ اڄ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي. هن جو اهڙو سڀاءُ شروع کان وني پئي رهيو آهي. ونيءَ کي ڇئي ڇڏيو هئم تہ جواب نہ ڏينس. اڄ ڪجهہ پاڻ ۾ اُلجهي وَيئيون. ڇوان پئي توکي ڇو ڊسٽرب ڪريان. ان ڪري توکي نہ ٻڌايم. نہ ٿي تنهنجي پيا ڪي.“

نريش مشڪي رهيو هو. بسنت لعل پڙهڻ ۾ محو هو. پاروتيءَ چيو ”شروع کان وني ضد پئي ڪندي آئي آهي تہ ونيتا کي گهر جو ڪم نيڪي ٻڌو ڏيان. هاڻ هن نياڻيءَ اڃا ڪاليج بہ پورو ڪونہ ڪيو آهي. پڙهڻ ۽ سکڻ جو ڪري يا گهر جو ڪم ڪري؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر گهر ۾ ڄڻا پنج. اهڙو ڪهڙو ڪم آهي، جو پهچي نٿو سگهجي.“

”اڇا ته ننڍو بار به ڪونهي.“ هاڻ پاروتي مشڪي رهي هئي. ”ڇو ڪونه ٿا ڀلا تياري ڪريو.“

نريش ڪلي وينو. ”ها ته جيئن گهر ۾ پڻ پڻ اچا به وڌي.“

”هينئر پڻ پڻ آهي. مون کي لڳي ٿو اڳتي هلي ڪٿ پٽ نه ٿئي.“ ماڻس ڳنڀير ٿيندي چيو. ”نيتا جي ڪم نه ڪيو ته ڪهڙو فرق پوندو. مان اچا سگهي آهيان. مان ته برابر ڪم ڪندي ٿي اچان نه. باقي چوي وِنيءَ کي به ويلو ڀڏي ڏيان يا ڪو حصو ڀڏي ڏيان سا ته مون کي غلط ڳالهه ٿي لڳي. نياڻي گهر ۾ باقي ڪيترو وقت؟ پوءِ ته ساهري وڃي سڄي عمر ڪم ڪرڻو اٿس.“

”پر تون به ته ڪم ڪرين ٿي نه. وني به ڪجهه ته ڪندي آهي. مان ڏسندو پيو آهيان.“

پاروتي وري مشڪي ويئي. ”مزيدار ڳالهه اِها آهي ته ڪاجل مون کي وس ورندي ڪم ڪرڻ نه ڏيندي آهي، پر مون کي به واندو وهڻ نه وڻندو آهي. ونيءَ سان الائي ڇو ريس لڳائي ويٺي آهي. ڪم آهي ڪهڙو؟ مٺا به ويلا نَه ءِ ڪجهه آندي نيندي. باقي 700 روپيا ته ڪم واري مائيءَ کي ڏيندي آهيان.“

”خير ڏس، ممي سمجهائينس، گهر ۾ گهپي نه ڪپي.“

”پٽ ڪنهن کي گهپي وڻندي؟ هاڻ جڏهن ڳالهه نڪتي آهي ته ٻڌايانءِ ٿي. سس ٻٽجڻ جي ڪوشش ته شروع کان وني ڪندي رهي آهي، پر هاڻ پيڪن مان موٽڻ کان پوءِ ته ماڳهين ڪتا جواب ٿي ڏئي. خبر نه آهي گهر ۾ ڪهڙو ڏک سور اٿس. چڱن کان چڱي پئي هلي. گهمڻ ڦرڻ يا خرچ پکي ۾ ڪا روڪ ٽوڪ نه آهي. اسان سان ادب ۾ هلي اهو ئي ڪافي آهي. مان مڙيئي ٻنهي کي هلائيندي ٿي اچان. وني پلي ڏيءُ اٿم. پر سچ ٿي چوان هن هميشه ياجائيءَ کي وڏو سمجهي عزت پريو ورتاءُ پئي ڪيو آهي.“

”عزت ته پنهنجي هٿ ۾ آهي. هڪ جيڏيون ئي ته آهن. سمجهي هلن ڪافي آهي.“

”خير تون چنتا نه ڪر، پنهنجي ڪم ڌنڌي ڏي ڌيان ڏي. مان پاڻيهي سنڀالي وٺنديس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 7

اجا رواجي طرح سمهڻ جو وقت ڪونہ ٿيو هو. ٽي - ويءَ جو ڪيبل ڪنيڪشن ان ڏينهن ڪم جو ڪونہ رهيو هو. نريش ڪا مئگزين ڪٽي پڙهڻ لڳو. گهڻو وقت من ڪونہ لڳس. ڪاجل کي سڏ ڪري چيائين، ”ڪجهہ مٿي کي زور ڏي.“

”چو مٿي ۾ سور اٿوَ ڇا؟“

”نہ ائين ئي ٿورا زور ڏي، وڻي ٿو.“

هوءَ آهستي آهستي نرڙ تي ڪجهہ زور ڏيڻ لڳي ۽ ڪجهہ ٽڏڙا ڪڍڻ لڳي.

”تنهنجي مميءَ تنهنجو ڪو ڌيان نہ رکيو آهي.“

”ڇو؟“

”ڏس نہ ڪنواري هوندي ڪيڏو ڪم ڪرايو اٿائين توکان. هٿ بہ سخت ۽ کهرا ٿي ويا آهن. هن عمر ۾ هٿ نرم ۽ نازڪ هئڻ کپن.“

”ان ۾ مميءَ جو ڪهڙو ڏوهہ. منهنجي هاڻي ئي اهڙي آهي. منهن تہ سنو لسو ۽ نرم آهي نہ.“

نريش کلي چيو ”سو ان ڪري جو ان سان ڪو ڪم نہ ٿي سگهندو آهي. وري مميءَ اِهو بہ ڌيان رکيو هوندو تہ جيئن سولي اگهامي.“

ڪاجل هن جي پيشانيءَ تي هلڪي ٿڦڪي هڻندي چيو ”هٽوا توهان تہ هونئن ئي پيا منهنجي مميءَ مان ويڪون ڪڍندا آهيو.“

نريش مشڪي رهيو هو. ڪجهہ خاموشيءَ کان پوءِ ڪاجل چيو ”ٻڌو هوءَ ريشما آهي نہ منهنجي سوٽ جي سالي، ان کي ڌيءُ ڄائي آهي.“

”سٺو واڌايون هجنيئي.“

”مون کي ڇا جون ٿا واڌايون ڏيو؟“

”تہ هن کي ڏي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هن کي بہ چا جون ڏيون؟“

”تہ مون کي ٻڌايئہ ڇو؟“

”ائين ئي مون چيو توهان کي خبر هجي.“

”تنهنجي سوٽ جي سالي- هزارين ميل پري رهندڙ جنهن کي مون ڏٺو بہ ڪونهي، ان کي ڏيءُ ڇائي تہ ان ۾ منهنجو ڀول ڪو ڇمتو.“

”ڇڏيو! توهان سان تہ ڳالهائڻ ئي پاپ آهي، پيا تا حق بہ ناحقون وچڙجو.“

نريش مستيءَ ڀرئي انداز ۾ چيو ”ان ۾ مون چا چيو. تو ڳالهہ ٻڌائي، مون سياويڪ واڌايون ڏنيون، جي تو قبول نہ ڪيون تہ مان چا ڪريان. اهڙيون غير ضروري ڳالهيون ٻڌڻ سان منهنجو جنرل ناليج وڌندو ڇا؟ اجا تنهنجي مميءَ کي ڏيءُ ڇائي هجي ها تہ بي ڳالهہ هئي.“

ڪاجل منهن سجائي ٻانهون ٻڌي ويهي رهي. نريش کلندي وڌيڪ چيو ”پر ان ڳالهہ ۾ تہ مميءَ کي سڌيون واڌايون ڏيندس، تنهنجي معرفت نہ.“

”توهان تہ الائي ڇو اچي منهنجي مميءَ جي پنيان پيا آهيو!“ پڻ پڻ ڪندي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي.

ڳالهہ هلڪي مذاق جي هئي، پر ڪاجل الائي ڇو اهڙين ڳالهين کي ڳنڀيرتا سان ڪٽي من ئي من پٽي پاڻ کي دکي محسوس ڪندي هئي. گهر ۾ هڪ ٻئي سان ڪجهہ مذاقي تہ ڪجهہ گهرو ڳالهين ۾ ڪا نہ ڪا نوڪ جهوڪ پئي هلندي هئي. پلي هن ڪڏهن پنهنجي وهنوار ۽ سلوڪ ۾ بي ادبي نہ ڏيکاري هئي، پر گهڙيءَ گهڙي فون تي پنهنجي مميءَ سان ”دکڙا“ ضرور اورينڊي هئي. ائين ئي ڳالهين ڳالهين ۾ منهن لهي ويندو هئس تہ گهر ۾ هر ڪو ڳالهہ ڦيري اهڙي نموني پيش ڪندو هو جيئن ڪاجل کي وڻي، پر موڊ ۾ اچڻ لاءِ ڪجهہ وقت ضرور وٺندي هئي.

هوڏانهن نريش پاڻ کي وڌيڪ دکي سمجهندو هو. هن ڪڏهن بہ ڪاجل يا ان جي پيڪي گهر مان ڪنهن کي پنهنجي ذهنيت جي ليول تي محسوس نہ ڪيو. هو ڪنهن ننڍي ڳوٺ جا ڪونہ هئا. گهٽ پڙهيل ڪونہ هئا سواءِ ڪاجل جي ماءُ جي. پوءِ بہ ايترو پوئتي ڇو؟ ڪاجل تہ خاص طور زماني سارو ذهين طبقي ۾ اُٿيل ويٺل ئي ڪانہ هئي.

ڪاجل جي ڪمري مان وڃڻ کان پوءِ نريش پڻ ڪجهہ ٿهلڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويو. گهر ۾ هر ڪو پنهنجي پنهنجي روم ۾ هو. ٻتيون ٻري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيون هيون. ڪاجل وري پنهنجي روم ۾ اچي پلنگ تي آهلي پئي. ڪجهه لمحن بعد ماءُ کي فون ڪيائين. ”ممي چا ڪريان؟ هي تہ ڳالهہ ڳالهہ ۾ مون کي ٽوڪين ٿا. تنهنجو تہ نالو بہ نٿو وٺين.“

”ڇو ڇا ٿيو؟“

”ٽيندو وري ڇا اهو ئي روز روز جو.“

”سس سهري يا ٻئي ڪنهن ڪجهہ چيو اٿيئي؟“

”اڄ تہ انهن ڪجهہ ڪونہ چيو.“

”تون منهنجي ڳالهہ بہ تہ نٿي مڃين. مان ڀلا ڇا ڪريان؟“

”پر ممي، اهو سڀ استري ڌرم خلاف آهي.“

”ائين نہ آهي. مون سوامي جن کان وري پڇيو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ ٿوري وقت لاءِ آهي، پر اڃ جو لاڀ سڄي زندگي زال ۽ مڙس ٻنهي کي ملي ٿو.“

”ڇڱو ڏسان ٿي، پر هاڻ مون کان سنو نٿو ٿئي.“

”دل جاءِ ڪر. سوامي جن جي آشيرواد سان سڀ ڀلو ٿيندو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 8

نريش بستري تي ليٽي ڪجهه پڙهي رهيو هو. ڪاجل به اچي پرسان ليٽي پيئي. ڪجهه دير جي خاموشيءَ کان پوءِ نريش جي مٿان ٻانهن ورائي چيائين، ”هيڏانهن، اندور ونءِ تا هلو؟“

نريش مئگزين مان منهن ڪڍي چيو ”ڇو؟ ماءُ جي وري سڪ لڳي اٿئي ڇا؟ اجا هاڻ ته تي آئي آهين.“

”اُجين مان سوامي جن جي آشرم مان پڻ چڪر هڻي اچون. توهان کي ته هليا هئا اڳئين دفعي.“ ٻانهن جي گرفت کي ڪجهه مضبوط ڪندي چيائين، ”هلو نه؟“

نريش مئگزين بند ڪري منهن ڪاجل طرف ڪندي چيو ”پاڻ سوامين جي چڪر ۾ پوڻ وارا نه آهيون. خبر اٿئي.“

”ڇو؟“

”ان ڇو جو ڪو جواب ڪونهي. مون کي نٿو وڻي بس.“

ڪاجل جي چهري تي روسامي جا اهڃاڻ نظر اچڻ لڳا. نريش کلي چيو ”اندور ڇئين ته هلون. هلين ته ٻه ٽي ڏينهن پرسان ماندو مان پڻ ٿي اچون. باقي اُجين نه.“

ڪاجل جو منهن ٽڙي پيو. چيائين، ”ته پوءِ مان مميءَ سان گڏ هڪ ڏينهن اُجين مان ٿي ايندس. توهان ڪنڌهرن ۾ ونءِ تا هلو پر مندرن ۾ نه.“

”سو ته ٺيڪ، پر ڇو ٿي انهن ٻاون ٻانيٽن جي چڪر ۾ پئين؟ مٿو خراب ڪري ڇڏيندءِ.“

”توهان کي ته انهن ڳالهين ۾ رس ڪونهي.“ ڪاجل مشڪي چيو ”پر منهنجي پوڄا ۽ ساڌنا جو گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڦل ته توهان کي ملڻو آهي نه.“

”پوڄا ۽ ساڌنا گهر ۾ نه ٿيندي آهي ڇا؟““

”گروءَ بنا گت ناهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نريش ڪلي چيو "ڇڏ بحث کي. اهي گرو دماغ ڇٽي پورو ڪنديءَ. لڳي ٿو سواميءَ جي شڪشا (تعليم) اثر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. مون کي اهي ڳالهيون نٿيون وڻن."

"سچ پچ ناستڪ آهيو."

"اچا، مميءَ سان ڳالهه ڪئي اٿيئي؟"

"نه. مون چيو پهرين توهان ته مڃو."

"نيڪ آهي مان هن دفعي بامبي تي اچان ته يڪدم پوءِ هلنداسين."

"ائين ڇو؟ بامبي ته الائي ڪڏهن وڃو؟"

"بامبي مان ٿي ايندس ته ڪجهه وقت شانتي رهندي. وري جلد سڏ ٿيڻ جو امڪان نه رهندو."

"نيڪ آهي جيئن سهوليت سمجهو. مان مميءَ سان ڳالهائي ٿي اچان."

"اهڙي ڪهڙي تڪڙ آهي؟" نريش سندس پاسي منهن ڦيرائي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو. ڪاجل مشڪي رهي هئي. هن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. چيائين، "ڇو اڄ جلدي سمهڻو آهي. اڃا وقت ڪيترو ٿيو آهي؟"

نريش ڪجهه ستائيندي چيو "ها." هن مئگزين پاسيري ڪري بتي وسائي ڇڏي.

ٻئي ڏينهن آفيس ۾ ڪاجل نريش کي فون ڪيو "چندرا ماسي آئي آهي. ڪجهه سويل اچجو. رات جو ڊنر ڪائي واپس وينديءَ." ۽ نريش هونئن ڪان سويل گهر پهچي ويو. نريش خوشمزاجيءَ جون ڳالهيون ڪري سيني کي وندرائي رهيو هو. ڪاجل سان پڻ چرچا گهڻا ڪرڻ لڳو. چندرا چيو "نريش ڪڏهن تو اسان کي اُجين وٺي هلين. هڪ رات رهنداسين. اجين ۽ انڊور ٻنهي هنڌان ٿي ايندا سين."

ڪاجل نريش جو موڊ خراب ٿيندو محسوس ڪيو. نريش رکي انداز ۾ چيو

"ماسي هي ڪهڙو چڪر آهي سواميءَ جو. سچو ڏينهن هت به سواميءَ جون ڳالهيون پيون هلن. خبر اٿوَ مون کي انهن ڳالهين کان چڙ آهي."

چندرا ڪجهه سمجهي ويئي. آهستي چيائين، "الائي ڪاجل پئي چيو ته تو هلڻ قبوليو آهي."

نريش جو آواز ڪجهه سخت ٿي ويو. "جڪ ماري انڊور وڃڻ قبوليم. اُجين ڇو وڃان؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاروتيءَ دخل ڏيندي چيو ”چڱو ڇڏ اندور ٺي سهي. ڪڏهن تو ونئي وڃين؟“
”منهنجو نڪاٽو ڪونهي. ماسي تون ۽ ڪاجل ٺي اچو. ڪار ۽ ڊرائيور ڏيانوَ ٿو.“

چندرا چيو ”ڪو مرد ته گڏ هجي نه؟“

نريش مشڪي چيو ”ماسڙ ويچارو ته بڏل آهي هلڻ لاءِ. ان ڪي ونئي وڃو نه. سچ ماسي مون کي اِها ڳالهه نه وڻندي آهي. عجيب قسم جي گهٽڻ محسوس ڪندو آهيان.“

بسنت لعل چيو ”خير ڇڏيو انهن ڳالهين کي. فون ڪر ناڪر داس کي اچي ٿو؟“

چندرا گهر فون ڪيو. ناڪر داس اچا ڪونه آيو هو. چندرا چيو ”هو چئي ويا هئا ته احمدآباد مان ايندي دير ٿي ويندي. ڪين ته خبر به نه آهي ته مان هت آئي آهيان. بهتر، مان روٽي کائي جلد وڃان.“

آخر طئي ٿيو ته ڪاجل ۽ چندرا ويندي يون جڏهن به ناڪرداس کي سهوليت ٿي. روٽي کائي نريش ۽ ڪاجل چندرا کي گهر ڇڏڻ ويا. واپس موٽڻ وقت نريش چيو ”ڪا! آئيسڪريم کائبي؟“

”اج ڇڏيو. ماسيءَ رس گلا آندا هئا. فرج ۾ رکي آئي آهيان.“

”اهي ته پڙهيل هوندا.“

ڪاجل جو منهن اگ ۾ ئي چڙهيل هو ”توهان کي ته منهنجي ڪائي به پيڪي چيز نه وڻندي آهي.“

نريش مشڪي چيو ”مون ائين توري ئي چيو ته نه کائيندس. سياٽي کائينداسين. تيسين شڏ ٿي ويندا. هينئر ته آئيسڪريم تا کائون.“

”توهان اندور مون سان گڏ هلڻ جو وعدو ڪيو هو.“

”ها بابا، پر مول مقصد ته اُجين هلڻ جو هو نه. جيڪڏهن توکي ڪمپني ملي ٿي ته مان ڇو تڪليف ڪريان.“

”ساهري هلڻ به ڪا تڪليف آهي.“

”ها، اُجين وارو سوامي منهنجو وڏو سهرو آهي نه؟“ نريش خفي تيندي چيو.

”سوامي جن توهان کي ڪهڙا سور ڏنا آهن.“ ڪاجل جو آواز ڪجهه اوچو ٿي رهيو هو.

نريش آهستي پر کهري آواز ۾ چيو ”چڱو هاڻ بس ڪر. اج کان پوءِ سواميءَ جو نالو منهنجي سامهون نه اچڻ کپي.“

ڪار جو رخ گهر طرف ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 9

پاروتي ۽ بسنت لعل احمدآباد ويل هئا ۽ رات اُتي رهڻا هئا. شام جو ڪاجل رنڌڻي ۾ ڪجهه ڪم ڪري رهي هئي. نريش جي اچڻ ۾ اجا ڪافي دير هئي. ونيتا تيار ٿي رنڌڻي ۾ آئي. "پاپي مان ٻاهر وڃي رهي آهيان. ڪاليج ۾ هڪ فنڪشن آهي. ڏهين وڳي تائين اچي وينديس."

"تيار ٿي پوءِ ٻڌائڻ آئي آهين." ڪاجل جو آواز ڪجهه ڪنور هو.

ونيتا کي سٺو نہ لڳو. رُکائيءَ سان جواب ڏنائين, "ٻڌائڻ ئي تہ آئي آهيان."

"ان جو مطلب؟"

"مطلب اِهو تہ موڪل وٺڻ ڪانہ آئي آهيان. جو پهرين اچي چوان. پاپي موڪل ڏين تہ وڃان.

"چو موڪل وٺڻ ضروري نہ آهي؟"

"هن ڪيس ۾ تہ نہ. پروگرام ڪافي ڏينهن اڳ نهيل هو. گهر ۾ سڀني کي خبر آهي, شايد توکي بہ هوندي."

"مون کي تہ خبر نہ آهي. خير ڇڏ بحث کي." هن منهن سگريءَ تي رکيل ٽپيلي طرف ڪندي چيو.

"بهتر! ڇڏ بحث کي." چئي ونيتا تڪڙي تڪڙي ٻاهر نڪري ويئي.

آفيس مان اچي هٿ منهن ڌوئي نريش ڊرائنگ روم ۾ آيو. ڪاجل کي نہ ڏسي رنڌڻي ۾ ويو. هوءَ ڦلڪا پچائي رهي هئي. گهر ۾ ٻئي اڪيلا هئا. نريش کي ان ڳالهہ جو احساس هو. ڪاجل کي پنيان ياڪر پائيندي چيائين, "چا ڪيو اٿيئي؟"

ڪاجل گرفت ڇڏائيندي چيو "اڙي ڏسو! سامهون دريون کليل آهن."

نريش ڍلو ڇڏيندي چيو "سوچا, جوءِ مڙس آهيون."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاجل مُشڪي منهن ورائي چيو "ان جو مطلب ائين نہ آهي تہ سيڻي جي اڳيان سڀ ڪجهہ ڪريون." نريش کي هن جو شرارت ڀريو انداز وڻي رهيو هو. چيائين، "چڱو ڀلا، جلدي ڪر بک لڳي آهي."

"تيسين سُوپ پيو." هن پيالو ڀري نريش جي هٿ ۾ ڏنو.

"اڄ ونيتا ڪاليج ۾ فنڪشن تي ويئي آهي."

"ها وڃڻي تہ هئي."

"خبر اٿوَ تيار ٿي پوءِ ٿي بڌائي تہ وڃان ٿي."

"سو ڇا؟"

"ڇو ڀهرين موڪل نہ ونڻ ڪپيس."

نريش اڪثر اهڙين ڳالهين ۾ منجهي پوندو هو. "ڪاجل! زمانو ٻيو آهي. ونيتا پاڻ جيڏي آهي. موڪل ڇا جي؟ ننڍي ٻار آهي ڇا؟"

"مون کي اهڙي قسم جي آزادي نٿي وڻي."

"اهڙي ڪا غلط ڳالهہ بہ تہ ڪونہ ٿي رهي آهي. ڇو ٿي اجايو ٽينشن رکين؟"

"مون کي ڇا جو ٽينشن؟ ڏسجو اها ڇڙواڳي ڪو رنگ نہ لائي. وات هونئن ئي وڏي ويو اٿس. منهنجي تہ عزت ئي ڪانہ ٿي ڪري."

"هن نموني جو تون عزت گهري وٺندينءَ تہ ٻيو ڇا ملندءِ." نريش کي وشواس هو تہ ونيتا اجايو نہ ڳالهائيندي آهي. ڪاجل ڪجهہ پڙڪايو هجيس تہ ٻي ڳالهہ آهي. ڪاجل ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو "ڇا مطلب؟"

"مطلب تہ عزت ڪمائي ويندي آهي، گهري يا ڇني نہ ويندي آهي." سُوپ وارو پيالو رکندي چيائين، "خير ڇڏ انهن ڳالهين کي، روٽي کٽي ٻاهر اچ." نريش ٻاهر نڪري آيو. سندس رومانٽڪ موڊ مري چڪو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 10

نريش پنهنجي روم ۾ ڪمپيوٽر تي انٽرنيٽ کولي ڪجھ ڏسي رهيو هو. ونيتا آئي، ”ها پئيا چئہ! اچڻ لاءِ چيئہ.“

”ها! مٿي کي ٿورا زور ڏي......“

”مٿي ۾ سور آهي ۽ ڪمپيوٽر چالو ڪري ويٺو آهين.“

”ڪجھ ضروري ڏسڻو هو.“ چئي نريش ڪمپيوٽر بند ڪري اچي ليٽي پيو. ونيتا سندس مٿي تي هلڪا زور ڏئي رهي هئي. ايتري ۾ ڪاجل بہ اچي پرسان ويٺي. ونيتا چيو، ”پئيا! پاپيءَ کان چو ڪونہ ٿو زور ڏيارين؟“

”هن جا هٿ سخت ۽ کهرا آهن.“ نريش مشڪي چيو. ڪاجل جو هٿ جهڪي اڳيان ڪيائين ۽ ونيتا جي هٿ سان ڀيٽيندي چيائين، ”ڏس ڪيڏو نہ فرق آهي.“

”پاپيءَ لڳي ٿو تہ نندي هوندي ڪافي ڪم ڪيو آهي.“

نريش چيو، ”تون ان معاملي ۾ خوش نصيب آهين. ڇُٽي پئي آهين ڪم کان حال تہ ساهري وڃي حساب ڏجانءِ!“

ونيتا مشڪي چيو، ”سو تہ جيڪو نصيب، پيڪن ۾ تہ مزو ماڻيو آهي نہ. ڪريڊٽ سڄي مميءَ کي ڏيڻ کپي.“

”نہ، مميءَ جي تندرستيءَ کي، جنهن جي ڪري هوءَ ڪم ڪري سگهي ٿي.“

”نہ پئيا! ائين ڪونهي. من بہ تہ کپي.“

”دل تہ اسان جي مميءَ جي وڏي آهي. سس بہ تنهنجي لاءِ اهڙي ئي ڳوليندا سين، پر گهٽو ڪجھ پاڻ تي مدار رکي ٿو. تون سٺي هونديئن تہ سس بہ سٺي ٿي ويندءِ.“ ونيتا جا زور چالو هئا. نريش ڳالهائي رهيو هئو. ونيتا جي ڳالهائڻ جي انداز مان نريش هن جي خوش مزاجيءَ جو اندازو لڳائي پئي سگهيو ۽ ڪاجل جي خاموشيءَ مان هن جي بي رخيءَ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نريش ڪاجل جي هٿ مٿان هٿ رکندي چيو. ”ونيتا! تون ڇو پيئي پاپيءَ سان اُلجهندي آهين؟“

ونيتا ان ئي خوش مزاجيءَ واري انداز ۾ جواب ڏنو ”ڇڏ پئيا. منهنجي پاپي اهڙي آهي ڇا. جو ان سان پيئي اُلجهندس؟“

”ڪاجل ته ڪجهه ائين پئي چيو.“ ڪاجل جو چهرو پاوَهيڻ (احساسن کان سواءِ) هو. هن نٿي چاهيو ته نريش ونيتا سان ڪا هيءَ ڳالهه ڪري. خاص طور سندس حاضريءَ ۾. ونيتا ڪجهه ڳنڀير ٿيڻ لڳي. هٿن جي چرپر ڍلي ٿي ويس. چيائين. ”هوءَ منهنجي ماءُ ٿيڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. پلي وڏي آهي سندس حق آهي، پر ماءُ وانگر ڪجهه انگل به ته سهي نہ.“ نريش اکيون کوليون. ونيتا هٿ پري ڪري مشڪي چيو ”جيڪڏهن ڏيءُ جا انگل نہ سهي ته پوءِ اِهو ماءُ جو نہ، پر سس جو رول ٿيو. خير ڇڏ پئيا! وري اهڙي ڳالهه ٻڌڻ جي نوبت تو لاءِ ڪونہ ايندي.“

ڪاجل ڪجهه ڪجي نہ رهي هئي. ان ڳالهه ونيتا کي تيسي ۾ آڻي ڇڏيو. مڙس کي برغلائي چپ ڪري ويٺي آهي. آواز ڪجهه تکو ٿي ويس. چيائين. ”خبر نہ آهي توکي ڇا شڪايت ڪئي اٿائين؟ مون ته ڪنهن کي ڪجهه نہ چيو آهي. ممي پپا کي به نہ ٻڌايو آهي. ٻاهر وڃڻ لاءِ مان پهرين اچي پاپيءَ کان موڪل وٺان. پوءِ تيار ٿيان. سو به اهڙي موقعي لاءِ جيڪو ضروري ۽ روٽين هو. ڪاليج جو فنڪشن. گهر ۾ سيني کي خبر هئي شايد توکي بہ......“ ونيتا اچا ماٺ نہ پئي ڪري سگهي. ”پئيا! تون منهنجي سپاءَ کان 21 سالن کان واقف آهين. پاپيءَ جا تہ اچا 21 مهينا بہ پورا نہ ٿيا آهن......“ نريش کلي وينو چيائين. ”چڱو! ڇڏ پلا انهن ڳالهين کي. ڪاجل تون بہ ڏس پاڻ جيڏي اٿيئي. ڏيءُ ڪري ليکينس يا پيڻ. اچا بہ وڏيڪ پاڻ ۾ ساهيڙيون ٿي هلو تہ ڪمپني رهندوَ.“

ڪاجل چيو. ”منهنجي لاءِ ڪهڙو فرق پوندو.“ نريش اُن جو مطلب نہ سمجهي سگهيو. چيائين. ”سپاٽي آفيس مان جلد اچي سگهبو. هلون ڪنهن پڪچر تي.“

”پلي.“ ونيتا چيو.

”ڪهڙيءَ تي؟“

”جيڪا پاپي چوي.“ آخر طئي ٿيو تہ نريش کي جيڪا بہ نيڪ لڳي. هو صبح جو وڃي ائڊوانس بڪنگ ڪرائيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن منجهند جو نريش فون ڪيو. ڪاجل! مون کي شام جو هڪ ضروري ڪم تي پيو آهي. سئنيما جون ٽڪيٽون پٽيوالو کڻي نڪتو آهي. توهان ٻئي جٽيون تي اچو. وڏيڪ واري ٽڪيٽ ٿئيٽر تي ڪنهن کي ڏيئي ڇڏجو.“

”ڇگو ڏسان تي. هروبرو اج ئي هلڻ ضروري آهي ڇا؟ ٻئي ڪنهن ڏينهن هلنداسين.“

”نہ نہ. پروگرام نهيو آهي تہ وڃو. ٻئي ڪنهن ڏينهن ونيءَ جي ٽائيم سان سيٽنگ ٿئي يا نہ. آرتوار ڏينهن رش ۾ مون کي مزو ڪونہ ايندو آهي، خبر اٿيئي.“ نريش ائين چئي فون رکي ڇڏيو. پٽيوالو آيو تہ ڪاجل ٽڪيٽون ٿئيٽر تي واپس ڪرڻ لاءِ چئي، ان کي روانو ڪري ڇڏيو. ڪجھ دير کان پوءِ وني ڪاليج مان آئي.

”پاپي، ڇا پروگرام آهي، پئيا جو فون آيو. ڪهڙو شو آهي؟“

ڪاجل وراٽيو- ”فون آيو. اج مشغول آهن. ٻئي ڪنهن ڏينهن هلنداسين.“

”مون کي اول ئي خبر هئي، پئيا سان پروگرام سيٽ نہ ٿيندو. خير آرتوار ڏينهن هلنداسين.“

”اڇي پاٺين تہ ڇئجانس.“ چئي ڪاجل رنڌڻي ۾ هلي ويئي.

رات جو نريش گهر آيو تہ ونيتا هال ۾ ويٺي هئي. مشڪي روسامي واري انداز ۾ چيائين، ”ڇا پئيا هي تنهنجو پروگرام. پاپي ڇا چوندي. مس مس گڏ هلڻ جو پروگرام نهيو سو بہ ڪونہ بيٺو.“

”چو؟ مون تہ چوائي موڪليو تہ توهان ٻئي وڃي تي اچو. ٽڪيٽون چو واپس ڪيوَ؟“

”الائي مون کي تہ خبر بہ ڪانهي. پاپيءَ واپس ڪيون هونديون. تو کان سواءِ موڊ نہ هوندس.“

”ٺيڪ آهي ٻئي دفعي.“ چئي هو پنهنجي روم ۾ هليو ويو.

نريش سوچڻ لڳو ڪاجل کي ونيتا سان وچڻ ۾ ڪهڙو فرق پوي ها. هن جي اکيان هڪ جهوني ڳالهہ سئنيما جي پڙدي وانگر ڦرڻ لڳي.

ڪجھ وقت اڳ ٻئي گڏ اندور ويا هئا. نريش کي کنڊوا ۾ ڪو ڪم هو. پروگرام ائين هو تہ ڪاجل اندور رهندي ۽ صبح جو ڪار کڻي نريش اڪيلو ڏينهن جو کنڊوا مان ٿي ايندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو رام، پتنيءَ سان گڏ هنن سان ملڻ آيو. ائين ڳالهين ۾ وينا هئا. ڪاجل رام کي چيو "پئيا! سياٽي هت اڪيلي آهيان. ڪا پڪچر ڏيکاريو نہ."

رام چيو "ڪهڙي ڏسندينءَ."

"ڪاڪي ديوانند جي تہ ڪا پڪچر ڪانہ هوندي. جا توکي وڻي. پاپي جيڪا چوي."

"پر پائي لاسٽ شو. سياٽي آفيس نہ ڇڏي سگهندس."

"هون! لاسٽ شو ڪهڙي ڪم جو. ٽائيم تہ ڏينهن جو وڏي پوندو نہ!"

"هيئن ڪر، تون ۽ انيتا وڃي ٽي اچو. ٽڪيٽون مان گهرائي موڪليندوسانوَ. ڪهڙي شو جون؟"

ڪاجل انيتا طرف نهاريندي چيو "ٽين وڳي واري شو جون پاپي؟"

"ها برابر آهي. ٽيسين روٽي بہ ڪائي ونبي ۽ گهر جو ڪم بہ پورو ٿي ويندو. تون سويل ٿي اچي وڃجانءِ. روٽي گڏ ڪائينداسين."

نريش سوچي رهيو هو تہ ڪاجل جڏهن نٽاڻ جي رول ۾ هئي تہ ڪافي اُتساهت هئي. سوٽ جي پتنيءَ سان گڏ ويئي، پر هت سڀي پاجائي تي ڪري بہ ان جهڙو رول نہ نڀاهي رهي آهي. ونيتا جي وهنوار ۾ نريش کي ڪا ڪمي نظر نہ اچي رهي هئي. ڪاجل ۾ پنهنجائپ جي ڪوتاهي هئي. نريش کي گهر ۾ ڪاجل جو وهنوار سيني سان ٽڏو نظر اچي رهيو هو. هي آثار سٺا نہ چئبا.

نريش ۽ ڪاجل پنهنجي روم ۾ وينا هئا تہ ونيتا اندر آئي.

"پئيا! هوءَ بامبي مان جيڪا ڊريس آندي هئوَ ڏنوَ تہ ڪونہ."

"چو اوڏي مهل ئي مون ڪونہ ڪنئين. مميءَ کان پڇ." ونيتا ڊوڙي پاروتيءَ جي روم طرف ويئي. ڪجهہ دير کان پوءِ ڊريس کڻي آئي. "اڙي يار! هيءَ تہ مون کي ڪافي وڏي ٿي ٿئي."

نريش کلي چيو "تون لنبي ٿي وڃ يا ڊريس ننڍي ڪر."

ونيتا ڊريس کولي پلنگ تي ڦهلائيندي چيو "نہ پئيا! هي پيٽرن خراب ٿي ويندو. ڪٽنگ ڪجي يا پٽو ورائي اندران سلائي ڪجي." نريش ڏيان سان ڏنو ڳالهہ برابر هئي. ونيتا چيو "پاپي هيءَ ڊريس تون ڪڻ!"

نريش چيو "برابر آهي. ڪاجل کي پوري اچي ويندي."

"پاپي وڃي پائي اچ نہ؟"

"نہ، مان چو تنهنجي لاءِ آندل ڊريس پايان؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”انهيءَ ۾ ڇا آهي؟ منهنجي لاءِ ٻي ايندي، ٻيو ڇا؟ هونئن به مون وٽ ڊريسون گهٽيون آهن. مان مڊي فراڪ يا جينس وٺنديس.“

ڪاجل چيو ”ائين ڇئه نه. ته توکي نٽي وٺي.“

”مون ائين ڪٿي چيو. ڊريس ته مست (ڀلي) آهي. مئي پوري نٿي اچي ته مان ڇا ڪريان.“

”نه بابا. مان ڪانه پائيندس. تون وڃي ٽيلر کان فٽنگ ڪراءِ. منهنجي لاءِ توري ئي آئي آهي.“

ونيتا جي چهري تي خفي تيڻ جا اهڃاڻ ظاهر ٿيڻ لڳا. ڪجهه چوڻ هارڪي هئي ته نريش جو اِشارو سمجهي چپ ٿي ويئي. ڊريس ڪٺي ٻاهر هلي ويئي.

سڀ ڊنر لاءِ ٽيبل تي ويٺا هئا. ونيتا چيو ”ممي، پاپيءَ کي چائنيز وئرائٽيون نا هڻ ايندپون اٿئي.“

پاروتيءَ چيو ”اڇا! توکي ڪيئن خبر پيئي.“

”هو سامهون بنگلي واري پنجاپٽي ڪُڪنگ ڪلاس تي شروع ڪري. مون پاپيءَ کي چيو ته هل هلي ٻئي جٽيون سکي اچون. ٻيو سڀ ته ايندو آهي پر چائنيز ۽ ڪانٽينينٽل ڪونه ايندو آهي. ته پاپيءَ ٻڌايو ته ڪيس چائنيز ايندو آهي.“

پاروتيءَ چيو ”چوزي. هيترن ڏينهن ۾ ته ڪڏهن اهڙو ڪجهه ڪونه کارايو اٿئي.“

نريش چيو ”خير سڀاڻي چائنيز ڊنر.“

ونيتا چيو ”هڪ شرط.“

”شرط وري ڇا جو؟“

”جهڙو به نهي کائڻو پوندو. اُتساهت ڪرڻ لاءِ.“

”ٺاهيندينءَ تون يا ڪاجل.“

”بابا ٺاهيندي ڀلي پاپي. پر هيتري وقت ۾ جو نه ٺاهيو اٿائين ته متان ڪا ڪمي رهجي وڃي.“

بسنت لعل چيو ”نيڪ آهي. جيسين ڪجهه ڪچو پڪو نه آهي، تيسين ڪوئي پرابلم نه آهي.“

ڪاجل ڪنڌ جهڪائي چيو ”ان لاءِ ڪجهه الڳ مصالحا ۽ ٻيو سامان کپندو.“

”پوءِ ڇاهي، سڀاڻي وڃي وٺي اچجو.“ بسنت لعل چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو پنهنجي روم ۾ اڪيلا ٿيا ته ڪاجل نريش کي ٻڌايو ته ڪيس چائينيز ڪاڏو ناهڻ خاص نه ايندو آهي. سکي ضرور هئي، پر پرئڪٽس نه هئڻ ڪري گهٽي ياڳي وسري ويو اٿس. نريش چيو "پوءِ وڃي سکي اچ نه!"

"نه بابا، مون کي هنن ننڍين ڇوڪرين سان سکڻ ۾ مزو ڪونه ايندو."

"تون به ته اجا ننڍي آهين. ڪيترن ئي گهرن جون نهر ۽ ڏيئر هن پنجاپٽيءَ وٽ سکڻ ايندڙيون آهن. ننڍيون به ته وڏيون به. ازان سواءِ ونيتا به ته پاڻ جيڏي اٿئي. گڏ هوندءِ."

"نه، مان اندور ساڳئي هنڌ پرئڪٽس ڪري ايندس. جڏهن به وجڻ ٿيو."

نريش ٽوڪيندي چيو "ها اُتي ته صرف وڏيون ـ تو جهڙيون ۽ تو جيڏيون ئي ويندڙيون هونديون."

ڪاجل چيو "اتي جي ٻي ڳالهه آهي."

"پوءِ وِنيءَ کي ڇو بندلِ هنيئه ته توکي چائينيز ڪاڏو ناهڻ ايندو آهي."

"مون کي ڪهڙي خبر ته سيني جي سامهون مون کي ڏنو ڪندي؟"

"ڇو ڪوڙ ڳالهاياڻين؟"

"پر ڳالهائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟"

"چري، هن ته تنهنجو هڪ سنو پهلوُ سيني کي ڏيکارڻ ٿي چاهيو."

"توهان ته هونئن ئي پنهنجي پيرڻ جو بدر ڪٽندا آهيو."

نريش جهنجهلائي اُٿيو پر خاموش رهڻ واجب سمجهياڻين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 11

نريش آئيني اڳيان ٽاءِ نيڪ ڪري رهيو هو. ڪاجل ٽيبل تي ٽڙيل پکڙيل ڪاغذ ۽ ڪتاب سهيڙي رهي هئي. ونيتا اندر داخل ٿي، نريش جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيو "هاءِ برادر!"

نريش مشڪي شرارتي انداز ۾ چيو "چئو پٽ ڇا کپي؟"

ونيتا ڪجهه رُسي ويئي. هڪ هٿ سان هلڪي مُڪ ڀاءُ جي ڪلهي تي هڻندي چيائين، "هون پئيا......!"

نريش ڪلي چيو "وڏو مان يا تون؟"

"تون."

"تہ مان تنهنجي هن پيار جتائڻ پنيان ڪو مطلب آهي، ايترو نتو سمجهي سگهان." ٻانهون ونيتا جي ڪلهن مٿان رکندي چيائين."وري ڦهريون دفعو تہ نہ آهي. هاڻ ڇئہ ڀلا ان ۾ رسڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي."

"پهرين پرامز ڪر تہ ڳالهہ مڃيندين." ونيتا جي ڳالهائڻ جو لحظو پهرين جهڙو ٿي ويو.

"ها پرامز."

"اڄ رات جو نئين سال جي پارٽي آهي. تون ۽ پاپي مون سان گڏ هلو."

"ڇو ڪجهہ خاص آهي؟"

"ها هڪ اسٽوڊنٽس جو گروپ دبئي مان آيو آهي. ان ۾ ڪجهہ اسان جي اسڪول جي وقت جا بہ آهن. اِهو فيصلو ڪيو ويو آهي تہ ٻاهران ٽورن نوجوانن جوڙن کي بہ نينڊ ڏيئي گهرايو وڃي."

"ڪٿي آهي پارٽي؟"

"هوٽل گارڊن ۾ رات جو ڏهين بجي."

نريش ڪاجل طرف مخاطب ٿيندي چيو "پوءِ هلون؟"

ڪاجل بنا ڪنهن اُتساهہ جي وراڻيو "جيئن توهان جي مرضي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نريش چيو ”نيڪ آهي هلنداسين.“

ونيتا چيو ”هڪ شرط بہ آهي.“

”وري ڇا جو؟“

”توهان ٻنهي کي ڊانس ڪرڻي آهي.“

”ڇري! اسان کي ڪهڙي ڊانس ايندي آهي.“

”ڊانس ڇا جي مڙيئي هٿ پير هلائڻا آهن.“ نريش خاموش رهيو. ونيتا وري چيو ”هلو نہ يار! پاپي تون بہ ڪجهہ چئہ نہ پئيا کي.“

ڪاجل جو چهرو پاوهيڻ هو. چيائين، ”پاڻهين تنهنجي ڳالهہ نہ مڃيندو تہ منهنجي ڪٿان مڃيندو.“

نريش چيو ”چڱو بابا هلبو. پوءِ اُتي جيئن سمجهہ ۾ آيو.“

ونيتا منيون پڪوڙي هلڪو جمپ ڏيندي چيو ”ان کي چئبو آهي سٺو پئيا.“ هوءَ خوش ٿيندي هلي ويئي.

ٺيڪ ڏهين بجي هوٽل پهتا. هال سٺي نموني سجايو ويو هو. لڳي پيو اڄا سڀ ماڻهو ڪونہ آيا هئا. اسٽيج تي براجمان بئنڊ جو هلڪو مڌر سنگيت هال ۾ گونججي رهيو هو. ڇوڪرن ڇوڪرين کي چست ڪپڙا پاتل هئا. خاص ڪري جينس ۽ ٽي شرٽس. هڪ لنبي سهڻي ڇوڪري نريش طرف اچي رهي هئي. اڳيان اچي نريش جا ٻئي هٿ پڪڙي چيائين، ”نريش پئيا! سڃاڻو ٿا؟“ نريش هن طرف ڇتائي ڏسي رهيو هو. ”پائي ياد ڪرڻو پوندو.“

”بہ چاڪليٽ.“ هوءَ مشڪي رهي هئي.

نريش جي چهري تي سڃاڻپ جي چمڪ اچي ويئي. ”اڙي گُڏي.“ چڪي گلي سان لڳاياائينس. هوءَ ونيتا جي ساهيڙين ۾ ننڍي ۾ ننڍي هوندي هئي ۽ نريش کي خوب وڻندي هئي. ونيتا ۽ ٻين کي هڪ هڪ چاڪليٽ ڏيندو هئو پر هن کي ٻہ. ڪڏهن هڪ چاڪليٽ ڏيندو هئس تہ رسي ويندي هئي. سڀ هن کي گڙيا چوندا هئا، پر نريش گُڏي ڪري سڏ ڪندو هئس.

”چوري، ڪيترا سال ٿي ويا. ڏهہ کن تہ پڪا.“

”ها ايتري وقت ۾ ڪافي چينج اچي وڃي ٿي، پر پئيا! توهان ۾ ڪا خاص چينج ڪانہ آئي آهي.“

”منهنجي بيهڪ باڊي ان وقت مڪمل صورت وٺي چڪي هئي. تون تہ ڪافي ننڍي هئينءَ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"صحيح ڳالھہ آھي." ڇوڪريءَ جي ڳالھائڻ ۾ ونيتا وانگر پنھنجائپ ھئي.

"گڏي تون مون کي تہ اڄ بہ اوترو ئي ٺيڪ ٿي وڻين."

"سچ!" گڏيءَ اُتساھ ۾ اچي نريش کي ڳل تي چمي ڏني تہ اُتي لپ اسٽڪ جو نشان رھجي ويو. ڪاجل حقارت ڀري نگاھ سان ڇوڪريءَ طرف نھاريندي "ھون" ڪجھہ اھڙي انداز ۾ چيو جو ھوءَ ويچاري سمجھي ويئي. نريش ماحول کي ٽينس ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ مشڪي چيو "گڏي، پنھنجي پاپيءَ سان گڏج."

ھن ھٿ اڳيان وڌائيندي چيو- "ھاءِ پاپي! ونيتا پلي نريش پئيا جي سڳي ڀيڻ ھجي، پر پياري ڀيڻ تہ مان آھيانس." ايتري ۾ ونيتا بہ اچي پھتي.

نريش چيو "ھل تہ ڪٿي ھلي وھون." سيئي پاسيرو پيل ھڪ ٽيبل تي وينا. "پوءِ گڏي، ڇڻ ڇا کائيندينءَ؟"

"بہ چاڪليٽ."

ونيتا چيو "ڇوري، تون اڃا ڪانہ سڌري آھين. پئيا! ڪالھہ تنھنجي لاءِ ڏاڍو پئي پڇيائين."

"پوءِ تو ڳالھہ تہ ڪانہ ڪئي."

"منھنجي ڌيان تان لھي ويو. سڄو وقت اڄوڪي پروگرام جي ڪاميابيءَ لاءِ رٿائون پئي مغز ۾ ڊوڙيون."

"گڏي ھاڻ ڪٿي؟"

"بس بڙودا کان جيئن دبئي وياسين، تيئن اُتي ئي آھيون."

"انڪل جو بزنيس ساڳيو ئي اليڪٽرانڪس جو؟"

"ھا! ھاڻ تہ وڏو شو روم آھي ۽ ھول سيل جو پڻ. سئين ڪمپنين جي ايجنسي آھي."

ونيتا چيو "پئيا! ھاڻ گڏيءَ لاءِ ڪو گڏو ھٿ ئي ڳولھہ!"

"ڇوري ان کان ڀھرين تنھنجي لاءِ ڳولھڻو پوندو."

گڏيءَ چيو "سچي ڳالھہ آھي. منھنجي لاءِ ڇوڪرو جيڏا جي ڳولھيندو."

ڪاجل کي ھي سڀ ڳالھيون نہ پئي وڻيون. پنھنجا پاوَ لڪائڻ لاءِ ھن جي ڪوشش ناڪامياب پئي ويئي. آخر چيائين، "مئيون، ھاڻ ئي اچي شاديءَ جي لڳي اٿو." نريش کي ڪجھہ شرمساريءَ جو احساس ٿيڻ لڳو پر ڇوڪرين ڪاجل طرف ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو. ھنن ڪاجل کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرانداز ڪري ڇڏيو. ان ڳالھ ڪاجل کي وڌيڪ خفي ڪيو. گڏيءَ چيو "پئيا، ۽ ونّي مون کي دٻئي ۾ ڪپي. ڇوڪرو ڳولھڻ جي جوابداري منھنجي. مان پپا کي وچڻ شرط چوينديس."

"پاڻ سنو. منھنجي تڪليف گھٽي."

"نياڻيءَ جي شادي ڪرائڻ بہ جڻ ڪا تڪليف آھي." ڪاجل رُکي انداز ۾ چيو.

نريش کي نيٺ چوٽو پيو۔ "ڪاجل! تون ھي ڳالھيون نہ سمجھندينءَ."

ونيتا اُتي ڪڙي تي. "گڏي ھل تہ ڏسون، اجا ڪير ڪير باقي آھي. پروگرام تہ ليٽ تي ويو آھي." ھو ٻئي ھليون ويون تہ نريش چيو۔ "ڪاجل! تون ڳالھ سمجھندي ڪر. اسان تہ چرچا ڪري رھيا ھئاسين ھڪ ٻئي سان." ڪاجل اُتي رومال جي ڪنڊ گلاس مان آلي ڪري نريش جي ڳل تان لپ اسٽڪ جا نشان لاھڻ لڳي. چيائين، "چرچا بہ ھئڙي نموني جا."

نريش مشڪي رھيو ھو. "ڏسندي وڃ. اجايا رمارڪ پاس نہ ڪر. ڳالھ نہ وٽي يا نہ سمجھ ۾ اچي تہ چپ ڪري ويھ."

"مون ڪھڙي غلط ڳالھ چئي؟"

"سڀ غلط ۽ سڀ بي موقعي."

"بس بس، توھان کي تہ منھنجي ڪابہ ڳالھ نہ وڻندي آھي."

"منھنجي وڻڻ نہ وڻڻ جو سوال ڪونھي. ھن نموني تون پنھنجي واقفيت تي ڏين."

"منھنجي واقفيت تہ توھان اول ئي ڏني ھئي."

نريش خفي تي ڪرمن تي ھٿ ھڻندي چيو "چڱو ٻلا بس ڪر بابا! ھاڻ ٻڌاءِ ڇا کائيندينءَ؟"

"ڪجھ نہ."

"اھو ھت نہ ملندو آھي." نريش کلي وينو. "ائين رسي نہ وڃ، چئہ، مون کي تہ ڏاڍي بک لڳي آھي."

"پينرن لاءِ ڪونہ ترسندا؟"

"نہ ھو ھاڻ ڪونہ ايندين."

"ڇو؟"

"ڇڏ ھاڻ اُن "ڇو" کي. ٻڌاءِ ڇڪن. فش يا ويشنو؟"

"جيڪو توھان کائو." ھن آھستي چيو.

”شاباس! ان طرح پتيءَ سان ها ۾ ها ملائيندي اچ. جنم سڦلو ٿي ويندءِ.“ نريش جي مذاقي موڊ ۾ ڪاجل ساٿ نہ ڏئي رهي هئي. اوڏيءَ مهل ڏانس شروع ٿي.

اڃا ڪائي ٺي رهيا هئا تہ هڪ ڇوڪرو اچي اڳيان بيٺو. جهڪي پيري پوندي چيائين، ”هلو! پاپُو ڪيئن آهيو؟“ وري ڪاجل طرف مڙي جهڪيو. نريش چيو ”اڙي ديپو ٻڌاءِ ڇا پيو هلي؟“

”بس سڀ نيڪ آهي، ونيءَ ٻڌايو تہ توهان آيا آهيو تہ گڏجڻ اچي ويس.“

”اچ ويهہ! ڇا ڪائبو؟“

ديپوءَ پرسان خالي ڪرسيءَ تي ويهندي چيو، ”ڪجهہ نہ. مان رسوئي گهران ٺي ڪائي آيو آهيان.“

”اڪيلو آيو آهين؟ هوءَ ڇوڪري، جا پرچائي هيئہ، ڪٿي آهي؟“ نريش ڳالهہ جاري رکندي چيو.

”هوءَ آمريڪا ويئي آهي نانيءَ وٽ.“

”نانيءَ وٽ. ڏسجانءِ اُتي رهي نہ پوي.“

”پاڻ سنو نہ پاپُو. پنهنجو بہ آمريڪا وڃڻ جو چانس لڳندو.“

نريش مشڪي رهيو هو. ڪاجل بہ هن جي ڳالهين ۾ رس وٺي رهي هئي. ديپڪ ٿڌو ساهہ کڻي چيو ”ڪاش! اسان جي بہ ناني جيئري هجي ها.“

ڪاجل کلي چيو، ”ڇو؟ ناني مري ويئي؟“

”ها پاپي. منهنجي ۽ پاپوءَ جي ناني تہ ساڳي ٿي نہ. مون تہ ڪانہ ڏٺي. هوءَ منهنجي جمڻ کان اول ٺي پرلوڪ پڌاري چڪي هئي. پاپو توهان تہ ڏٺي هوندي.“

”ها! پر مان ڪافي ننڍو هئس. سانير آهي ڏاڍو پيار ڪندي هئي.“

”ديپو ماسي ۽ ماسڙ ڪيئن آهن؟“

”فرسٽ ڪلاس. پاپُو مون کي تہ پاپي بہ ڏاڍي وڻندي آهي.“

”پوءِ ڪوتا گڏجڻ تہ ڪونہ ايندو آهينس.“

ديپڪ کن پڪڙيندي چيو ”هاڻ ايندس، پاپي هلون ڏانس ڪيون......“

”ڏانس ڇا......“

نريش کي لڳو تہ متان ڪو اُلٽو سلٽو جواب ڏيئي وهي. ڪٽيندي چيائين۔
”وچ نہ ڪاجل، ٻار جي دل رک. مڙيئي جهومڻ آهي ٻيو ڇا. ڪي سڪيل پروفيشنل تہ هت آهن ئي ڪونہ.“
ديپوءَ ڪاجل کي هٿ کان ڇڪي اُٿاريو. هوءَ مشڪي رهي هئي. هن جي موڊ جي بدلاءَ تي نريش کي عجب لڳي رهيو هو. هوءَ ڊانس سني ڪري رهي هئي، شايد ستسنگ ۾ مندر جي پرئڪٽس ڪم ڪري رهي هئي. هوءَ ڪافي وٽندڙ لڳي رهي هئي. سڄي هال ۾ ساڙهيءَ ۾ هڪ هيءَ ئي عورت هئي ۽ سيني کان نياري لڳي رهي هئي. ڪاجل جي منهن تي مشڪ ڏسي نريش کي خوشي تي رهي هئي. دل ۾ چيائين، ”شل ڪنهن جي نظر نہ لڳي.“ هو اڳتي وڌي اسٽيج طرف ويو تہ ديپڪ ڪيس ڇڪي ڪاجل جي اڳيان ڪري ٻهاريو. ٻئي ڊانس ڪرڻ لڳا تہ ديپڪ هيٺ لهي آيو. ڪنڌ ۾ ونيتا ۽ گڏي ٻيٺيون هيون. هنن کي ڏسي مشڪي خوش تي رهيون هيون. ديپڪ هنن جي ويجهو آيو. ٻئنڌ جي آواز ۾ ڳالهائڻ فضول هو. مڇن کي تاءُ ڏيڻ جو انداز ڪري ڪاجل ۽ نريش طرف اشارو ڪيائين. گويا ڇٽي رهيو هئو ڪيپ ڪٽي آيو آهيان. ڏسو ڪيئن نہ ٻنهي جو موڊ ٺيڪ ڪري آيو آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 12

ان ڏينهن نريش کي ڪجهه دير ٿي ويئي. ڪاجل وچي آرامي ٿي چڪي هئي. نريش ڪپڙا مٽي بتي ٻاري اچي سندس پرسان سمهيو. ڪلهي ڪان هلڪو پاڻ ڏانهن ڇڪي چيائين, "ڪاجل! يار هن پاسي منهن ڪر نه."

"هون!" چئي ڪاجل سڌي ٿي ليٽي پيئي. منهن نريش طرف نه ڪيائين. نريش سندس ڇاتيءَ تي ٽڏرا ڪيڻ لڳو. آهستي آهستي سندس هٿ هيٺ لهڻ لڳو. "ڇا ڳالهه آهي تو ۾ انساني جذبو نه آهي."

"ڇو؟" ڪاجل ڪجهه سستائيندي چيو.

"ڪڏهن اِڇا تي اتيئي؟"

ڪاجل مشڪي شرارتي انداز ۾ چيو "نه, مان حيوان آهيان."

نريش هن جي نائيٽيءَ جو پلو مٿي ڪندي هلڪو ٺهڪ ڏيندي چيو "پوءِ ته اِڇا پربل هئڻ کپي."

نريش دريءَ مان ايندڙ اڻسڌي روشنيءَ ۾ ڏسي رهيو هو ته ڪاجل مشڪي رهي آهي. هن اونده ۾ به محسوس ڪيو ته هيءَ اج ڪافي خوبصورت لڳي رهي آهي. ڪاجل مشڪي ضرور رهي هئي, پر سندس سرير ۾ چرپر ڪانه هئي. نريش کي لڳو هي به ماڻڻ جو هڪ انداز آهي. شايد مڪمل ريت هوءَ محو هئي ۽ هي پاڻ کي دنيا جي ڪن چونڊ خوش نصيبن مان محسوس ڪري رهيو هو.

ڪاجل چيو "اج ته توهان جو انداز نيارو آهي."

"بس, تون لطف ماڻڻ جو سوچ ته انداز پاڻيهي اچي ويندو."

ڪاجل ٻانهون نريش جي ڳلي ۾ وجهي, دوري گهٽائيندي چيو "هڪ ڳالهه مڃيندا."

"چئه." نريش سوچي رهيو هو ته ڪا پيار پري ڳالهه موقعي جي نزاڪت ۾ اضافو آڻڻ واري هوندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اُجين سوامي جن وٽ وڃڻ جي اِڇا تي آهي، هلندا؟“

”اوهه! ڪهڙي بي سري ڳالهه تي ڪرين هن وقت.“

”ڪڏهن تہ مڃو.“

”چڱو پوءِ ڏسون ٿا.“ نريش کي مزو ڪِرڪِرو ٿيندو پئي نظر آيو.

”ٺيڪ آهي، جيئن توهان جي مرضي، پر پوءِ ڏسندا ڪونہ.“ ائين اچانڪ نريش کي ڪاجل جو ريسپانس سُڪندو محسوس ٿيڻ لڳو ۽ ڪاٺ جي پڪڙ جهڙو احساس ٿيو. هو جهنجهلائي ڇوهہ مان اُٿي کڙو ٿيو. ڪپڙا پائي باٿ روم ۾ ويو. ڪاجل ڪجهہ لمحن جي انتظار ڪانپوءِ اُٿي ڪپڙا پائي ڇڏيا.

ڪجهہ دير ڪان پوءِ نريش ٻاهر آيو. ڪاجل چيو ”چو ايتري دير.“

”پاڻ ڪان پڇ.“

”مون نہ سمجهيو.“

”جڏهن خبر اٿيئي مون کي تنهنجو سوامي ۽ اُن جا اُپديش نہ وڻندا آهن تہ پوءِ ان باري ۾ ڳالهائڻ جو مطلب؟“ نريش جي ڳالهائڻ ۾ نراسائيءَ کان ڪاوڙ وڌيڪ هئي. ”اڇا هاڻ چندرا سان ٿي آئي آهين، وري ڇو؟“

”توهان ڪونہ هليا هئا نہ، ان ڪري.“

”تون منهنجي هلڻ لاءِ جيترو وڌيڪ ضد ڪندينءَ، اوترو وڌيڪ سوامي مون ڪان دور ٿيندو ويندو.“

”ٺيڪ آهي بابا، مون توبهہ ڪئي.“ ڪاجل جو چهرو ياوَهيڻ هو ۽ ڏيمي آواز ۾ ڳالهائي رهي هئي.

”مان چوندو آهيان، جيڪي آرٽس ۽ ساهتيہ پڙهن ٿا، انهن جي ٿين اک کلي ٿي، پر تنهنجي تہ ايم.اي. پاس ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ هڪ اک ٻوتجي ويئي آهي.“

”ڇا مطلب؟“ ڪاجل جو آواز ڏيمو پر ڪنور هو.

”خبر اٿيئي هنن ڳالهين تي مون کي چڙ آهي، تہ پوءِ ڇو ڪندي آهين. سو بہ هئڙي وقت تي. تنهن هوندي بہ روسامي جي ڪري پنيان تون هٿينءَ. هاڻ مهرباني ڪري انهن ٻاون ٻانيٽن جون ڳالهيون مون سان نہ ڪندي ڪر. ياد رک، توبهہ ڪئي اٿيئي.“

نريش کي پاروتيءَ جا لفظ ياد آيا، جي هن هڪ دفعو گهر ۾ سواميءَ تي ٿيندڙ نڪتچينيءَ وقت چيا هئا. ”اسان جي ڪاجل تہ سڌي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو پرابلم ڪونہ ٿيندو پر هنن ٻاون جو پروسو ڪونہ آهي. ترڪ تال سيڪارڻ ۾ تہ ڪافي هوشيار هوندا آهن.“ سڄو ڏينهن ڪم ۾ مشغول هئڻ ڪري نريش کي رات جو ننڊ سٺي اچي ويندي هئي ۽ ان ڏينهن پڻ پاسو ورائي سمهي پيو تہ ننڊ گهري اچي ويس.

تيسي ۾ ڪجهہ ڏينهن ڪاجل سان ڪونہ ڳالهايائين. صرف ’هون‘، ’ها‘ ۾ ڪم ٽپائيندو رهيو. ٻنهي جي اڻبڻت واري روش جو ڏيان گهر جي ٻين ڀاتين کي بہ اچي ويو. ڪنهن ڪجهہ چوڻ واجب نہ سمجهيو پر هڪ ڏينهن پاءُ کي ڊرائنگ روم ۾ اڪيلو ڏسي ونيتا چيو ”چو پئيا، پاپيءَ سان ڪجهہ ناراضگي آهي ڇا؟“

نريش مشڪي چيو ”هاڻ ناراض ٿي ڇا ڪندس. جيڪي ڪرم - جيڪو نصيب.“

”نہ پئيا، ائين نہ چئہ. هئڙي سهڻي مست پاپي ملي آهي مون کي.“

”ڇري ان سونهن کي ڇا ڪبو. خبر اٿيئي سونهن ۾ اضافو ڪندڙ ڪل ملائي 22 عنصر هوندا آهن. جن مان صرف ڪجهہ ساريرڪ سونهن (جسماني سونهن) سان لاڳاپو رکن ٿا.“

”سو ڇا؟“

”حاضر جوابي، خوش مزاجي ۽ ذهنيت انهن مان وڏو حصو والارين ٿا. انهن سيني جي هن ۾ ڪوتاهي آهي. هي پهلو هن جي سٺي حصي جون مارڪون پڻ ڪائي ٿو وڃي. ڏس، ان ڪري هاڻ هر ڪنهن بيوٽي ڪانٽيسٽ ۾ ذهنيت جي ٽيسٽ لاءِ انٽرويو وٺندا آهن ۽ ان جون جدا مارڪون ڏيندا آهن.“

”پئيا، ڇڏ انهن ڳالهين کي. پپا ممي پڻ چنتا ۾ آهن. گهر ۾ هي ماحول ڪنهن کي وڻندو؟“

نريش ونيتا جي مٿي تي هٿ رکي زور ڏيندي چيو ”منهنجي ننڍڙي گڏي، نہ سوچ ايترو. سڀ ڪجهہ آهستي آهستي نيڪ ٿي ويندو.“

نريش جي من ۾ هلڪو الڪو رهڻ لڳو. ان ويچار کان تہ متان نہ ٻنهي جي وچ ۾ اڻبڻت نہ وڌندي وڃي. هن ڪنهن بہ حالت ۾ گهر جي شانتي قربان نہ پئي ڪرڻ چاهي. ڪاجل سان پريم اٿس، اهو رفتہ رفتہ ٻاهر پڻ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. دراصل دل ڇڪي ڏئي، سا ڳالهہ ڪافي وقت تائين ڪانہ رهي. ان رات کان پوءِ مڙيئي گنگ ٻوڙ ۾ پيو ڪم هلندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 13

نريش رات جو هونئن ڪان جلدي اچي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽيو. عادت موجب ڪجهہ پڙهي رهيو هو. ڪاجل واندي ٿي اچي سندس پرسان ليٽي. منهن نريش طرف ڪري ٻانهن اُن جي ڇاتيءَ مٿان ورائيندي چيائين، "هيڏانهن، هڪ خوشخبري ٻڌايانوَ."

نريش مئگزين مان منهن ڪڍي هن طرف نهاريندي چيو "ها چئہ!"

"سوامي جن ٻڙودا اچڻ قبوليو آهي."

"واڌايون هجنئي!" نريش بي دليو چيو.

"هو هيٺيون وڏو روم آهي نہ، خالي ڪري صفائي ڪري ڇڏينديس."

"ڇو؟"

"سوامي جن لاءِ الڳ روم تہ کپندو ئي نہ!"

"هت رهندو؟ ڪڏهن؟"

"ايندڙ آرتوار تي."

"دماغ تہ نڪاٽي اتيئي نہ. ڪنهن ڪان پڇيئہ سهين؟"

"مميءَ ها ڪئي آهي. پپا کي بہ اعتراض ڪونهي."

"ڪڏهن پروگرام ٺهيو؟"

"ڪالهہ."

"تہ مون کي اڄ ٿي ٻڌائين."

"مون چيو ممي پپا ها ڪن تہ پوءِ توهان کي ٻڌايان."

"چري، خبر بہ اتيئي تہ مون کي هي سڀ ڳالهيون نہ وڻنديون آهن." هو چوهہ مان ڪاجل جي ٻانهن پري ڪري ۽ مئگزين ڦٽي ڪري ٻاهر نڪري آيو. پارو تيءَ جي روم جو در ڪليل هو. ٻئي زال مڙس ٽي.وي. ڏسي رهيا هئا. نريش اندر داخل ٿي چيو "ممي! هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي." هن جي آواز ۾ غصو هو. بسنت لعل چيو "ڇو ڇا ٿيو؟" پاروتيءَ چيو "ڪجهہ ٿڌو ٿي، چئہ ڇا ڳالهہ آهي؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هي سوامي اسان جي گهر ڇو اچي رهيو آهي؟“

”ڇا ڪجي ڪاجل، اُجين ۾ سواميءَ کي دعوت ڏيئي آئي هئي. هاڻ جڏهن اچڻ جي تاريخ ڇوائي موڪلي اٿائين ته انڪار ڪيئن تو ڪري سگهجي.“

”ڪاجل ڪنهن کان پڇي دعوت ڏيئي آئي هئي؟“ ايتري ۾ پنيان ڪاجل به اچي ويئي.

پارونيءَ چيو ”مون سمجهيو توکان پڇيو هونداٿين. مون کي ته ڪلهه ئي ٻڌاياٿين.“

بسنت لعل چيو ”پڇياٿين يا نه پڇياٿين، هڪ دفعو چئي آئي ته انڪار ڪرڻ نٺو سونهين. خراب لڳندو خاص طور ڪاجل لاءِ.“

پارونيءَ چيو ”هاڻ ڪاجل وعدو ڪيو آهي ته وري اٿين نه ڪنديس.“

”مون کي ته نيڪ نٺو لڳي. اهڙا ڍونگي سوامي مون سان گڏ منهنجي گهر ۾ رهن، سو مان ته سهي نه سگهنديس. مون سان ڳالهه به اچ ٿا ڪيو ڇو؟“

بسنت لعل چيو ”پر هاڻي جيڪو ٿيو. ڪنهن لاءِ اٿين نه ڳالهائبو آهي. نيٺ به سنت پرش آهي.“

”پر پپا! ڪنهن هوٽل ۾ ڇو ڪونه بندوبست ڪريون؟“

”اِها به ساڳي ڳالهه ٿي نه. هو سمجهندا اسان ٺٺائي رهيا آهيون ۽ سنت پرش ظاهري طرح هوٽل ۾ رهڻ پسند نه ڪندا آهن.“ بسنت لعل مشڪي رهيو هو. ”چڏ هاڻي ڦاٽي کان پوءِ ڦٽڪڻ ڪهڙو؟ ٻئي دفعي ڍونگي يا اڍونگي ڪنهن جو به ستسنگ گهر ۾ نه ٿيندو.“

نريش عجب ۾ پئجي ويو. چياٿين، ”ته ڇا هت گهر ۾ ستسنگ به ٿيندو؟“

پارونيءَ چيو ”نه ته سوامي جن اچن ڇا لاءِ ٿا؟“

”هت ڪٿي ۽ ڪيترا ماڻهو گڏ ڪنديونءَ؟“

”مان ڪجهه ڪونه ڪنديس. ڪاجل ۽ چندرا ڪي جيڪو ڪرڻو هجي.“

”سوامي هت اچي رهي، تيستاٿين وري به نيڪ آهي، پر ستسنگ ۽ هن جي شرڌالن جي ٻيءَ طرح پيڙ مان هن گهر ۾ برداشت نه ڪندس.“

”پر ڇا ڪريون؟“ بسنت لعل خفي ٿيندي چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هوٽل ۾ رهڻ سان شرم ٿو اچيس، پر ڪنهن پبلڪ هال ۾ ستسنگ ڪرڻ پاڻ فخر لائق ڳالهه ٿيندي.“

”ته ڪر هال جو بندوبست.“

ڪاجل چيو ”ها نيڪ آهي. سوامي جن کي چونڊاسين وڏيڪ ماڻهن جي اچڻ جي اُميد آهي، ان ڪري هال جو بندوبست ڪيو آهي.“

نريش بي قابو ٿي ويو. رڙ ڪري چيائين، ”تون ته چپ ڪر.“ ڪجهه لمحن لاءِ روم ۾ شانتي ڇانئجي ويئي. ڪاجل ڪجهه چوڻ هارڪي هئي پر پاروتيءَ جو اشارو سمجهي خاموش رهي.

”نيڪ آهي. هال جو بندوبست ڪريان ٿو. شرڌالن کي چئجو ته سڌو اُتي وڃن. ڪنهن کي سواميءَ جي آڳي پيڇي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. آفيس جو پٽيوالو ٿي ڪافي اٿس. ان کي ڊرائيونگ به ايندي آهي.“

”نيڪ آهي بابا، هاڻ وڃي آرام ڪر.“ پاروتيءَ مٿي نهاريندي هٿ جوڙي ڪري چيو.

نريش ڪلي ويٺو. ”ممي! تون به عجيب آهين. ڪاجل دعوت ڏيئي آئي هئي ۽ عين موقعي تي توکي ٻڌايائين. جيڪڏهن تون انڪار ڪرين ها ته صرف ڪاجل جي عزت جو سوال هو، سو به سوامي ۽ ان جي ڪن چمچن اڳيان. هاڻ منهنجي سڄي شهر ۾ ياريءَ دوستيءَ ۾ ڄڻ عزت وڌندي.“

”چڱو ماريا، هاڻ چڏ نه پلا. وڃي آرام ڪر. هن ويچاريءَ سان اهڙو رهڙ سان ڳالهائڻ جي کهڙي ضرورت هئي. وڃي پرچائينس.“ ڪاجل اڳ ئي وڃي چڪي هئي.

نريش بيڊروم ۾ اچي چپ چاپ منهن ڦيري سمهي پيو. ڪاجل ٻئي پاسي منهن ڪري خاموشيءَ سان سمهي پيئي هئي. رکي رکي سڏڪن جو آواز نريش جي ڪنن تي پئجي رهيو هو. هن جي من ۾ ايترو روسامو پريل هو جو ڪاجل کي پرچائڻ جي اِڇا ئي نه پيئي ٿيس.

ٻئي ڏينهن پرسان واري هال جو بندوبست ٿي ويو. پاروتيءَ سموري جوابداري پاڻ تي کنئي. نريش چيو ”تون ڪجهه به نه ڪندينءَ. جيڪو ڪجهه ڪرڻو آهي چندرا کي ڪرڻ ڏي. ٿورو گهڻو ڪاجل ڪري ته پلي.“

”تون هاڻ هن معاملي ۾ پري ٿي وڃ. ڪاڙو ڪٻرن جي ضرورت نه آهي. حقون به ناحقون پيو وچڙنديون، نه ڏسنديون، نه ٻڌنديون، نه خار کائينديون.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوامي آرتوار ڏينهن آيو. گهر ۾ هن جي خاطرداري سٺي ٿي. سڄو ڏينهن هال ۾ هو. پروچن (واعظ) تہ خاص ڪونہ ڪيائين ۽ نہ ئي ان طرف هن جو ڪو لاڙو هو. سڄو ڏينهن شرڌالن جي اچ وڃ چالو هئي. عورتون ڪجهہ وڌيڪ هيون. پنج ڪلو ليما تہ هن ضرور ڪپايا هوندا. پنهنجي آشرم مان ڪارا ڌاڳا، سندور ۽ تعويذ وغيره ڪٽي آيو هو. چوي پيو خاص پوڄا ڪري سامگري ناهي اتم. ڪجهہ پيوتي (رک)، سوپاريون ۽ ڪجهہ رنگين پٿر بہ آنڊا هئائين. ماڻهن جا دک درد ٻڌي کين سٺي ۽ وڻندڙ انداز ۾ دلداري ڏيئي رهيو هو. پنهنجي سامگريءَ مان الڳ الڳ مرڪب ناهي، انهن کي ڏيئي رهيو هو. دک درد سيني جا ساڳيا تہ ڪونہ هئا. ان ڪري شايد هرڪنهن کي هڪ جهڙي سامگري نہ ڏيئي رهيو هو. جادو ٽوڻن جا منتر، ان جي چوڻ جو انداز ۽ ڏکيل ڏُونهيءَ ۾ ڪڏهن گيهہ جا تہ ڪڏهن پاڻيءَ جا ڇنڊا تہ ڪڏهن جوَن جي ٻوڄار سڀ ڏسي بسنت لعل دنگ رهجي ويو. هن کي پٽ تي فخر ٿيڻ لڳو. سنو ٿيو جو هي سڀ گهر ۾ نہ ٿيو. هن کي عجب لڳي رهيو هو تہ ڪاجل جهڙي پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري ڪيئن هن جي چڪر ۾ پئي آهي. ان کان وڌيڪ اچرج لڳي رهيو هئس ڪاجل جي ماءُ ۽ پيءُ تي جن سواميءَ کي سالن کان پئي برداشت ڪيو آهي. بسنت لعل کي خبر هئي تہ هيءَ پروگرام ڪرڻ لاءِ سوامي جلد جلد اندور پڳو بينو هوندو آهي ۽ پرسرام جي گهر بہ سال ۾ بہ ٽي دفعا ٿيندا آهن.

رات جو سواميءَ جي رسوئي چندرا ڪئي هئي. بسنت لعل جي سڄي پريوار کي نيند هئي، سڀ ويا پر نريش ڪونہ ويو. هن بندوبست جي ڪري بسنت لعل کي اڌ ڪان وڌيڪ راحت محسوس ٿي ۽ فرحت محسوس ٿي، جڏهن صبح جو سويل سوامي آجين روانو ٿي ويو.

صبح جو نيرن لاءِ چار ئي ڄڻا ٽيبل تي وينا ها. ونيتا سويل ئي ڪاليج وڃي چڪي هئي. نريش ڪلندي چيو "پپا! سواميءَ جو ڪالهہ 25_30 هزارن جو وڪرو تہ ٿي ويو هوندو."

بسنت لعل مشڪي چيو "هڪ ڏينهن ۾ سٺي ڪمائي ڇئجي، ويچارو ٻچڙيوال آهي."

پاروتيءَ چيو "ها بہ ڏيئر اٿس، شاديءَ لائق."

"تہ هو سنياسي۔ تياڳي ڪونهي؟ توکي ڪنهن ٻڌايو؟"

"ائين ئي خبر پيئي. سنساري ماڻهو ڇو سنت ٿتا ٿي سگهن؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چو ڪونہ.“ بسنت لعل چيو.

نريش چيو. ”ائين نہ آهي پپا! هن جو طريقو عجيب آهي. مت جا موڙهيل ٿي هن وٽ اچن ٿا ۽ هي انهن جو خوب فائدو وٺي ٿو. ڪلهوڪي ڏينهن ۾ سڀ ظاهر ٿي ويو. پر مون کي تہ اڳئي خبر هئي انڊور مان جڏهن مون سان گڏ ڪاجل سواميءَ جي يئترن جو پارسل آندو هو. ان جي مهما پڻ ٻڌي چڪو هئس.“

”ها. اهڙا ئي ساڌو سنت آهن. جي پنهنجي ذات ۽ ڌرم کي بدنام ڪن ٿا. ورنہ ڏس نہ ٻين ڪيترن هنڌ اسان جا سنڌي سنت بہ وينا آهن. جي ڪافي شيوا ڪندا تا رهن. اسڪول. ڪاليج. اسپتالون ۽ ٻيا آشرم برپا ڪري هلائي رهيا آهن. غريبن کي سهائتا پهچائڻ ۽ انهن جي نياڻين جو اُڪلاءُ ڪرڻ جا بہ سنا ڪاريہ ڪري رهيا آهن.“

”پر پپا! انهن کي پارت مان چاهي ٻاهران سٺو دان ملي ٿو.“

”صحيح آهي پر ڏن ڪان سواءِ تن ۾ من جي شيوا بہ ڪافي اهميت رکي ٿي ۽ اهڙيون شيوائون هو ڏيئي رهيا آهن. دانوير تہ ڏن ڏيئي ڇٽي ٿا وڃن. سنت جيڪي پنهنجو وقت ڏيئي هي سڀ ڪجهہ مئنيج ڪن ٿا ۽ پنهنجي عمر انهن ڪارين پنيان وڃائين ٿا. تن کيرون لهڻيون. اهي مهاتمائون. ساڌو سنتن ڪان وڌيڪ سماج سيوڪ آهن ۽ جادو ٽوڻن کان پري آهن.“

پارويتيءَ چيو. ”سو تہ آهي. ڌن بہ سيني کي هئڙن ڪارين لاءِ چو ڪونہ ٿو ملي؟ جيڪي شيوا ڪن ٿا ۽ جن ۾ ڪا مٽيا آهي. انهن وٽ دانوير پاٺهي پهچي تا وڃن.“

ڪاجل چپ هئي. نريش مشڪي رهيو هو. چيائين. ”ممي! اِهو ئي تہ اِنساني ڌرم جو پهلوُ آهي. جو سماج کي گڏي وينو آهي. ورنہ جيڪر هي سڀ شيوا جا ڪاريہ بہ واپارين جي هٿ ۾ اچي وڃن.“

بسنت لعل کلي چيو ”اها بہ شروعات ٿي چڪي آهي. ڪيترائي اسڪول. ڪاليج ۽ اسپتالون واپاري اصولن تي هلي رهيون آهن.“

پارويتيءَ چيو. ”سوتہ برابر آهي. پر سماج ۾ ضرورتمندن کي اهڙن مهاتمائن ۽ انهن جي شيوا ڪارين جي گهرج هاڻ بہ آهي ۽ پوءِ بہ رهندي.“

نريش مذاقي انداز ۾ چيو ”پر پپا. هن سواميءَ مان گهٽو ڪجهہ پرائٹو آهي. شايد مان سندس شش بہ ٿي وڃان.“ ڪاجل ڪنڌ مٿي ڪري هن ڏانهن نهاريو. نريش پيءُ ڏانهن مخاطب ٿيندي چيو۔ ”سواميءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا مارڪيٽنگ ۽ ڪميونيڪيشن طريقا_ هو ڪافي ماهر پئي لڳو. هڪ ئي ڏينهن ۾ هيترا ماڻهو گڏ ڪري سگهيو. سڄي بڙودا ۾ هن جي اچڻ جي خبر ماڻهن کي ڪيئن پئي. ڪو اشتهار نہ. ڪي پوسٽر نہ.“

بسنت لعل چيو ”ڳالهائڻ ۾ بہ ڏاڍو هوشيار هو. ياشا, چاهي انداز ۾.“

پاروتيءَ کي ڳالهہ جو هي موڙ نہ وڻيو. چيائين, ”بس يلا, دير نٿي ٿئي؟. بئي پيءُ پٽ اچي هن جي پنيان پيا آهيو.“ سپيئي نيرن ڪري چڪا هئا. نريش اُٿي پنهنجي روم ۾ تيار ٿيڻ ويو. بسنت لعل واش بئسن طرف مڙيو. پاروتي اُٿي ئي ويٺي رهي ۽ ڪاجل ٽيبل تان برتن کڻڻ لڳي.

سواميءَ جي ملاقات هن گهر ۾ هڪ قسم جي هلچل پيدا ڪري ڇڏي هئي. اڄا ڳالهين پيچو ئي ڪونہ ٿي ڇڏيو. نريش ۽ بسنت لعل وڃي چڪا هئا. ڪاجل واندي ٿي پاروتيءَ جي روم ۾ آئي. هن جي اکين ۾ پاڻي هو. اندر داخل ٿي سس کي پيرين پئي چيائين, ”ممي! هي سڀ ڪجهہ منهنجي ڪري ٿيو آهي. مون کي معاف ڪيو.“

”بس, سڀ ڪجهہ پورو ٿي ويو. هاڻي وساري ڇڏ.“ پاروتي ڇڪي ڪاجل کي پاڻ سان وهاريو.

”پر اڃا منهنجو من مايوس آهي. مون سيني کي دک پهچايو آهي.“ چئي اچي اوڇنگارن ۾ پئي.

”ڇري اهڙي ڳالهہ هجي ها تہ سوامي جن کي گهر ۾ رهائڻ کان انڪار نہ پيو ڪري سگهجي ها.“

”پر هنن کي تہ ڏاڍو خراب لڳو آهي نہ.“

”سو تہ هن جي سياءَ جي خبر اٿيئي. سوامي جن کي ننڊ ڏيڻ کان پهرين توکي نريش جي ڪن تي ڳالهہ وجهڻ کپندي هئي.“

”اِها ئي تہ ڀُل ٿي نہ.“

”خير هاڻي نريش بہ سمجهي ويو آهي. تون چنتا نہ ڪر.“

”دراصل منهنجو ويچار سوامي جن کي گهرائڻ جو ڪونہ هو. مان جڏهن اڳئين دفعي ماسيءَ سان گڏ اُجين ويئي هئس تہ سوامي جن بڙودا اچڻ جي اِڇا ڏيکاري هئي. ماسيءَ کيس اُتساهت ڪيو ۽ چيو تہ اسان سڀ ويوسٿا (بندوبست) ڪنداسين. پنهنجي سرڪل ۾ بہ چئہ چاڻہ ڪري ڪجهہ ماڻهو سندن پروچن لاءِ گڏ ڪنداسين. پوءِ جڏهن هنن اچڻ لاءِ فون ڪيو تہ ماسي توڙي منهنجي مميءَ جو چوڻ هو تہ پنهنجي بنگلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي رهائڻ جي بهاني سندن چرڻ (پيرا) هتي گهمارايان ۽ آسيس وٺان. ان ڪري سوامي جن کي فون ڪري مون پاڻ وٽ اچڻ لاءِ چيو.“

پاروتيءَ جي ڳالهائڻ ۾ رڪائي اچي ويئي، ”تہ هي سڀ ڪجھ تنهنجي مميءَ ۽ ماسيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ ٿي رهيو هو. انهن جي ڳالھ مڃڻ کان پهرين نہ تو مون کان، نہ دادهن کان ۽ نہ نريش کان پڇڻ جي ضرورت سمجهي. چڱي پاڻ هر تڙي تي ويئي آهين.“ تورو خفي ٿيندي چيائين، ”خير ڇڏ هاڻ سيني ڳالهين کي پنهنجي ممي ۽ ماسيءَ جي ڪلاڪاريءَ جي ڳالھ نريش سان نہ ڪج. هنن ٻنهي جو فرض هو منهنجي ڪن تہ ڳالھ وجهڻ.“ ڪاجل خاموش رهي. پاروتيءَ چيو ”تنهنجا سڀ پيڪا مائٽ هن جا انڌ شرڌالو ٿا لڳن. اسان جي ڪٽنب جي وشواس ۽ شرڌا جي اڃا توکي خبر نہ پئي آهي، ٻہ سال اچي ٿيا اٿيئي شادي ڪئي. چندرا بہ چالاڪي ڪري گهانگهو لاهي تنهنجي گلي ۾ وڌو. ڪجھ پنهنجي سمجھ رک. اٽپڙهيل ڪونہ آهين.“

ٻئي ڇٽا رات جو جڏهن پنهنجي روم ۾ اڪيلا ٿيا تہ ڪاجل ڏکي آواز ۾ آهستي چيو ”هيڏانهن، مون کي معاف نہ ڪندا.“

”ڇو؟ اڃا چاهي؟ معاملو ختم سمجهي اڳتي جي سوچ.“

”پر منهنجي من تي اڃا بوجھ آهي.“

”اجايو وڌيڪ نہ ويچار. جيڪو ٿيو تي چڪو. هاڻ وساري ڇڏ سڀ ڪجھ.“

ڪاجل تڏو ساھ کڻي ماٺ تي ويئي. نريش تورو مشڪي چيو ”ڪا! هڪ ڳالھ پڇانءِ. مون کي تہ ڇا پر سيني کي عجب لڳي رهيو آهي تہ هيتري پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ جو هنن جادو ٽوڻن ۾ چاھ ڇو آهي.“

”ان ۾ پڙهيل نہ پڙهيل جو ڪهڙو سوال آهي.“

”پر توکي انهن منترن ۽ ينترن- ڌاڳن ۽ ليمن ۽ تعويذن جي ضرورت ڇو پيئي؟“

”مان ڇا ڪندي آهيان؟“

”سڄي گهر ۾ هي ينتر پيا رلندا آهن.“ ڪاجل خاموش هئي. نريش چيو ”جادو ٽوٽا ٻن سببن ڪري ڪبا آهن، جن جو وشواس هجي انهن جي باري ۾ تو چوان. هڪ تہ ڪو دکي هجي تہ سک حاصل ڪرڻ لاءِ، ٻيو تہ ڪنهن دشمن وغيره کي نقصان پهچائڻ لاءِ.“

”پوجا ۾ جنم سڦل ڪرڻ لاءِ نہ؟“

”بلڪل نہ. پوجا پاٺ ديوين ديوتائن جا نسخا آهن. جن سان جنم سڦلو ٿئي ٿو. جادو ٽوڻا دئيتن جا نسخا آهن ۾ اُنهن جو اُپيوگ اهي شخص ڪندا آهن. جن کي آتم وشواس (خوداعتمادي) ڪونہ هوندو آهي.“

نريش کي لڳو ڪاجل ڪجھ سوچي رهي آهي. ڪجھ دير جي خاموشيءَ کان پوءِ چيائين. ”بڌاءِ نہ. توکي هن گهر ۾ ڪهڙو دک سور آهي. جو دور ڪرڻ لاءِ سواميءَ کان مدد وٺندي آهين. يا سچ پچ ڪنهن جو برو ڪري رهي آهين. يا ماڳهين سيني کي هيٺ ڪري پاڻ کي اُوچو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهين؟“

هوءَ خفي ٿي اُٿي- ”توهان بہ توبھ آهيو مان تہ بحث ڪري ڪانہ پڄي سگهنديس.“

نريش مشڪي چيو ”شڪر آهي. پهريون دفعو مڃيو اٿيئي.“

آرتوار ڏينهن صبح جو ڪاجل چيو ”هيڏانهن. اسان پنهنجي بيڊروم جي سيٽنگ ڦيرايون تہ؟“

”ڇو ساڳي سيٽنگ ڏسي ڏسي بور ٿي پيئي آهين؟“ نريش مشڪي چيو.

”ڪجھ ان ڪري. ڪجھ واستو شلپ جي ڪري.“

”پلي چينج ڪر. پر ڪيئن ڪندينءَ؟“

”خاص تہ پلنگ جي دشا (رُخ) متائٽي آهي. منهن هن طرف هئڻ کپي.“ ڪاجل نريش کي ڏيکاري رهي هئي تہ پلنگ ڪيئن رکجي. نريش چيو. ”ائين تہ سڀ اُلٽو ٿيندو. هڪ تہ باٿ روم جو دروازو بلڪل بغل ۾ ٿيندو. ٻيو تہ داخل ٿيڻ وارو در بلڪل سامهون. اُلٽي سيٽنگ ٿيندي. سوفا ۽ ٽيبل ڪيئن بہ رکجن. ان جو پرابلم ڪونهي. پر پلنگ ائين ڪونہ رکي سگهبو. پاڻ کي پڙدو نہ رهندو ۽ سڀ بي ڍنگو لڳندو.“

”پوءِ ڪهڙو فرق پوندو؟ واستو شلپ موجب سيٽنگ هوندي تہ اهو سڀ پاڻ لاءِ ۽ پريوار لاءِ سٺو ۽ ڪلياڻ ڪاري (فائديمند) ٿيندو.“

”پريوار لاءِ سڀ ڪجھ سٺو تڏهن ٿيندو جڏهن پاپ نہ ڪجن. اسان تہ جاتي واٽي ڪو پاپ ڪونہ ڪيو آهي. ان ڪري تون پريوار جي چنتا نہ ڪر.“

”توهان تہ سچ پچ هاٺي منهنجي ڪا ڳالھ نٿا مڃو.“

”اِها آئيڊيا توکي ڪنهن ڏني؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سوامي جن، جڏهن هت آيا هئا تہ گهر ڏسي چيو هئائون.“
”سوامي تہ هر فن مولا ٿو لڳي. سڄي گهر جو معائنو ڪيو هونداٿين، پوءِ تہ.“
”نہ صرف اسان جي بيبڊروم لاءِ پڇيو هئو مون.“
نريش کلي ويٺو. ”هڪ بيڊروم جي سيٽنگ چينج ڪرڻ سان سڄي پريوار جو ڪيئن ڪلياڻ ٿيندو. تون خودغرض آهين. رڳو پنهنجو بيبڊروم چو ڏيکارئيس؟“
”چڏيو يلا.“ ڪاجل رُسندي چيو.
”سوامي بہ واندو آهي توکي ٻئي ڪنهن ڪم جون آئيڊيائون نٿو ڏئي.“
”ٻئي وري ڪهڙي ڪم جون؟“
”مثال طور پتيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ ڏينهن ۾ ٻہ ٽي دفعا پاڪي پائجي، خاص ڪري جڏهن هو ٻاهران اچي.“
”ها فلمن وانگر گهر ۾ داخل ٿيڻ سان سيني جي سامهون.“
”ها، پوءِ چاهي پتي پتني تہ آهيون.“
”سوامي فلمون ڪونہ ڏسندو آهي. هن کي اهڙي آئيڊيا ڪيئن ايندي؟“
”توکي ڪهڙي خبر چري! هو هر قسم جون فلمون ڏسندو هوندو پر چا انترايامي (اندر جو ڄاڻو) ڪونهي، اييااس ڪيل ڪونہ اٿس؟ هئڙيون آئيڊيائون تہ اسان جهڙن بندن کي بہ اچن ٿيون.“
”توهان تہ سچ پچ سوامي جن جي پنيان اچي پيا آهيو.“ چئي هوءَ ڪمري مان نڪري ويئي.
ڪجھ دير کان پوءِ ڪاجل پاروتيءَ کي پاڻ سان وٺي آئي. پاروتيءَ چيو ”نريش هن کي روم جي سيٽنگ چو ڪونہ ٿو متاثر ڏين؟“
”ممي! سڀ بي ڍنگو ءِ اُلٽو لڳندو.“
”پر واستو شلپ کي ڌيان ۾ رکي جيڪڏهن ضروري آهي تہ هرج ڪهڙو آهي؟“
”ممي! تون بہ سواميءَ جي ڪرڙ گيان ۾ اچي وئينءَ؟“
”اِها ڳالھ نہ آهي. شاسترن ۾ واستو شلپ (شين جي تبديلي) جي ڪافي مهما آهي. ڪجھ تہ آهي جو هن وديا (علم) جو صدين کان آدر ٿيندو پئي آيو آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر شويا (سونهن) ۽ ڪلا (فن) جي بہ تہ ڪجھہ تقاضا رهي تي نہ؟“

”چڱو پلا اسان وارو روم ڪٿي. مٿايون تا.“

”تو وارو روم تہ اصل نہ ڪپي.“

”چو؟“

”هوءَ پاسي واري دريون ۽ پڙدا ڪولي ڪپڙا مٽينڊي آهي.“

پاروتيءَ ڪلي چيو ”ماريا سالن جي ڳالھہ اجا ڪونہ وسري اٿئي. ويچاريءَ هڪ دفعو پل ڪئي آهي، تون اَجا پيو ڳائين.“ ڪاجل بہ مشڪي رهي هئي.

”چو هاڻ پڙدا ڏيندي آهي؟ پر ممي چڏ انهن ڳالهين کي روم مٽائڻ مان ڪهڙو فائدو. وري ان ۾ ڪهڙي سيٽنگ ڪرڻي آهي، سابہ تہ سوامي ڪونہ بڏائي ويو آهي.“

”چو؟“

”صرف هن هڪ روم جي لاءِ بڏائي ويو آهي. شايد تڪڙ ۾ هو يا صرف ڪاجل جو ئي فائدو پئي سوچيو اٿائين. تو في بہ تہ ڪونہ ڏني هئس.“

”ڏس جيئن سمجھين.“ پاروتيءَ چيو.

نريش ڪاجل طرف منهن ڪري چيو ”ڏس روم جي سيٽنگ مٽائڻ جو تہ سوال ئي ڪونهي.“ وري کلي چيائين، ”ها ليمن ۽ ڪارن ڏاڳن مان ڪم هلندو هجي تہ بلاشڪ.“

پاروتيءَ مشڪي چيو ”هل ماريا، ڏوڙ پاءِ.“ هوءَ روم مان نڪري ويئي. ڪاجل جو چهرو ياوَ هيٺ هو. هوءَ خاموش هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 14

نريش کي هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو بامبي وڃڻو پوندو هو. هڪ وڏي ڪارپوريٽ هائوس جو نيٽ ورڪنگ ڪنسلٽنٽ هو. ان ڪمپنيءَ کي پنهنجا سافٽ ويئر انجينئر هوندا هئا. نريش انهن جي مارگ درشن لاءِ ويندو رهندو هئو. نريش جي ان وشيه ۾ مهارت هئي. ڪڏهن ڪڏهن رات جو رڪڻو پوندو هئس ته ڪمپنيءَ جي گيسٽ هائوس ۾ بندوبست هوندو هئو.

هن دفعي جو رڪڻو پيس. ڪمپنيءَ جي جنرل مئنيجر کي هانگ ڪانگ ٽُوئر تي موڪلڻ جو پرستاءُ (درخواست) بحال ٿيو هئو. نريش ان کي پارٽي ڏيڻ لاءِ چيو ۽ قدرت سان هن کي رات رڪڻي پيئي ته اشوڪ چيو "ياڻي اڄ پارٽي منهنجي طرفان."

"بلڪل! ڪٿي؟ تاج ۾ يا اوبيراءِ ۾."

"ڇڏ تاج ۽ اوبيراءِ. هلون ٿا چاندني بار ۾."

"نہ يار! پيو دفعو پڪچر ڏسڻ جهڙي نہ آهي. مون ڏٺي آهي."

"پڪچر جي ڪير ٿو ڳالهہ ڪري. اصلي چاندني بار ۾."

"ڪهڙي هنڌ؟"

"ڏسان ٿو ڪولابا ۾ ٿيو تہ واهہ. ورنہ انڌيري يا بائيڪلا ۾ هلڻو پوندو."

"ڪولابا ويجهو ٿيندو......" ڪمپني گيسٽ هائوس بہ ويجهو ئي ڪف پريڊ جي ڪنهن فلئٽ ۾ هو.

رات جو ڏهين وڳي ڪولابا جي هوٽل ۾ پهتا. اندر ڊانس چالو هئي. اسٽيوارڊ بنهي کي اندر رزرو ٽيبل ٽيبل تائين وٺي آيو. ڪجهہ منٽن ۾ هڪ ويٽريس آئي. ڇوڪري سهڻي هئي. هلڻ جي لوڏ وٽندڙ هئس. انگريزيءَ ۾ پڇيائين، "سر ڇا پيئندا؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نريش هونئن شراب ڪونہ پيئندو هئو پر ٻاهر ڪڏهن ڪڏهن پارٽيءَ جهڙي موقعي تي هڪ اڌ پيگ ڪٽندو هو. اشوڪ جي پڇڻ تي چيائين، ”مان مڙيئي سوڻ خاطر ڪجهہ پيئندس. باقي بائيٽنگ لاءِ ڪجهہ سنو نان ويج چئينس.“ اشوڪ هڪ هڪ پيگ جا ٻہ گلاس آڻڻ لاءِ چيو گڏ ڪجهہ کاڌي جو آرڊر پڻ ڏنو. هوءَ آرڊر لکي هلي ويئي. ٻئي ڄڻا ڊانس ڏسڻ ۾ محو ٿي ويا. نريش ڪمپنيءَ جي ايگزيڪيوٽس سان ڪافي گهرو هو. جلدي جلدي گڏجڻ سان اِهو سياويڪ بہ هو. ساڳئي وقت هئا بہ هم عمر.

نريش چيو ”يارا هوءَ بلو مديءَ واري سٺي ڊانس ٿي ڪري.“

”ها! ڏسڻ ۾ بہ سٺي آهيَ ۽ هوءَ لنبي اٿين تہ سٺي ٿي لڳي، پر گهٽ ڪپڙن جي ڪري اُن جو اُگهاڙو سرير نٿو وڻي.“

”صحيح ڳالهہ آهي. پلي آهي، سيڪسي.“

اٿين ڳالهيون ڪندي ڪندي سادا ٻارهن ٿي ويا. اڄ نريش ڪجهہ وڌيڪ پي ويو هو. ڳالهائڻ ۾ هڪ قسم جي لرزش اچي ويئي هئس. اشوڪ تي ڪو اثر ڪونہ ٿيو هئو. ظاهر هو تہ هو هنن ڳالهين تي هريل هو. شو تہ اجا چالو ئي هو پر صبح جي ڪم جي اون هئي، ان ڪري هلڪي ڊنر ڪري اُٿي کڙا ٿيا. پيٽ تہ شراب ۽ بائيٽنگ ۾ پرجي ويو هئن.

ٻاهر اچي ڪار ۾ ويٺا تہ نريش مشڪي چيو ”هي ڇوڪريون رات جي ڪچهريءَ لاءِ بہ ٻولائينديون هونديون؟ جيئن پڪچر ۾ ڏيکاريل آهي؟“

اشوڪ وراڻيو ”الڳ الڳ بارس ۾ جيڪو وهي واپاري رهيو آهي، پڪچر جي اسٽوري ان جي آڌار تي لکيل آهي.“

ڪار اسٽارٽ ڪندي اشوڪ شرارتي نوع ۾ پڇيو ”ڇو آهي ڇا ڪجهہ رنگين ڪارنامي جو ويچار؟“

نريش ڪلندي چيو ”ڇڏ يار اهي سڀ ڳالهيون ٻاڻ لاءِ ڪونهن. وري رهون بہ ڪمپني گيسٽ هائوس ۾ ٿا.“

اشوڪ ان ئي انداز ۾ چيو ”ٻئي دفعي، مان هانگ ڪانگ مان موٽان، تنهن کان پوءِ اچج.“

نريش جي دماغ ۾ رنگين تصور گهمي رهيا هئا. سڄي سرير ۾ مناس پريا اُمنگ اُيري رهيا هئا. شراب جي نشي ۾ جلد ئي ننڊ اچي ويس، ورنہ سڄي رات دلفريب صورتون ۽ نظارا خيالن ۾ رچيندو رهي ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 15

ڪاجل چيو "ممي! گھر جي خرچ جا پئسا مان پاڻ وٽ رکان نہ؟"

"ڇو؟" پاروتيءَ پڇيو.

"سڀ آنديون نينديون مان ئي تہ ڪريان ٿي. گهڙي گهڙي توهان کان پئسا گهرڻ جي ضرورت نہ پوندي. ڪير ويٺو هجي تہ اُن جي سامهون پئسا گهرڻ ٺيڪ نٿو لڳي."

"ڇو پئسا گهرڻ ۾ ننڍپ ٿي وڃين ٿي؟ هونئن بہ گهرڻ جي ضرورت ڪڏهن پيئي اٿيئي؟ ڪيٽ مان سڌو تہ ڪڍندي آهين."

"تڏهن تہ چوان پيئي...." ڪجهہ لمحن جي شانتيءَ کان پوءِ چيائين، "توهان جي پرس ۾ هٿ وجهڻ بہ تہ بي ادبي آهي نہ؟"

"سو هاڻ خيال ٿو اچيئي؟ مون کي تہ ڪڏهن خراب ڪونہ لڳو آهي، نہ ئي اهڙو ڪڏهن مون ڪٿي ذڪر ڪيو آهي."

"توهان تہ برابر ڪڏهن ڪجهہ نہ چيو آهي. پر مان جيڪڏهن پاڻ وٽ پئسا رکان تہ ڪهڙو هرج آهي؟"

پاروتيءَ کي من ۾ ڏاڍو غصو اچي رهيو هو پر مشڪي چيائين. "سو هاڻ توکي سس ٿيڻ جو شوق لڳو آهي. پر منهنجي سس ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪر." هن ڪجهہ اهڙي انداز ۾ چيو جو ڪاجل سمجهي ويئي تہ هي آخرين فيصلي جو جواب آهي ۽ اِنڪري پنهنجي ڪمري ۾ هلي آئي.

ڪاجل ويچارن ۾ غلطان ۾ ٿي ويئي. اجايو مميءَ سان ڳالهہ ڪيم. اِنڪار تہ ڪيائين، پر من ۾ الائي ڇا سمجهندي هوندي. پڇتاءَ وچان سندس دل جي ڌڙڪن ڪجهہ تيز ٿي ويئي. منجهند جو وقت هو. بستري تي ڪنڌ ورائي ليٽي پيئي. اکيون بند ڪري. دماغ پڻ بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي تہ جيئن خيالي گهوڙو نہ ڊوڙي.

مطلب تہ ڪاجل پنهنجي اهميت قائم ڪرڻ لاءِ سڄي گهر تي رعب ڄمائڻ جي ڪوشش ۾ پئي رهي ۽ ائين هن جي من ۾ اختياريءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاجهه تہ اڳ ئي پيدا تي چڪي هئي. اُتندي وهندي پئي سوچيندي هئي تہ ڪهڙيءَ ريت پنهنجو مقصد حاصل ڪجي. هن جي مميءَ جي خواهش هئي تہ ڪاجل ساهرن ۾ هڪ ڪيندر بِندو تي رهي. ڪنهن ان باري ۾ لنبو نہ سوچيو تہ هن طريقي سان ڪجهہ بہ حاصل ڪرڻ ڏکيو آهي ۽ جي ڪجهہ ٿيو بہ تہ هوءَ شايد سُر ئي جيتي سگهي. دليون تہ ڪنهن بہ حالت ۾ نہ. ڪيندر بِندو ٿيڻ لاءِ سڀ کان سولو سهڻو ۽ دائمي طريقو آهي، گهر جي سڀني ڀاتين جو پيار ۽ وشواس حاصل ڪرڻ. ان جا طور طريقا ڪجهہ علحدا آهن. پر سَوَلا. ان سان نہ صرف گهر ماحول سٺو ۽ خوشگوار رهي ٿو پر دماغي طور شانتي بہ رهي ٿي ۽ نتيجو؟ ڪٿنب جي ترقي. ڪاجل جڏهن نئين نئين گهر ۾ آئي هئي تہ هن ۾ اهڙا ڪيترائي گڻ هئا. پنهنجي مشڪندڙ چهري، فضيلت ۽ ڦڙتيءَ پرئي وهنوار سان هن گهر جي ڀاتين جو من موهڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. سماج ۽ مٿن مائٽن ۾ پڻ پاروتيءَ جي نونهن جي ساراهہ هئي. جڏهن کان هن جي من ۾ گهر جو وڏو ٿيڻ لاءِ خوديءَ جو معدو پيدا ٿيو تڏهن کان هن جي آچار وهنوار ۾ ڪافي فرق نظر اچڻ لڳو. چهري جا ڀاوَ سخت ٿيڻ لڳا هئا ۽ اُها موهيندڙ رونق گم ٿيڻ لڳي هئي، نہ هيءَ سمجهي سگهي ۽ نہ هن جي ماءُ تہ هن گهر ۾ جيڪڏهن ڪاجل کي اهميت حاصل ڪرڻي آهي تہ ان جو صرف هڪ ئي طريقو آهي. سولو سهڻو ۽ پيار پريو. سواميءَ وٽ هر بيماريءَ جو هڪ ئي علاج هو جي هو تہ. هر سواليءَ کي ساڳين ئي حرفن ۾ ساڳيون ئي صلاحون ڏيندو هو. مت جا موڙهيل اُنهن اُپديشن (مشورن) جي پيروي انڌي نموني ڪندا هئا. ڪنهن کي اِهو وشليشڻ (غور ويچار ڪرڻ) ڪرڻ جو عقل ڪونہ آيو ۽ نہ ئي ڪنهن سوچڻ لاءِ وقت پئي ڪڍيو تہ سواميءَ جي ڪهڙي فارمولا ڪهڙي موقعي تي ڪم آڻجي، ڪنهن سان ڪم آڻجي ۽ ڪيتري حد تائين ڪم آڻجي. هڪ نانءَ چڙهئي واپاريءَ جيان هن جا اُپديش هلي پيا هئا. پر ڪنهن پيڙ چال ۾ اهو نہ پئي ڏٺو تہ اهي ڪيتر يقدر آزمايل آهن. ڪاجل شادي ڪري هڪ سمجهو ۽ سلجهيل پريوار ۾ آئي هئي. پنهنجي سمجهہ جيڪڏهن ڪم نہ ڪري رهي هئس تہ پريوار جي ڀاتين جي هر واجبي اِشاري کي قبول ڪري هنئين سان هنڊائي هلي ها تہ پاڻ کي دکي نہ سمجهي ها. شاديءَ جي ٿوري ئي عرصي ۾ هن کي محسوس ڪرڻ کپندو هو تہ گهر ۾ سندس لاءِ عزت ۽ پيار اوترو ئي آهي، جيترو هڪ اهميت واري ڀاتيءَ لاءِ هئڻ کپي، بلڪ ڪيترين حالتن ۾ ان کان بہ وڌيڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيم تيم ڪر. ڪير منع ڪونہ ڪنديءِ. پاڻ اُتساهت ڪرڻ لاءِ ڪوئي ملي وينديءِ.“

پاورتي ڳالهين جو موڙ ڏسي اُٿي ويئي. ڪاجل کي صبح کان ئي جنهن ڳالهہ جو ڊپ هو سا ٿي چڪي، متان نہ سواميءَ جو نالو بہ اِن سان جڙي وڃي. ڪاجل چيو ”هينئر توهان کي نٿو لڳي تہ سوامي جن جو نالو اجايو اسان جي گهر ۾ لويو پيو وڃي.“

”حقيقت آهي، نالو نہ پر خود سواميءَ کي لويو پيو وڃي، پر اجايو نہ.“

”ڇا مطلب؟“

”حقيقت آهي چوان تہ پيو پر ان لاءِ جوابدار تون آهين. جڏهن کان هن گهر ۾ آئي آهين، تڏهن کان مون کي تہ سواميءَ جي حاضري ائين لڳندي آهي جڻ منهنجي پرسان وينو آهي.“

ڪاجل کلي چيو ”اِهو وري ڪيئن؟“

”تنهنجي دل ۾ مون لاءِ جڳهہ آهي؟“

”سو تہ آهي ئي.“

”گڏ سواميءَ جي لاءِ بہ ڪجھ آهي.“

ڪاجل وري کلي چيو ”پر اِها ٻئي قسم جي ٿي نہ.“

”قسم ڇڏ. دل تہ هڪ آهي نہ. هڪ جاءِ ۾ روم الڳ الڳ تين تا. ڪير ڏاريو پاسي واري روم ۾ اچي رهندو تہ پاڻ کي ڪيئن لڳندو؟“ سڄي گهر ۾ سواميءَ جي سامگري پيئي رلي. ڳالهہ ڳالهہ ۾ سواميءَ جا گڻ پيئي ڳائين، ايتري قدر جو ليما ڏسي مون کي يڪدم سوامي ياد اچي ويندو آهي ۽ سوچيندو آهيان تہ هي ليما بازار مان آيل آهن يا سواميءَ وٽان.“

نريش ڪاجل کي ياڪر ۾ ڪٽندي چيو ”ڇڏي ڏي هي سڀ. مون کي شروع کان ئي هي ڳالهيون نہ پئي وڻيون آهن. مون کي تہ غصو اچي ويندو آهي. گهر ۾ بہ سيني کي عجب لڳي رهيو آهي تہ مان ڪيئن سڀ ڪجھ برداشت ڪري رهيو آهيان. سچ تہ صرف تنهنجي ڪري مان برداشت ڪري رهيو آهيان. هاڻ صبر چرم سيما (آخري حد) تائين پهچي چڪو آهي.“

ڪاجل خاموش هئي. نريش ڳنڀير ٿي چيو”سواميءَ کان نام ورتو اٿيئي؟“

ڪاجل ڪنڌ ڌوڻي ’ها‘ ڪئي.

”ڇا ڇيائين نام ۾؟“

”اهو ڪنهن کي بہ ٻڌائڻو ڪونهي. منع ٿيل آهي.“ ڪاجل چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون کي بہ نہ؟"

"نہ!"

"قسم وڏو اٿائين تہ کنهن کي بہ نہ ٻڌاءِ؟"

"سو بہ ها يا نہ چوڻ جي منع آهي."

نريش چڙ مان چيو "اِهو چيو اٿائين تہ پتيءَ اڳيان سرير پلي کول، پر من نہ."

"توهان اجايو پيا ڪاوڙجو. نام نہ ٻڌائبو آهي."

"منهنجو نام ٻڌڻ ۾ چاهہ ڪونهي. اِهو ڪرڙ گيان پاڻ وٽ رک. هڪ ڳالهہ صاف سمجهہ. هاڻ هي سڀ ناٽڪ بند ٿيڻ کپن، جن جو هدايتڪار سوامي آهي. سڌي يا اڻسڌي طرح."

"پر توهان منهنجي هر ڳالهہ سوامي جن سان ڇو ٿا جوڙيو؟"

"تنهنجي هر ڳالهہ جيڪا ڪامن سينس ۽ ترڪ تي کري نہ اُتري، سا سواميءَ وٽان ئي تہ پيدا ٿئي ٿي."

"مون کي ڪامن سينس ۽ ترڪ وديا (عقلي ڄاڻ) جي ڄاڻ ڪونهي."

"سو مون ڪٿي چيو."

"ان جو مطلب ڪجهہ تہ سلجهيل دماغ رکان ٿي نہ؟ جيڪڏهن توهان مون کي سلجهيل دماغ واري سمجهو ٿا ۽ اهو سلجهيل دماغ سوامي جن جي رهبريءَ جو قدر ڪري ٿو تہ هو مون کان وڌيڪ عقل وارا چئبا نہ؟"

"بحث سنو ٿي ڪرين، پر جڏهن سواميءَ جي ڳالهہ اچي ٿي تہ مار کائي ٿي وڃين. تون سمجهين ٿي تہ جو ڪجهہ تون ڪري رهي آهين، سو سڀ پنهنجي ليکي؟ دراصل هو تنهنجو دماغ چٽي چڪو آهي ۽ تون هر قدم هن جا اُپديش ڌيان ۾ رکي کٽي رهي آهين. شانتيءَ سان ويچاري ڏس تہ تون پنهنجو ڪنيل قدم هن جي اُپديش سان نہ پيٽيندي آهين؟ ائين ڪوشش نہ ڪندي آهين تہ سڀ قدم ان جي نصيحتن موجب هجن؟"

ڪاجل خاموش ٿي ويئي. نريش اوباسي ڏيندي چيو "خير ڇڏ اهي سڀ ڳاليهون. پاڻ کي ۽ سيني کي خوش ڏسڻ چاهين ٿي تہ سواميءَ جو نالو هن گهر ۾ نہ ڪڍ."

ڪاجل جو چهرو ياو هيٺ ٿي ويو. اُٿي ٽيبل تان گلاس کڻي پاڻي پيتائين. نريش مشڪي چيو "بهرحال هاڻ تہ مون کي خوش ڪر."

ڪاجل ڪنڌ مٿي ڪري مشڪي، پر اُها مشڪ ڦِڪي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 16

ان ڏينهن نريش کي گهر ايندي دير ٿي ويئي هئي. هڪ ڪال سينٽر جي سافٽ ويئر ۾ ڪجهه وائرس اچي ويو هو. انهن جي 24 ڪلاڪ سروس ڪئي ۽ هن کي امرجنسي سروس ڊيٽي هئي. مسئلو حل ٿي ويو. ڊنر جو بندوبست اُتي ئي نريش جي گراهڪ ڪيو هو. ٻه ٽيڪنيشن گڏ هئس. انهن کي گهر تائين ڇڏي پاڻ پنهنجي گهر آيو. در نريش جي ماءُ کوليو. رسوئيءَ جي اون ڪانه هئي، ان ڪري ڪاجل ڪم ڪار لاهي سمهي پئي هئي.

بيڊروم ۾ داخل ٿي نريش در اندران بند ڪيو. ڪاجل بستري ۾ ڪجهه چري ته نريش محسوس ڪيو ته اجا جاڳي رهي آهي. هونئن به رواجي طور سمهڻ جي وقت کان ڪا گهڙي دير ڪانه ٿي هئي. باٿ روم ۾ هٿ منهن ڌوئي ٻاهر آيو. دريون کليل هيون. ٻنهي کي بند ڪري ڪپڙا مٽڻ لڳو ته خيال آيس. نائيٽ ڊريس پاڻ کان سواءِ ئي اچي بستري تي ليٽيو. ڪاجل جو منهن ديوار طرف هو. نريش پنيان پاڪي پائي، لانگ ورائي تورو زور ڏئي چيو "ڪاجل! ننڊ اٿيئي ڇا؟"

ڪاجل محسوس ڪيو ته نريش کي ڪپڙا پاتل نه آهن. سست آواز ۾ چيائين، "هون!"

ڪاجل ڌيمي ڌيمي پاسو نريش طرف ورايو. ڪجهه اوٻاسي ڏيندي چيائين، "اڄ نٿو پڄي."

"ڇو؟ ڇا ٿيو؟" هن ٻانهن جي گرفت مضبوط ڪندي چيو.

"ائين ئي ڪجهه طبيعت نٿي چوي، ڪجهه موڊ نه آهي."

"پوءِ موڊ جو ڇا ڪريون؟" نريش مشڪي چيو. هو ڪاجل جي ڇاتيءَ تي هٿ ڦيري ٽڏڙا ڪڍڻ لڳو. ڪاجل ڌيمي سان هن جو هٿ پري ڪندي چيو "ڇڏيو نه."

"ڇو ڀلا." نريش من ۾ ڪجهه خفي ٿيندي چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڏسو نہ! ممي ترتر تي منهنجي بي عزتي ٿي ڪري. ننڍين اڳيان تہ مان نہ سهي سگهنديس.“

نريش جو موڊ سوڊا جي گئس وانگر اُڏامي ويو. چيائين. ”تيون تنهنجون ڪمهليون ڳالهيون شروع. ان لاءِ پيو ڪو وقت يا موقعو توکي نٿو ملي؟“

”توهان ڏينهن جو وهو تہ منهنجون ڳالهيون ٻڌو نہ.“ ڪاجل بحث ڪندي چيو.

”ڪنهن بي رات اهي ڳالهيون نہ ٿيون ٿي سگهن. اڄ بہ جيڪڏهن ڪجهہ دير سان اهڙيون ڳالهيون ڪرين ها تہ ڇا ٿئي ها.“ چئي اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ اونده ۾ ڪپڙا پائڻ لڳو ”روز رات جو دير سان ايندو آهيان؟“

ڪاجل چيو ”ڇڱو ڀلا اڇو نہ! ناراض ڇو ٿا ٿيو؟“

”تون آرام ڪر، اڄايو طبيعت وڌيڪ نہ خراب ٿي پويئي.“ چئي نريش ٻاهر نڪري آيو.

پاروتي ڊرائنگ روم جي بتي ٻرندي ڏٺي تہ ٻاهر نڪري آئي. ”ڇو نريش وري ڇا ٿيو؟“

”ممي! مان اڇان ٿو ڪلاڪ ڪن ۾، وري فون آيو آهي. ڏسان ڪهڙو پرابلم آهي.“

”فون جي گهنٽي تہ ڪانہ وڳي.“

”موبائيل تي نياپو آيو.“ موبائيل فون نريش 24 ڪلاڪ پاڻ سان گڏ رکندو هو.

”پوءِ اِنهن ئي ڪپڙن ۾؟“

”ها ڪهڙو ٿو فرق پوي. مان چابيون کڻي ٿو وڃان.“ چئي هُو ٻاهر اچي ڪار ۾ وينو. نريش کي اهڙا ڪمهلا سڏ ڪڏهن ايندا هئا. ان ڪري پاروتيءَ کي عجب نہ لڳو. بتي ٺاري هوءَ وڃي آرامي ٿي.

نريش ڪال سينٽر تي پهتو تہ آپريٽرس کي ڪجهہ عجب لڳو. ڪنهن چيو ”سر توهان؟“

”ها. سوچيم سمهڻ کان اول ڏسي اچان تہ ڪم ڪيئن پيو هلي.“ وري مشڪي چيائين. ”متان پوءِ مني ننڊ مان اُٿاريو.“

”نہ. هاڻ بلڪل برابر آهي ۽ ڪو پرابلم نہ اچڻ کپي.“

”ٺيڪ آهي، وري بہ ڪجهہ هجي تہ موبائيل تي فون ڪجو.“

”جي!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٺي آپريٽر چيو "سر، توهان سيني کي ائين سروس ڏيندا آهيو؟"

"ياٽي، اِهو اسان جي سروس جو سوال نہ آهي، انٽرنئشنل مارڪيٽ ۾ اِنڊيا جو نالو ٺئي بس ڪافي آهي."

"ها ڪال سينٽر تہ انٽرنيشنل سروس آهي."

"چڱو باءِ".

نريش ٻاهر آيو. موڊ ٺيڪ ٿي ويو هئس. لڳن ۾ جو تناءُ محسوس ڪري رهيو هو سو آهستي آهستي نڪرڻ لڳو.

ڪار ڊرائيو ڪندي خيال آيس ٻاهر واتاورڻ (ماحول) ۾ ڪيتري نہ شانتي آهي. ويڪري روڊ تي پريان اوچين عمارتن تي نيون سائن بورڊن جا اکر ٺري ٻري رهيا هئا. جڻ اک هٽي سڏي رهيا هئا. نريش کي هي ماحول ڪجهہ ڏٺل وائٺل پئي لڳو حالانڪ ڪيتري وقت کان هو رات جو هن وقت بڙودا جي رستن تي نہ نڪتو هو. ياد آيس. اجا تازو بامبي جي رستن تي رات جو هڪ بجي گهميو آهي. اشوڪ سان گڏ ۾ ائين ٺي ياد آيس اها رنگين رات. اشوڪ تہ هانگ ڪانگ وڃي چڪو هو. اُتي سٺو وقت پاس ڪندو هوندو. هن جي اِچا ٿي تہ هڪ دفعو وري بامبي وڃي ڪجهہ اهڙو شو ڏسجي. بامبي مان هن دفعي موٽڻ کان پوءِ گهڙي گهڙي ان ڊانس پارٽيءَ جا نظارا هن جي اکين اڳيان ترندا هئا. واندڪائيءَ ۾ خوشفهميءَ سان دلفريب نظارا پيو ٺاهيندو ڊاهيندو هو. گهر پهچڻ تائين هن فيصلو ڪيو تہ هڪ دفعو وري اُتان ٿي اچجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 17

نريش پروگرام ٺاهي بامبي آيو. ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ هو پر گهر بهانو ڪمپنيءَ جو ڏيئي آيو هو. دل ۾ هڪ قسم جي آنندمانڊ هئس ته ڪيئن بہ هڪ دفعو وري هيٺڙو ڪجهہ ڏسان. هن جي تن ۾ من ۾ جوانيءَ جو جوش لهرون ماري رهيو هو. ٽرين ۾ وهڻ سان ئي هڪ قسم جو مٺاس هن جي سرير ۾ جاڳي اُٿيو ۽ طرح طرح جا انسڪال ۾ ڪرڻ لڳو. فون ڪري رهڻ جو بندوبست ڪمپني گيسٽ هائوس ۾ ڪري چڪو هو. آفيس جي ٽائيم تي ڪمپنيءَ ۾ ويو. ڪجهہ آفيسرن کي چئي آيو ته پرائيويٽ وزٽ تي آيو آهيان. جيڪڏهن بڙودا مان فون اچي تہ نياپو وٺي رکن. پاڻ سان موبائيل تہ کڻي آيو هو پر اتفاقي جيڪڏهن آفيس ۾ فون اچي تہ هو اڻ ڄاڻائي نہ ڏيکارين.

سڄو ڏينهن ڪجهہ نون جهونن گراهڪن وٽ وزٽ ڪري تہ ڪجهہ ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ ڇا نئون آيو آهي، اهو ڏسڻ لاءِ الڳ الڳ ڪمپنين ۾ وڃي وقت پاس ڪيائين.

شام جو شو جي وقت تي اچي هوٽل پهتو. اڳيون بل پاڻ وٽ رکي ڇڏيو هئائين. اهو ڏيکارڻ سان هوٽل وارن کي خاطري ٿي تہ هي ريگيولر آهي ۽ هن مان ڪو خطرو ڪونہ آهي. هوٽل ۾ بي قاعدي ڪم تہ ٿيندا ئي هئا. هڪ ننڍي ٽيبل تي اڪيلو ويهي پروگرام ماڻڻ لڳو. اڄ هڪ پيگ ڪان وڌيڪ ڪونہ پيتائين. ڪجهہ وقت کان پوءِ هن اسٽيوارڊ کي پاڻ وٽ سڏيو. هي اهوئي شخص هو جنهن کي هن ريگيولر هئڻ جي خاطري ڏني هئي. هو ويجهو آيو تہ نريش چيو "هي شو ڪيڏي مهل پورو ٿيندو؟"

"هڪ ڏيڍ رات جو ٿي ويندو."

"پوءِ جو پروگرام." هن مشڪي پڇيو.

"هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو."

"ڪوئي ٻڌائي سگهندو تہ هن ڇوڪريءَ جو ڪهڙو پروگرام آهي؟"


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪهڙي؟“
”هوءَ وائيٽ مني اسڪرٽ واري.“
”ڏسان. جيڪڏهن بزي هجي تہ ڪنهن ٻيءَ لاءِ پڇان.“
”ٺيڪ.“
اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هن اچي ٻڌايو تہ هوءَ وائيٽ اسڪرٽ واري اجا تہ فري آهي.“
”ٺيڪ آهي. چئي سگهنديئس تہ پروگرام کان پوءِ مون سان گڏ گهمڻ هلي.“
”ها.“ نريش سؤ روپين جو نوٽ هن جي هٿ تي رکي چيو ”اجا ساڍا يارنهن ٿيا آهن. مان ڪنهن هوٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ڪري اچان ٿو.“
”اسان جي پاسي واري هوٽل ۾ رهڻ جو بندوبست آهي. سامان ڪٿي اٿوَ.“
”اسٽيشن تي ڪلاڪ روم ۾.“
”توهان سامان ڪٿي سڌو هوٽل ۾ وڃو. مان ڳالهائي ٿو رکان.“
نريش گيسٽ هائوس مان پنهنجي بئگ کڻي هوٽل ۾ آيو. گيسٽ هائوس مان چيڪ آئوٽ ڪري آيو تہ باندرا ڪنهن مائٽ وٽ ٿو وڃان. هن کي پاڻ تي عجب لڳي رهيو هو تہ هي سڀ ڪجهہ ڪهڙي نہ آتمر وشواس سان ڪري رهيو آهي. هوٽل ۾ اسٽيوارڊ فون ڪري چڪو هو. چيڪ ان ڪري بئگ رکي واپس پروگرام ڏسڻ آيو. ڪافي اُجيت (آزاد) ٿي چڪو هو. پروگرام ۾ دل نہ لڳس. اسٽيوارڊ کي هُن کي روم نمبر 711 ۾ موڪلڻ لاءِ چئي، پاڻ اچي هوٽل ۾ آرامي ٿيو.
اهڙيءَ طرح نريش کي هي مرض لڳي چڪو. ڇوڪريءَ جو نالو جين هو. هن سندس ڪانٽئڪٽ نمبر وٺي ڇڏيو هو. بامبي ڪم سان ايندو هو تہ ڪمپني گيسٽ هائوس ۾ ئي لهندو هو پر شام جو ئي چيڪ آئوٽ ڪري ويندو هو. ”اڄ رات جو ٽي بڙودا وڃڻو آهي.“ الڳ الڳ هوٽلن ۾ رهڻ لڳو. شو تي وڃڻ ڇڏي ڏنائين. فون تي جين سان اڳواٽ ئي اپائنٽمينٽس رکي گهران نڪرندو هو. وزٽس ڪجهہ وڌي ويون تہ خرچ بہ ڪجهہ وڌي ويو. خير خرچ جي هونئن تہ پرواهہ ڪانہ هئي، پر ڏيکاري ڪيئن؟ گهر ۾ آفيس مان ڪيئن ۾ ڪيترا پئسا ڪٽي؟ ان ڪئش جي تنگيءَ ئي هن کي مريادا ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو. ورنہ ماءُ پيءُ ۾ ممڪن هو تہ يارن دوستن اڳيان اُگهاڙو ٿي پوي ها.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 18

نريش جي جيتانند تي سُني حجت هلندي هئي. اندور جڏهن بہ ويندو هو تہ هن سان گڏ وڏيڪ وقت گذاريندو هو. پرسرام کي ڪم ڌنڌي ۾ وڌيڪ مشغول رهڻو پوندو هو. جڏهن تہ جيتانند جي معاملي ۾ ڌنڌي جون جوابداريون رام وڌيڪ سنڀاليندو هو.

سياويڪ جڏهن جيتانند بڙودا ڪنهن شاديءَ تي آيو ۽ هوٽل ۾ وڃي رهيو تہ نريش کي نيڪ نہ لڳو. هوٽل ۾ وڃي جيتانند کي ڏوراپو ڏيندي چيائين، "دادا، ڪمال تا ڪيو. پنهنجو گهر هوندي هوٽل ۾ لٿا آهيو."

"يار، هوٽل ۾ مان توري ئي پنهنجي مرضيءَ سان آيو آهيان. هي تہ شاديءَ وارن بندوسبت ڪيو آهي. توکي تہ خبر آهي مان سيٽپي کان وڌيڪ ياٽپيءَ ۾ مڃيندو آهيان. توهان سان جدائي توري ئي آهي."

"تہ پوءِ جڏهن شاديءَ جي ماحول کان پري ئي رهڻو آهي تہ هوٽل ڇا، اسان جو گهر ڇا."

"اِهو تہ نيڪ آهي، پر خبر اٿيئي هنن سان واپاري رشتو آهي. سيني ڊيلرس و هت بندويست ڪيو اٿائون. مون کي بہ لڳو تہ ڪجهہ وقت سڀ گڏ هجو تہ مارڪيٽ ۾ ڇا ٿو وهي واپري، ان جي خبر پوي ۽ هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ بہ ٿئي."

جيتانند جي ڳالهہ ۾ وزن هو. نريش چپ ٿي ويو. ڪجهہ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري ۽ شاديءَ کان پوءِ گهر اچڻ جو انجام وٺي نريش واپس آيو.

هو ٻئي ڏينهن شام جو گهر آيو. هن کي ڏسي ڪاجل ڏاڍو خوش ٿي لڳي.پار وتي ۽ بسنت لعل رات جو ڊنر کان پوءِ سيڻ کي ٻارن سان وهاري پنهنجي روم ۾ هليا ويا. پلي تہ کلي دل سان ڳالهيون ڪن. ونيتا ڪجهہ دير اچ وچ پئي ڪئي، ۽ پوءِ وڃي آرامي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄيتانند چيو ”پوءِ نريش، ڪيئن پيو هلي تنهنجو ڪم ڪار.“

”سنو آهي. فل ٽائيم مشغول رهجي ٿو اهوئي ڪافي آهي. بامبي وارو ڪانٽرئڪٽ سٺي هٿي ڏيئي ويٺو آهي.“

”ٻيو سڀ ٺيڪ ٺاڪ؟ ڪڏهن ٿا اندور اچو؟“

نريش ڪاجل ڏانهن نهاري مشڪي چيو ”اڄا هاڻ ته ٿي آيا آهيون. ڪاجل لاءِ پيڪن جي شهر اندور ڪان وڌيڪ ڪشش ڪندڙ شهر آهي، اُڄين ۾ اُتان جو سوامي.“

”هو سوامي هت به پهچي ويو؟“

نريش ڪلنڌي چيو ”مون کي ساهرن مان ننڍي سالي بدران هي مليو آهي. سالو ته هليو ويندو آهي، پر هي ٽڪي پوندو آهي.“

ڪاجل چيو ”مان آئيسڪريم ڪٽي ٿي اچان.“

هن کي ويندو ڏسي نريش ڄڻپير ٿي چيو ”دادا، هي سوامي ته منهنجي لاءِ آزار ٿي پيو آهي.“

”سو ڪيئن؟“

”ڪاجل تر تر تي ان جي صلاح ٿي وٺي. اندور مان مميءَ جي ڪلي پشتي اٿس. خسيس ڪلڻ جهڙين ڳالهين جي رپورٽ به اتي مميءَ وٽ پهچي ٿي. مون کي ته هي سڀ ڪجهه پنهنجي گهر ۾ دخل اندازي ٿي لڳي.“

”تون ڪجهه سمجهائينس نه.“

”ڇا سمجهايانس. ننڍي ٿوري ئي آهي. پڙهيل ڳڙهيل آهي. سڌي اٽسڌي نموني گهٽيئي دفعا چيو اٿيمانس، نٿي مُڙي. گهر ۾ گهڀي ڪِلڪِل نه ٿئي، ان ڪري مڪمل منع نٿو ڪري سگهان.“

”تنهنجا ممي پپا ڇا ٿا چون؟“

”اهي نڪو ٻڌ ۾ نڪو چئن ۾. سڀ ڪجهه نظرانداز ڪندا ٿا اچن، پر هُنن کي به هي ڳالهيون نٿيون وڻن سا پڪ اٿم.“

”پر هاڻ آخر ڪجي ڇا؟ ديوي به آهي پنهنجي دماغ جي. ڏسان پرسي کي ڪجهه چوان. تو ڳالهايو آهي هنن سان ان باري ۾؟“

”سڌيءَ طرح نه. ممي ته سمجهي رهي آهي جڻ اسان تي ايچپو (ٽورو) ڪري رهي آهي، سواميءَ جي ڪريا درشتي ميسر ڪري ڏيڻ ۾.“

”مون کي يار سڀ انيوَ آهن. گڏ هوندا هئاسين ته هي آزار سڄي گهر لاءِ هوندو هئو. اسان کي به نه وڻندو آهي. آخرڪار ته مريادا رکبي آهي.“

”ٻيا به ڪجهه نه چوندا آهن؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شاباس آهي ويچاري پرسي کي. هن مڪمل ريت آئين واري چڏي آهي. ڪجهه نه چوندو اٿس، نه چئي سگهندو آهي.“

”يعني مميءَ سان شامل راءِ نه هوندا آهن. برداشت ڪندا آهن، صرف گهر جي سک شانتيءَ لاءِ.“

”بلڪل!“

”پر اهو ته غلط چئبو نه. مسئلي جو حل ڪڍڻ بدران ان کي پاسيرو ڪري ڇڏڻ. خير اهو سندن پنهنجو پرابلم آهي. اسان ڇو سهون؟“

”ڪاجل لاءِ!“ چيتانند مشڪي چيو.

”ان طرح جي شانتي ڪهڙي ڪم جي. پريوار ۽ سماج ۾ اميج ڪهڙو؟ اٿپڙهيل جاهل ۽ وهمي ماڻهن جو.“

”ڏس، آهستي آهستي ڪري سمجهائينس. پرسي وانگر ضلح مون ته ڪونه ڪيو.“

”دادا نقط چينيءَ لاءِ معاف ڪجو. اهو ته ٿيو مسئلي کي منهن ڏيڻ کان نٽائڻو. خودغرض ٿي ڪنهن به نموني شانتي حاصل ڪري وقت پاس ڪرڻو.“

”ها، تون چئي سگهين ٿو. مرون ٻڌِي (حيواني عقل). بيوقوفن کي به پاڻ بچائڻ جو عقل عين موقعي تيَ ازخود اچي ويندو آهي.“

ايتري ۾ ڪاجل آئيس ڪريم جي ٽري کڻي اندر آئي. نريش چيو ”دادا، ان حيواني جذبي جي اهميت پنهنجي آهي ۽ بئي ڪنهن انوساڌن ۾. پر اِنساني فطرت ۾ غيرت به ته ڪي چيزون آهن، جيڪا ڳالهه عقل ۾ ترڪ تي ڪري نٽي اُتري. سا مان ته سالم دماغ هوندي نه مڃيندس.“

”نتيجو خبر اٿيئي؟“

”ها! ٽڪراءُ ۾ پنڻ.“

”سو ته نيڪ آهي. پر آخر ٽڪراءُ ۾ پنڻ ختم ڪيئن ٿيندا؟“

”جتي به! جيسين منهنجو دل ۽ دماغ سالم آهي، تيسين هٽڙيون ڳالهيون منهنجي گهر ۾ نه هلنديون. ان باري ۾ مون اڳ ئي قدم کڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن.“ نريش جي آواز ۾ ڪجهه گرمي اچي رهي هئي.

چيتانند چيو ”جو چوندا آهن ته جادو ٽوٽا اُلٽو اثر به ڪندا آهن.“

”جادو ٽوٽا ڪو اُلٽو يا سلٽو اثر ڪونه ڪندا آهن. سامهون وارا انهن کي ڪيئن ٿا کڻن ۽ ڪهڙو ٿا ردعمل ڏين. ان هر پهلوءَ جي نتيجي کي ئي ’اثر‘ چيو وڃي ٿو. مِرون ٻڌيءَ وارا اِنسان صرف پاڻ جيئڻ جاڻن ۽ پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچائڻ لاءِ سڀ ڪجهہ سهندا تا اچن. پر جن کي اِنساني عقل بہ واپرڻ اچي ٿو انهن لاءِ هي ڳالهيون هضم ڪرڻ هڪ مسئلو آهي.“

”مان بہ ڪجهہ ائين ئي ٿو چوان. جيڪڏهن ڪو آئين نٿو واري، سمجهہ ۽ عقل واپري ٿو تہ گهر ۾ ٽڪراءُ ٿيٹو آهي، ان ٽڪراءُ جو اثر جادو ٽوڻن جي پٺيان ڊاريل اُڊيش جي وپريت (ابتڙ)، ٿئي ٿو. ان کي مت جا موڙهيل اُلٽو اثر چون ٿا.“

”پر دادا، اندور وارن جي ڪا جوابداري ڪو فرض نہ آهي؟ تہ اهڙو ڪجهہ نہ ڪن، جو ڏيءُ جي ساهرن کي پسند نہ آهي. اسان جي ڪا غير واجب گهر تہ ڪانهي. مان تہ صرف چاهيان ٿو تہ اسان کي پنهنجي مستيءَ ۾ رهڻ ڏيو. شانتيءَ سان رهڻ ڏيو. ڏيءُ ڏکي هجي يا ڪا تڪليف ساهرن يا پڳوان طرفان هجي تہ هي سڀ قدم وري بہ واجب ليکي سگهجن ٿا. پلي چرپائيءَ جا آهن. هي ڪو علاج ڪونهي. اهو مت جي موڙهيل ماڻهن لاءِ دلي سنتوش جو هڪ ذريعو آهي.“

چيتانند ڪاجل طرف مخاطب ٿيندي چيو ”ڪاجل پٽ ڏس! هي سڀ ڪجهہ ڇو ٿي ڪرين.“

ڪاجل آهستي چيو ”دادا، مان تہ ڪجهہ خاص ڪندي ڪانہ آهيان. هنن کي پسند ڪونهي تہ مون سڀ بند ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو ٿورو گهٹو ڪرٹو ٿو پوي سو ممي ڪندي آهي.“

چيتانند مشڪيو. هن کي ڏسي نريش جو غصو بہ ڪافور ٿي ويو ۽ مشڪڻ لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 19

نريش ڪمپيوٽر روم مان نڪري ٻاهر اچي لائونج ۾ ويٺو. صبح جو ئي بڙودا مان آيو هو. سڄو سسٽم نظر مان ڪڍي آيو ۽ ڪمپنيءَ جي لوڪل ٽيڪنيشنس کي ڪجهه هدايتون ڏيئي آيو. وري شام جو پنجين بجي چيڪ ڪرڻ اچڻو هئس. سوچي رهيو هو تيسين ڇا ڪجي. هڪ ڇوڪري اڳيان اچي بيٺي. چيائين، ”سَر، توهان سنڌي آهيو؟“

نريش وراڻيو ”ها ڇئو!“

”منهنجو نالو ڪويتا ورياڻي آهي. مان هت انٽرويو لاءِ آئي آهيان.“

”ڇا جو؟“

”ڪمپيوٽر آپريٽر.“

”ڊيٽا اينٽري يا ٻيو ڪجهه.“

”سا تہ خبر ڪانهي.“

”ويهو.“ نريش ڪيس پنهنجي سوفا تي پرسان وهڻ جو اِشارو ڪندي چيو. ڇوڪري ويهي رهي. هوءَ سندر ۽ لنبي هئي. ڪافي موهيندڙ لڳي رهي هئي. ڪپڙا پورا پنا پاتل هئس، حالانڪ سادا نہ ڇئجن. نريش چيو ”ڇئو مان ڇا تو ڪري سگهان.“

”هت ڪنهن چيو تہ توهان سنڌي آهيو ۽ هن ڪمپنيءَ ۾ ڪافي سڃاڻپ اٿو ان ڪري توهان کي ڪجهه سفارش لاءِ عرض ڪرڻ آئي آهيان.“

”ڇا سڪيل آهين؟“

ڪويتا پنهنجي بايوڊيٽا ڪڍي هن ڏانهن وڌائي. نريش ڏٺو تہ هوءَ ڪمپيوٽر جو ڪافي ڪجهه سڪيل هئي. ٻن سالن جو آزمودو پڻ هئس. چيائين، ”پوءِ هيءَ چالو نوڪري ڇو ٿي ڇڏين؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هڪ تہ هن ڪمپنيءَ اشتهار ۾ وڌيڪ پگهار جي آڇ ڪئي آهي، ٻيو تہ مون کي اچڻ وڃڻ ۾ بہ سهوليت ٿيندي. ڪجهہ مدد ڪري سگهو تہ مهرباني.“

”ڪٿي رهندي آهين؟“

”ڪنگس سرڪل!“

”چڱو تون انٽرويو ڏيئي اچ. مان ڪوشش ڪريان ٿو.“ چئي نريش پنا ڇوڪريءَ کي واپس ڏنا. ڇوڪريءَ جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ڍنگ ۽ هلڻي چلڻيءَ جو نريش تي ڪافي اثر ٿي چڪو هئو. اهڙيون فضيلت واريون ڇوڪريون اڃا نريش ڪونہ ڏٺيون هيون. ويس پوشاڪ مان ڪنهن غريب گهر جي نظر اچي رهي هئي.

اشوڪ جي ڪن تي ڳالهہ وجهي، نريش اچي گيسٽ هائوس ۾ آرامي ٿيو.

جين بامبي کان ٻاهر ويل هئي. ان ڪري اڄ رات جو ٿي واپس وڃڻ جو پروگرام ٺاهي آيو هو. هن ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ سان اٽڪڻ نٿي چاهيو. شام جو اشوڪ ٻڌايو تہ ڪويتا ورياڻيءَ کي ڪمپنيءَ ۾ اپائنٽ ڪيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 20

برابر مهيني کان پوءِ نريش واپس بامبي آيو. جين سان پروگرام طئي هئڻ ڪري رات رهڻ جي ڪري آيو هو. آفيس ۾ ڪمپيوٽر روم ۾ داخل ٿيو تہ ڪويتا اڳيان وڌي آئي. ”نمستي سر! مون کي خبر هئي تہ اڄ توهان اچڻا آهيو.“

”اڙي ڪويتا، ڪيئن مزي ۾ آهين؟“

”ها! توهان ڪيئن آهيو؟“

”بلڪل ٺيڪ. ڪيئن پيو ڪم ڪار هلي؟ هِري مِري ويٺي آهين“

”جي!“

”ٺيڪ آهي دل لڳائي ڪم ڪر تہ جيئن نالو ٿئي.“

”جي سر.“

”ها! هاڻي سر ۾ چڙهي ڏي. مان ڪو هن ڪمپنيءَ جو مالڪ يا آفيسر ڪونہ آهيان.“ ڪويتا مشڪي پنهنجي ٽيبل طرف هلي ويئي.

ڪويتا جي ڳالهہ نريش کي ياد نہ رهي هئي ۽ نہ ئي ان ڏينهن کان پوءِ هن ان جي باري ۾ ڪجهہ سوچيو هو. ٽين بجي تائين نريش ڪم ڪندو رهيو. ان وچ ۾ اُتي ئي ورڪنگ لنچ اشوڪ سان گڏ کاڌائين. ڇنڇر هو. اسٽاف آهستي آهستي وڃڻ لڳو هو. ڪم پورو ٿيڻ سان هي بہ اُتي هلڻ لڳو. اشوڪ سان بهانو ڪيو هئائين تہ ڪجهہ ڪم آهي ۽ رات جو ئي بڙودا واپس وڃڻو آهي. لفٽ ۾ ڪويتا گڏجي ويس. نريش پڇيس، ”ڪيڏانهن وڃي رهي آهين، گهر؟“

”جي ها!“

”مون کي ڪرافورڊ مارڪيٽ وڃڻو آهي. هل مون سان گڏ ٽئڪسيءَ ۾ توکي لاهي مان اڳيان وڌي ويندس.“

ڪويتا ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي. چيائين، ”شڪريا!“

ٽئڪسيءَ ۾ وهڻ کان پوءِ نريش پڇيو ”تنهنجا پتا ڇا ڪندا آهن؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جي اُهي ڪونهن. گذرئي پنَج سال تي ويا اٿن.“

”اوهه! آءِ ايم ساري. گهر ۾ ٻيو ڪير ڪير آهي؟“

”بس مان ۽ ممي. نه ڀاءُ نه ڀيڻ.“

”پتا ڇا ڪندا هئا؟“

”ريلوي مان رٽائر ڪري چڪا هئا.“

اِئين ڳالهين ۾ وي.ٽي. اسٽيشن اچي ويئي ۽ ڪويتا ٽئڪسيءَ چڙهي هلي ويئي. نريش کي اسٽيشنري مارڪيٽ مان آفيس لاءِ ڪجهه خريداري ڪرڻي هئي. لنگهندي هڪ دڪان جي شوڪيس ۾ مئنا ڪُئن کي پاتل ڊريس وڻي ويس. اندر وڃي ڪائونٽر تي ويٺل شخص کي اهڙي ڊريس ڏيکارڻ لاءِ چيائين. ٻيون ڪيتريون ڊريسون ڏنائين. ساڳي اسٽائيل ۾ ٻيا ڪلر پڻ ڏنائين پر شو ڪيس واري ڊريس وڌيڪ سٺي لڳي رهي هئس. آخر مئنا ڪُئن تان لهرائي پئڪ ڪرائي کڻي آيو. ڪاجل کي سٺي لڳندي. اڄ گهڻي وقت کان پوءِ هو ڪاجل لاءِ ڪجهه وٺي رهيو هو. ڊريس جي ڪري کيس ڪاجل جي ياد آئي، ڪجهه اهڙي نموني گويا گهر ۾ گڏ نه رهندا هجن ۽ ڪافي عرصي کان پوءِ ملي رهيا هجن. هو تصور ڪرڻ لڳو ته ڊريس ڏسي ڪاجل ڪيئن ۽ ڪيترو خوش ٿيندي.

نريش رات ڊوبي تلاءَ ۾ ٺئي هڪ هوٽل ۾ ڪاٽي. ڪمپنيءَ لاءِ جين اچي ويئي هئي. صبح جو سويل تيار ٿي، نيرن ڪري، هوٽل مان چيڪ آئوٽ ڪري هو وي.ٽي. اسٽيشن تي آيو. رات بسنت لعل جو موبائيل تي فون آيو ته موتومل کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. نريش کي چيائين ته ان سان گڏجي به اڄ ۽ ٻڙودا لاءِ ڪجهه ڪم اٿس. سو پڻ سمجهي اڄ آرتوار هئڻ ڪري اڄ رش ڪانه هئي. فرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺي انڌيريءَ جي ٽرين ۾ اچي ويٺو. ولي پارلي پليٽفارم تي لٿو ته سامهون ڪويتا کي ايندو ڏٺائين. پريان ڪَويتا جي به هن تي نظر پيئي. وڌي اڳيان آئي. ”سر، توهان هتي؟“

”ها. ناناوتي اِسپتال ۾ ڪنهن سان گڏجڻ وڃڻو آهي.“

”مان به اُتي وڃي رهي آهيان.“

”ڇو؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"منهنجو مامو دراصل منهنجي ماءُ جو مامو داخل ٿيل آهي. ممي تہ طبيعت جي ڪري اچي نٿي سگهي، ان ڪري مان آئي آهيان. آرتوار ڪان سواءِ وري ٽائيم بہ نٿو ملي."

"ڇا ٿيو آهي تنهنجي مامي کي؟"

"ڪِڊنيءَ جي تڪليف اٿس."

"اتفاق سان مان جنهن کي ڏسڻ وڃي رهيو آهيان، ان کي پڻ ساڳي بيماري آهي. ڇا نالو ٻڌايو تو پنهنجي مامي جو؟"

ڪويتا کلي ويئي. نريش کي هن جي کل منتر مگڌ (جادوءَ وانگر موهت) ڪرڻ واري لڳي رهي هئي. ڪويتا چيو "مون اڃا نالو ڪٿي ٻڌايو توهان کي، موٽومل کلناڻي."

"پهرين ٻڙودا رهندا هئا."

"ها اهي ئي تہ. توهان سڃاڻون؟"

"مان بہ تہ انهن وٽ وڃي رهيو آهيان. هل گڏ ٿا هلون."

ٻاهر اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺا. رواجي طرح هي ملاقاتين لاءِ وقت ڪونہ هو پر نريش ڪو بهانو ڪري اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي منظوري وٺي آيو. اسپيشل روم وارن لاءِ هونئن بہ خاص بنڌڻ نہ هوندو آهي. موٽومل ليٽيو پيو هو ۽ سندس پتني پرسان ڪرسيءَ تي جهلڪيون کائي رهي هئي. هنن کي ايندو ڏسي چست ٿي ويئي. چيائين، "اڙي نريش! اڄ اچ، توکي ڪيئن خبر پيئي؟"

"مان هت ڪالهہ آيو هئس. رات جو پپا جو فون آيو. انهن ٻڌايو انڪل جي باري ۾....."

موٽومل جي اک کلي. شايد جاڳي رهيو هو. چيائين، "ها، مون ئي فون ڪرايو هئومانس."

ڪويتا ڏانهن نهاري چيائين، "ڪيئن آهين پٽ؟"

"مان تہ نيڪ آهيان. توهان ڪيئن آهيو؟"

"بس سور بند ٿيڻ جي گوري وٺان ٿو تہ فرحت آهي، باقي رپورٽون اڃان تہ خبر پوي."

نريش چيو "انڪل ڪجهہ تہ آئيڊيا هوندي نہ؟"

"هڪ ڪِڊني وڌي ٿي ويئي آهي. پٿري بہ ڪانهي. ڪالهہ پيشاب ٽپاس ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي. رپورٽ 72 ڪلاڪن کان پوءِ ملندي. ان کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ايڪسري ڪيندا. الائي ڪيتريون تيستون ڪري رهيا آهن. سندر سڀ ڏانهن ڏيان پيو تو ڏئي. ويچارو اڪيلو پنجي پيو آهي.“

”انڪل، توهان چنتا نہ ڪيو اسان بہ تہ وينا آهيون.“ نريش آٿت ڏيندي چيو.

ڪويتا چيو ”ماما، مان ڪجھ ڏينهن موڪل وٺان؟“

”نہ پٽ، اجا اهڙي ضرورت نہ آهي. تنهنجي مامي ڊاڪٽرن ۽ نرسن سان چڱيءَ طرح ڳالهائي سگھي ٿي.“

”ماما، مون نوڪري مٿائي آهي. نئين هنڌ ١٥٠٠ روپيا وڌيڪ پگهار آهي. نوڪري نريش سر جي مدد سان ملي آهي.“

نريش مشڪي چيو ”اهو سڀ دماغ مان ڪيڍي ڇڏ. نوڪري توکي پنهنجي هوشياريءَ ۽ علم جي ڪري ملي آهي. انڪل مون کي اڄ خبر پيئي تہ هيءَ توهان جي ڀاڻيجي آهي.“

موتومل اُتر جي ڪوشش ڪندي چيو ”نريش، تو ۾ هڪ ڪم آهي. بڙودا وارو مڪان نيڪال ڪرڻو آهي. هڪ آفر آئي آهي، سندر وٽ سڀ تفصيل آهن. هو خبر نہ آهي ڪيڏي مهل اچي، تنهنجي ڪهڙي ٽرين آهي؟“

”بڙودا ايڪسپريس۔ رات جو يارهين بجي.“

”ڪٿي لٿل آهين؟“

”هوٽل مان تہ چيڪ آئوٽ ڪري آيو آهيان. سڄو ڏينهن ائين ئي ڪاٽڻو آهي.“

”پوءِ گھر وڃ نہ. سندر بينا ۽ ٻارن سان بہ ملي ٠مگهنديں.“

”نہ انڪل. منجهند جي لنچ لاءِ ڪجھ دوستن گڏجي پروگرام ٺاهيو آهي. سويل واري ڪنهن ٽرين جي رزرويشن نہ ملي. ورنہ بڙودا نڪري وڃان ها.“

”پوءِ سندر سان ڪيئن گڏجنديں؟“

”مان وري هت پنجين بجي اچان ٿو. بئگ رکي ٿو وڃان. رات جو بوريوليءَ کان ٽي چڙهندس. سندر کي چئجو تہ پنجين بجي هت اچي.“

ڪجھ دير وهڻ کانپوءِ نريش اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ وڃڻ لاءِ موڪل وٺڻ لڳو تہ ڪويتا چيو ”ماما، مان بہ هلان ٿي. ممي اڪيلي آهي. ڪجھ ڪم ڪار هجي تہ نياپو موڪلجو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ٻاهر آيا تہ نريش چيو ”ڪويتا، اڄ لنچ لاءِ اسان سان جائن ثي.“

”اسان سان؟ ٻيو ڪير آهي؟“

”منهنجو دوست ۽ ان جي پيڻ.“

”هن دفعي ڇڏيو. ٻئي ڪنهن دفعي هلنداسين.“

”ٻيو دفعو ڪنهن ڏٺو آهي. مون کي ورلي هيئڙا فري ڏينهن ٻامبي ۾ ملندا آهن. تون جلد فري ثي ويندينءَ.“

”مميءَ لاءِ بہ رسوئي ڪرڻي آهي.“

”سو تہ نيڪ آهي، هڪ پارسل ٻڌائي وڃجانءِ.“

ٻاهر نڪري نريش ٽئڪسي بيهاري. ٻئي اندر ويٺا تہ نريش چيو ”ڪاپر چمني باندرا.“

هو ريسٽارنٽ ۾ پهچي هڪ چئن ڪرسين وارو سائيڊ ٽيبل ڳولهي ويهي رهيا. ڪويتا هيئڙي هنڌ ڪڏهن ويئي ڪانہ هئي. گهڙيءَ گهڙيءَ چؤطرف نهاري رهي هئي. سندس دل ۾ هڪ احساس ڪمتريءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. ويٽر آرڊر وٺڻ آيو تہ نريش چيو ”ڪجهہ دير ترس. ٻہ ڄڻا ٻيا بہ اچڻا آهن. تيسين ڪجهہ سافٽ ڊرنڪ ڪٺي اچ.“

ڪويتا چيو ”توهان هيءَ سڀ تڪليف ڇو ڪئي آهي؟“

”ڇري ان ۾ تڪليف جو ڪهڙو سوال آهي. پروگرام تہ اڳ ئي هو. تون اهڙي وقت تي حاضر هئينءَ تہ دل چيو تہ ڇو ڪونہ تون بہ اچين. نہ مون خاص تو لاءِ پروگرام ٺاهيو ۽ نہ ئي توکي خاص نينڊ ڏني. هي تہ سانگي سان ملاقات ثي ويئي.“

”الائي ڇو هي سڀ مون کي عجيب عجيب پيو لڳي. منهنجي حيثيت کان گهڻو وڌيڪ آهي نہ. شايد ان ڪري.“

”ايترو نہ سوچ.“ نريش ’سوچ‘ لفظ تي زور ڏيندي چيو. ”سچ تہ تون مون کي پهرئين ڏينهن کان ئي وڻندي آهين ۽ اڄ دل چاهيو تہ ڪجهہ گهڙيون مون سان گڏ هج. وري موقعو بہ تہ بڻجي آيو.“

ڪويتا مشڪي رهي هئي، پر مشڪ ڦڪي هئس.

نريش چيو ”صاف گوئيءَ لاءِ دل ۾ نہ ڪج. مان ڪو اهڙو وهڙو دل ڦينڪ جوان نہ آهيان. شادي شده آهيان.“

ايتري ۾ ريسٽارنٽ جو در کليو ۽ جين اندر داخل ثي. نريش چيو ”هو اچي ويا.“ نريش هٿ مٿي ڪري جين جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي، اچڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ اِشارو ڪيو. جين ساڙهيءَ ۾ وڌيڪ موهيندڙ لڳي رهي هئي. اج ميڪ اپ بہ خاص ڪيل ڪونہ هئس. اکين هيٺان ڪجهہ ڪارا داغ ٻڌائي رهيا هئا تہ هوءَ سخت پريشرم ڪندڙ عورت آهي ۽ منجهس خون جي ڪوتاهي آهي. هوءَ اچي پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي. نريش چيو "ڪويتا هيءَ آهي جين، منهنجي دوست وڪيءَ جي پيڻ ۽ جين هيءَ آهي ڪويتا ورياٽي، منهنجي ڪمپنيءَ ۾ ڪَمپيوٽر پروگرامر." ٻنهي ڇوڪرين هڪ ٻئي سان هاءِ هلو ڪئي. نريش چيو "ڇو وڪيءَ ۾ اچا دير آهي ڇا؟"

جين سمجهي ويئي، چيائين، "ياٽي ڊاڪٽرن جو ڪهڙو ڀروسو. آرتوار ڏينهن بہ امرجنسي ڪال آيس، اجا صبح جو چرچ ۾ ئي هئاسين. اُتان اڌ ۾ ئي اُٺي هليو ويو. هاڻ فون ڪيائين تہ منهنجو انتظار نہ ڪر، تون هلي وڃ." نريش جين کي سندس اداڪاريءَ لاءِ من ئي من ۾ داد ڏيئي رهيو هو. چيائين، "پوءِ آرڊر ڏيون؟"

"ها يلي."

نريش مينو ڪارڊ ڏسندي چيو "ڇا کائبو؟ چائينيز، ڪانٽينينٽل يا ديسي."

"ياٽي! نئين مهمان کان پڇ." جين چيو.

"ڪويتا چئہ. ڀرين ٻڌاءِ ويج يا نان ويج."

"ڪجهہ بہ کائڻ لاءِ گهرايو. مون کي ڪا خاص چوائس ڪونهي ۽ ها مان ويج ۽ نان ويج ٻئي کائيندي آهيان." ڇئي ڪجهہ مشڪي، نريش پڻ کلي پيو.

نريش کاڌي جو آرڊر ڏنو ۽ ڪجهہ هڪ جڻي جي پارسل لاءِ پڻ چيو. کاڌو کائيندي ڪجهہ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. جين ۾ اڳي جهڙو اُتساهہ ڪونہ هئو. نريش کي محسوس ٿي رهيو هو تہ هن کي ڪويتا جي ڪمپني پسند ڪانهي. ٻاهر نڪري نريش ڪار ۾ ڪنهن دوست وٽ وڃڻ جي اِچا ڏيکاري. جين کي ڪولابا وڃڻو هو. نريش چيو "جين، ڪويتا کي باندرا اسٽيشن تائين پاڻ سان گڏ ٽئڪسيءَ ۾ وٺي وڃ. هن کي ڪنگس سرڪل وڃڻو آهي."

شام جو پنجين بجي کان ٿورو اول هو ناناوتي هاسپيٽل جي ڪمپائونڊ ۾ داخل ٿئي ٿيو تہ ڪنهن پنيان سڏ ڪيو. "مسٽر نريش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوماٽي!“ منهن ورائي ڏٺائين تہ ڪويتا اڳيان وڌي رهي هئي. هن کي عجب لڳو. بيهي رهيو. ڪويتا اچي پهتي. چهرو ڪي قدر لٽل هئس. چيائين، ”توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي.“

”چئہ!“

”ائين نہ شانتيءَ سان ڪجهہ وقت ڪڍڻو پوندوَ. توهان مٿان ٿي اچو. مان پارلي اسٽيشن تي بيٺي آهيان.“

”هل نہ مٿي.“

”نہ اجايو ماما مامي اُلٽا مطلب پيا ڪڍندا، ان ڪري تہ هت هيٺ پڙ انتظار نٿي ڪرڻ چاهيان.“

”هيئن ڪر،تون ڪجهہ اڳيان هلي ايل.آءِ.سي. بلڊنگ وٽ بيهہ. اُتان پوءِ جهڙو هلي ڪٿي وهنداسين.“

”ٺيڪ آهي.“ چئي هوَ هلڻ لڳي.

نريش موٽومل ۾ سندر سان گڏجي، سندن مسئلو سمجهي ڪلاڪ کن ۾ اچي ڪويتا سان گڏيو. ٽئڪسي ڪري جهوُ بيچ اچي پهتا. نريش چيو ”ڪويتا ڪجهہ کائيندينءَ؟“

”نہ بابا! اڄ لنچ ئي ڏاڍي ڀاري هئي.“

ڪجهہ دير پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪ خالي بينچ ملي وين. اچي اُتي ويٺا.

”چئہ ڪهڙي ڳالهہ آهي. گهر بہ وئينءَ ڪونہ؟“

”گهران ئي آئي آهيان.“ ڪويتا جو چهرو ملول هو. ”اِسٽيشن ڏانهن ويندي جين ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون ڪيون. جو ڊسٽرب ٿي پيئي آهيان.“

”ڪهڙيون ڳالهيون؟“

”پهرين ٻڌايو مون کي توهان ڪهڙي قسم جي ڇوڪري ٿا سمجهو؟“

”هڪ ڀولي ڀالي پر سمجهوُ خوبصورت پر مغرور نہ.......“

ڦڪو مشڪي چيائين، ”جين جهڙو تہ نہ؟“

نريش هڪو ٻڪو ٿي ويو. ”ڇا مطلب؟“

”ڇڏيو هاڻي. توهان سڀ سمجهو ٿا. هوءَ توهان جي دوست جي ڀيڻ ڪانهي. مون کي پنهنجو رقيب ٿي سمجهي. مون سان اهڙي نموني ڳالهايو اٿائين جو مان سڀ ڪجهہ توهان جي ڪري سهي آئي آهيان تہ ڪجهہ ان خيال کان تہ هئڙين ڇوڪرين جي منهن ڇا لڳجي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نريش گهوماتجي ويو. آهستي چيائين. ”ڪويتا تون ڪهڙو به قسم ڏي، مون توکي ان نگاهه سان نه پئي ڏٺو آهي. مون هميشه توکي عزت سان ڏٺو آهي. اڳ به توکي چيو هئم ته مون کي تنهنجو سياءُ وٽي تو. هڪ مرد ۽ عورت، دوست صرف ان مطلب کان ٿي ته نه ٿيندا آهن.“

”پر جين ته پروفيشنل آهي. توهان کي هئڙين عورتن جي ضرورت ڇو پيئي؟“

ان سوال تي نريش کلي وينو. ”چاڪاڻ ته نان پروفيشنل ڇوڪري ڪا نه ملي ۽ هڪ ڳالهه ٻڌي ڇڏ. مان پنهنجي پتنيءَ کان سواءِ رڳو جين کي سڃاڻان. پروفيشنل يا نان پروفيشنل.“

”شادي شده هئڻ کان پوءِ به.“

نريش وري غمگين ٿي ويو. ڊگهو ساهه کٽي چيائين. ”شادي شده مرد اهڙين ڳالهين پنيان ٻن ڪارڻن ڪري پوندا آهن. هڪ ته گهر جو سک نه هئڻ ڪري، ٻيو انڌي شوق جي ڪري. مون سان پويون ڪارڻ لاڳو نٿو ٿئي.“

”معاف ڪجو مان توهان جا پنهنجا خانگي قصا ڪيڏي وينيس. خبر نه آهي ڪهڙي حق ڪري. توهان پاڻ سمجهُو آهيو. پروفيشنلس مان سماجڪ ۽ صحت جو ڪيترو جوکم آهي، سو سمجهي سگهو ٿا. پنهنجو پلو برو سوچيو ته سنو.“

”چا ڪجي. اِنسان ۾ ڪي جانوري جذبا به آهن. جن جي ڪري هوُ ڀهڪجي وڃي ٿو. ڪي مجبوريون اهڙيون هونديون آهن. جن جو ذڪر ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. ان ڪري گهر جو سک نه آهي. ڇئي ڇڏڻ بهتر ٿيندو. باقي جين جهڙيون ڇوڪريون به سماجڪ ضرورتن لاءِ پيدا ٿين ٿيون. ڪيترا ئي شخص وڏن شهرن ۾ سالن جا سال اڪيلا رهن ٿا. انهن جون مجبوريون حل ڪرڻ ۾ هي ڇوڪريون پنهنجن مسئلن جو حل ڳولهين ٿيون.“

ڪويتا وري معافي وٺندي چيو. ”آءِ ايم ساري! مون هي سڀ ڪجهه توهان جي ڪيفيت وٺڻ لاءِ ڪونه پڇيو آهي. منهنجو مطلب ته صرف اهو ڄاڻڻ جو هو ته توهان جي من ۾ منهنجي لاءِ ڪهڙو امپريشن آهي.“

”مون پنهنجي طرفان دل کولي تنهنجي اڳيان رکي آهي. باقي تون جيئن سمجهين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڻين هنن جون ڳالهيون هلنديون رهيون. نريش ڪويتا جي ڳالهائڻ ۾ پنهنجائپ ڏسي پاڻ کي هن جي وڌيڪ قريب محسوس ڪرڻ لڳو. هن جي ڳالهائڻ ۾ فضيلت ۽ قدر هئا. سوچي رهيو هو اهڙي ڇوڪري پنهنجي پتيءَ لاءِ ڪيتري نہ سٺي حاصلات ثابت ٿي سگهي ٿي، پر سياءَ جي سٺاين ۽ خرابين جي خبر تہ هڪ ٻئي سان اُٿڻ وهڻ کان پوءِ ئي پئجي سگهي ٿي ۽ سياءَ جي نڀڪڻ يا نہ نڀڪڻ جو دارومدار ٻنهي ڌرين تي آهي. پتي ۽ پتنيءَ لاءِ اِهو نڀاءُ ئي مکيہ ڳالهہ آهي. سوچڻ لڳو اسان پتي پتنيءَ جو ٽڪراءُ ڪٿان ۽ ڪڏهن شروع ٿيو. اڻين ڪويتا جي حاضريءَ جو احساس ٿيس.

پهرين نريش کي ڪجهہ پڇتاءُ ٿي رهيو هو تہ هن اجايو جين سان گڏ ڪويتا کي لنچ تي وهاريو. هن کي اِها اُميد ڪانہ هئي تہ جين ڪو هن نموني ڪچرو ڪندي، پر هاڻ سوچي رهيو هو تہ هڪ ڪري سٺو ٿيو اڻين ڪويتا سندس ويجهو تہ آئي. هوءَ ايتري پنهنجائپ ڏيکاريندي، ان جي نريش ڪلپنا بہ ڪانہ ڪئي هئي. منهن اونداهي ٿي رهي هئي. هڪ دفعو هن ڪويتا کي ڀرپور نگاهہ سان ڏٺو. هوءَ ڪافي دلڪش لڳي رهي هئي. نريش جي سڄي بدن ۾ گدگديءَ جي هڪ مٺي لهر گهمي ويئي. اهڙو احساس هن کي اڳ ڪڏهن ڪونہ ٿيو هو. هو وقت جو پل پل ماڻي رهيو هو. سندس دل ڪويتا کي ڇهڻ تي ٿي. هٿ اڳيان وڌائيندي وڌائيندي پاڻ روڪي ورتائين. ڪويتا شايد سندس اِرادو محسوس ڪري رهي هئي. هن جي هٿ تي هٿ رکي چيائين، "سچ چئو منهنجو چوڻ توهان کي خراب تہ نہ لڳو."

نريش مشڪي چيو "ايتري معافي طلبگار نہ ٿي. ڇري هي تہ تو سڀ ڪجهہ منهنجي ڀلائيءَ لاءِ چيو ۽ ڪيو آهي. مون کي خوشي ٿي رهي آهي تہ منهنجو پلو چاهيندڙن ۾ اڄ اضافو ٿيو آهي."

هن بئگ مٿي ڪري کوليندي چيو "هيءَ ننڍي سوکڙي منهنجي طرفان"۔ هن اڳئين ڏينهن تي خريد ڪيل ڊريس جو پئڪيٽ هن ڏانهن وڌايو.

"هي سڀ ڇا لاءِ؟" هيڏي مهانگي ڊريس تہ مون ڪڏهن ڪانہ پاتي آهي ۽ ظاهر آهي مون لاءِ ڪانہ خريدي ويئي آهي. توهان کي خبر تہ هئي ڪانہ تہ اڄ شام جو مان توهان سان ملڻ واري آهيان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اها حقيقت آهي تہ هن تي ڪنهن ٻئي جو نالو لکيل هو. تنهنجو نہ. پر تون بہ هاڻ پنهنجي لڳڻ لڳي آهين.“ ڪويتا کلي ويئي تہ نريش چيو ”هاڻ اهو چوڻ ۽ سوچڻ ڇڏي ڏي تہ ’هي مون اڳ ڪونہ ڏٺو آهي‘ يا ’اڳ ڪونہ ڪيو آهي‘ وغيره. اِها ياوهيٽتا ٻين اڳيان پنهنجو ڪمزور اميج تي پيش ڪري.“

ڪويتا چيو ”هاڻ منهنجي بہ هڪ ڳالهہ مڃو. جنهن لاءِ هيءَ سوکڙي آندي اٿوَ ان لاءِ ڪٽي وجو. مون کي ٻئي دفعو ڏجو.“

”ساڳي ڳالهہ آهي. هن لاءِ ٻئي دفعي وٺي ويندس.“ نريش ڪويتا جي ٻانهن پڪڙي ڏريس زوريءَ هٿ ۾ تمائيندي چيو ”هل تہ هاڻ ڪا ڏنر ڪريون. منهنجي ٽرين لاءِ اجا ڪافي وقت آهي.“

”نہ بابا! ڪافي دير تي ويئي آهي. ممي انتظار ڪندي هوندي. هونئن بہ اڄ گهڻي ٿڪاوٽ محسوس ڪري رهي آهيان. صبح کان هل هل چالو آهي. گهر وڃي روٽي کائي ڦان تي سمهي پونديس.“ ڇئي اُٿي کڙي ٿي. نريش بہ ٻئگ بند ڪري اُٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 21

هن دفعي نريش جو بامبي لاءِ پروگرام جلد ٺهيو. اجا 15 ڏينهن مس ٿيا هئس تہ فون آيس ”ترت اچ ۽ هفتو کن رهڻ جو پروگرام ٺاهي اچ.“ ڪمپنيءَ کي آمريڪا مان ڪو وڏو جاب مليو هو ۽ هفتي ۾ پورو ڪري ڏيڻو هو. ڪجهہ نوان ٽرمينل پڻ خريد ڪيا ويا هئا. ان جي نيٽ ورڪنگ ڪرڻي هئي. ڪو فالٽ ٿئي تہ ان جو اُپاءُ يڪدم ڪيندو چاڪاڻ تہ ڪم ٽائيم سر پورو ڪري ڏيڻو هو. نريش کي ڪو سڄو ڏينهن بزي نہ رهڻو هو پر سندس هيڊڪوارٽر ۾ حاضري ضروري سمجهي ويئي هئي. نريش لاءِ بہ هيءَ ڪمپني اهميت واري هئي. جيڪڏهن ٿوري بہ آناڪاني ٿي ڪري تہ ڪمپنيءَ کي لوڪل انجنيئرس جي مدد وٺڻي پوندي، جي هميشہ هن ڪمپنيءَ ۾ داخلا حاصل ڪرڻ جي تاڪ ۾ رهندا هئا. ان ڪري نريش بڙودا وارا سڀ ڪم اسٽاف کي سمجهائي آيو ۽ جي ضرورت پيئي تہ هڪ ڏينهن لاءِ هو واپس اچي پئي سگهيو.

بامبي ۾ پهريان ٻي ڏينهن تہ هو ڪافي مشغول رهيو. رات جو ڪافي دير تائين وهڻو پوندو هئس. لبني عرصي لاءِ آيو هو تہ گيسٽ هائوس ۾ نہ رهڻ لاءِ ڪو بهانو ڪونہ هو. هونئن بہ جين جي اڳئين ورتاءَ ڪري هن جي دل ڪٽي ٿي پيئي هئي. هن جين سان ڪو پروگرام نہ ٻڌايو هو. آفيس ۾ ڪويتا سان ملاقات پيئي ٿيندي هئي، پر ڳالهيون صرف پروفيشنل ۽ هاءِ هلو تائين محدود هونديون هيون. آفيس ۾ فضيلت سان هلي ۽ منهن سدائين ٽِڙندڙ رکي ڪويتا سنو نالو ڪيو هو. ڪم ۾ گهڻي ڦڙت هئي. ڪڏهن بہ گهڙيال نہ ڏسندي هئي. آفيس ۾ ڪنهن کي ائين محسوس نہ ٿيندو هو تہ هيءَ ڪا جونيئر موسٽ ۽ نئين ڀرتي ٿيل آهي.

ان ڏينهن ڇنڇر هو. هوءَ نريش جي ڏنل ڊريس پائي آئي هئي. ڏاڍي سٺي لڳي رهي هئي. نريش سان هلو ڪري ڪمپيوٽر روم ۾ هلي ويئي. هن جي انداز مان نريش کي ڪجهہ وڌيڪ نزديڪيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. ڪويتا لنچ ٽائيم تي اچا پنهنجي سسٽم تي ويٺي هئي. نريش ڪمپيوٽر روم ۾ سڀ سسٽم نظر مان ڪڍڻ آيو تہ ڪويتا اُتي اڳيان وڌي آئي. چيائين، ”اڄ ڇنڇر آهي. آفيس مان سويل نڪري ڪيڏانهن چڪر تي هلون.“

نريش مشڪي چيو، ”ڇري، هن دفعي ڇنڇر تہ ڇا، پر آرتوار پڻ پورو ڏينهن ڪم ڪرڻو آهي.“

”سياٽي تہ مان بہ اچڻي آهيان، پر اڄ اڌ ڏينهن ڇٽي ملي ويئي آهي.“

”ڇگو ڏسان تو.“

ٿوري دير کان پوءِ نريش اچي ڪويتا کي چيو تہ ”ڇئين بجي چرچ گيٽ اسٽيشن تي گڏجُ.“ هن بهانو ڪري جند ڇڏائي هئي. اشوڪ کي چيائين تہ ”باندرا مامي وٽ وڃڻو آهي ۽ رات تائين آفيس ۾ واپس اچي ويندس. ڊنر اُتي ڪندس.“

چرچ گيٽ تي ڪويتا اڳ ئي بيٺي هئي. نريش چيو، ”ڪيڏانهن هلون؟“

”يلي جهوُ هلون.“

”هن وقت تہ گرمي لڳندي. اجا اُس تيز آهي. پهرين نڪري سگهون ها تہ پڪچر تي هلون ها.“

”نہ بابا. پڪچر ۾ اونده ۾ بوٿ بڌي وهڻ مان ڪهڙو فائدو. توهان سان ڳالهين ۾ مون کي مزو تو اچي.“

”هل تہ هوٽل ۾ ٿا هلون. پوءِ ٽڌڪار ٿيندو تہ جهوُ تي هلي ٽائيم پاس ڪنداسين. رات جو ڊنر بہ اُتي ئي ڪٽي ڪنداسين.“

”يلي، مان مميءَ کي چئي آئي آهيان تہ دير سان ايندس. هونئن تہ منهنجي ئي گهر هلون پر توهان کي وٽي هلڻ جهڙو ڪونهي. از ان سواءِ ممي بہ هلڻ کان هلاڪ آهي، بستري ۾ ئي هوندي آهي.“

”هڪ بيڊروم، هال تہ هوندو نہ؟“

”ڇا جو بيڊروم، ڇا جو هال. اسان چاليءَ ۾ رهندا آهيون. پپا جي ديهانت کان پوءِ.....“ هوءَ ڪجهہ غمگين ٿي ويئي. نريش کي لڳو سندس من پرجي آيو آهي. هن آهستي سان سندس پٺي ٿپريندي چيو، ”چنتا نہ ڪر. ڏکيا ڏينهن هميشہ نہ رهندا آهن. هل باندرا ٿا هلون. ٽرين ۾ رش آهي. ٽئڪسيءَ ۾ ٿا هلون.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باندرا پهچي بئنڊ اسٽئنڊ جي پرسان هڪ هوٽل ۾ چيڪ اِن ڪري مٿي روم ۾ آيا. هوٽل بواءِ کي پاڻي، چانهه ۽ ڪجهه ناشتي لاءِ چئي آمهون سامهون سوفا تي ويٺا. ڪويتا اُٿي باٿ روم ۾ ويئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻاهر آئي. چيائين، ”هوٽل ته ڏاڍي سٺي آهي.“

”ائين نه چئجانءِ ته اڳ ڪڏهن هئڙي هوٽل نه ڏٺي آهي.“ نريش مشڪي چيو.

”سا ته حقيقت آهي. توهان کي شايد وشواس نه ايندو پر مان تمام غريبيءَ ۾ پلي آهيان. پڙهائي به مٿن مائٽن جي مدد سان ڪئي اٿم. ڪيترا دفعا ته پيٽ پري روٽي پڻ نصيب نه ٿي آهي.“

نريش جي منهن تان مشڪ غائب ٿي ويئي، ڳنڀير ٿي چيائين، ”خير ڇڏ يارا انهن ڳالهين کي. گذريل ڳالهين کي ياد ڪري پاڻ کي وڏيڪ دکي نه ڪر. مٿي ڏسڻ جي ڪوشش ڪر. اُديش (منزل) طئه ڪر ته رستا پاڻيهي نڪري ايندا.“

ڪويتا پاڻ سنڀالي مشڪي ويٺي. ڳالهائڻ جو لهجو سياويڪ ڪندي چيائين، ”زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن انهن ڳالهين جي ياد ضروري آهي، خاص ڪري جيڪڏهن مٿي چڙهڻ جو موقعو ملي، جيئن مغز ۾ هوا نه ڀرجي وڃي.“

”سچ پچ زندگيءَ توکي فلاسافر بڻائي ڇڏيو آهي.“

دروازي جو بزر وڳو. نريش چيو ”ڪم اِن.“ ويٽر در کولي اندر داخل ٿيو. هٿ ۾ آرڊر جي چيزن سان پريل ٽري هئس. نريش ويٽر کي ٽپائيءَ تي سڀ سيٽ ڪرڻ لاءِ اِشارو ڪيو. هو پليٽون لاهي رکي هليو ويو. نريش هڪ پليٽ ڪويتا ڏانهن وڌائي ۽ هڪ پاڻ کنئي. چٽڻي ۽ ساس وغيره پنهنجي پليٽ ۾ وڌائين. ڪويتا به پيروي ڪئي. ڇري ڪانٽي سان کائڻ لڳو. ڪويتا به ڇري ڪانٽي جو استعمال ڪري رهي هئي. نريش محسوس ڪيو ته ڪويتا هن قسم جي ماحول ۾ اُتيل ويئل ڪانهي. مشڪي چيائين، ”ڪويتا مون کي تنهنجي ان ڏينهن واري ڳالهه اڃا به جڏهن ياد اچي ٿي ته کل ٿي اچي.“

ڪويتا به مشڪيو. چيائين، ”ڪهڙي؟

”اِها ته مان توکي جين سان ته نه ڀيٽي رهيو آهيان.“

ڪويتا کلي ويٺي. ”خير ڇڏيو انهن ڳالهين کي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناشتو پورو ڪري، چانهه پي نريش باٿ روم ۾ وڃي فريش ٿي آيو. ويتر اچي پليٽون ڪٺي ٽپائي صاف ڪري هليو ويو.

ڪويتا کي نريش جي سامهون ويهي نظرون ملڻ سان ڪليو ڳالهائڻ ۾ حجاب ٿي رهيو هو. نريش جو گهوري نهارڻ هن کي پنهنجي سرير تي ڪپڙن جي ايارَ وانگر لڳي رهيو هو. هوءَ اُٿي نريش جي سوفا جي پنيان ٿي بيٺي. هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرندي چيائين، "جين سان وري ڪڏهن گڏيا آهيو؟"

"سوال ئي ڪونهي. هن کي منهنجي مهمان جي بيعزتي ڪرڻ جو ڪو حق ڪونہ هو. تو ڪان وڏيڪ مون کي خراب لڳو آهي."

"سچ پچ چري آهي نہ؟ گراهڪ جي تہ هر شيءِ سٺي لڳڻ کپي." ڪويتا جون آڱريون پنهنجو ڪم ڪري رهيون هيون. نريش سڄي سرير ۾ مناس پريو اُمنگ محسوس ڪري رهيو هو. هن جو انگ انگ ڪويتا کي ڇهڻ لاءِ بي چئن ٿي رهيو هو. ڪويتا جهڪي هن جي نرڙ کي چميو. نريش لاءِ اِهو اِشارو ڪافي هو. هن ٻانهون پنيان ورائي ڪويتا جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڪيس پاڻ طرف ڇڪيو.

هوءَ ڪجهہ جهڪي تہ سندس اُلٽو چهرو نريش جي نظر جي پوري عڪس ۾ آيو. نريش زور سان هن جي چپن تي چمي ڪسي. ڪويتا پاڻ ڇڏائي ڪلڻ لڳي. نريش اُٿي روم جو در بند ڪري آيو. ڪويتا کي ڇڪي مضبوط ڀاڪر ۾ ڀري وري هڪ چمي سندس ڳل تي ڏنائين. ٻئي ٽڪڙو ٽڪڙو ساه کڻڻ لڳا. ڪويتا بہ نريش کي اهڙو تہ زورسان چنبڙي پيئي هئي، جو ٻنهي جي سرير ۾ پيرن کان چوٽيءَ تائين ڪا وٿي ڪانہ رهي هئي. ائين ئي ڏيمي ڏيمي بستري طرف ڇُرڻ لڳا.

ڪپڙا پائي نريش اچي سوفا تي ويٺو. ٿوريءَ دير ۾ ڪويتا بہ اچي ويئي. وار ۽ ميڪ اپ نيڪ ڪري آئي هئي. هن جون اکيون جهڪيل هيون. آهستي چيائين، "ڪافي مزو آيو. ڪلجو نہ! هٽڙو آزمودو بہ مون کي اڳ ڪڏهن ٽيل ڪونهي."

نريش مشڪي سندس ڳل تي هلڪي ٿڦڪي هڻندي چيو "سو تہ مان بہ سمجهي سگهان ٿو. مون کي ٻنهي قسمن جا آزمودا آهن. هڪ ڪاجل، جنهن لاءِ ڪنهن وقت پهريون دفعو هو ٻيو جين جنهن جو پهريون دفعو الائي ڪيترو وقت اڳ ٿي چڪو هو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪويتا ۾ آهستي آهستي همٿ اچڻ لڳي، چيائين، ”پوءِ ڪهڙو آزمودو وڏيڪ وندرائيندڙ ۽ موج وارو هو.“

”سچ تہ ماڻهڻ جو ڪو ’دفعو‘ نہ ٿيندو آهي. اِهو پيار ئي آهي، جو ماڻي سگهبو آهي ۽ اِن پيار جو ئي آزمودو انتر آتما (روح، من) کي ترپت (پورائي) ڪري ٿو. پئسا وٺي ڪابہ عورت پيار نٿي ڏيئي سگهي. جين بہ ناٽڪ تہ خوب ڪندي هئي، پر اها ترپتي ڪٿي؟“

”خير ڇڏيو جين جي ڳالهہ کي.“

نريش ڪويتا کي خوش ڪرڻ لاءِ چيو ”توسان گڏجڻ کان پوءِ مان محسوس ڪري رهيو آهيان تہ پيار بہ ڪهڙي نہ نرالي چيز آهي. خبر هوندي بہ تہ مان شادي شده آهيان ۽ جين جهڙي ڇوڪريءَ سان گڏ گهمان ٿو تون منهنجي ويجهو آئي آهين. هي ڪو منهنجي اڳئين جنمَ جي ڪيل پيچ (ثواب) جو ڦل ملي رهيو آهي.“

ڪويتا نظر جهڪائي مشڪندي چيو ”شاديءَ جو تہ اجا مان خواب بہ نٿي ڏسي سگهان. گهر جون حالتون، بيمار ماءُ جي شيوا وغيره جهڙيون گهڻيون ئي مجبوريون آهن. توهان جو ڪيس ڏسڻ کان پوءِ ويچارڻ لڳندي آهيان تہ شاديءَ ۾ بہ ڪهڙو سک آهي.“

”ائين نہ آهي. شاديءَ ۾ جي ايترا دک هجن ها تہ جيڪر سڀ ڪنوارا ئي رهڻ پسند ڪن ها.“

”خير منهنجون مجبوريون الڳ آهن. اڄ 28 سال پار ڪري چڪي آهيان. شاديءَ جي اُميد اجا ڪانهي. توهان واري ڳالهہ دهرايان ٿي. اهو جانوري جذبو ئي توهان طرف هن طرف ڇڪي آيو آهي.“

نريش اُٺي ڪويتا جو منهن هٿن ۾ جهلي سندس نرڙ چميو. ”جيڪو بہ ٿي چڪو آهي يا ٿي رهيو آهي، ان کي درگذر ڪندي اچ. ٽينشن دماغ ۾ نہ رک. سچ سڀ ڏينهن هڪ جهڙا نہ رهندا آهن. ڀلي مان توسان شادي نہ ڪري سگهندس، پر وس ورندي تو تي ڪا تڪليف نہ اچڻ ڏيندس.“

ڪجهہ دير جي خاموشيءَ بعد نريش چيو ”هاڻ ڀلّ تون مونکي ’توهان‘ يا ’سر‘ چوڻ ڇڏي ڏي. هاڻ تہ ڪافي نزديڪ اچي چڪا آهيون.“

”ائين نہ آهي. آفيس ۾ سر چوڻ سٺو ۽ سياويڪ لڳندو. باقي ’تون‘ ڪنهن کي چئبو آهي خبر اٿوَ.“

”چئہ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پاڻ جيڏن ۽ پاڻ جھڙن کي، ننڍن ۽ نوڪرن کي ۽ سڀ کان وڏيڪ پياري پڳوان کي. توھان انھن سيني مان نہ آھيو مون کي منھنجي مريادا ۾ رھڻ ڏيو.“

نريش ڪجھ ڪونہ ڪڇيو. ٿوري دير چپ وھڻ کان پوءِ چيائين، ”اٺ ٿيا آھن. ھل تہ ٻاھر ھلي ڊنر ڪري اچون. توکي گھر پڻ وقت سر پھچڻ کپي. مان ھت ھوٽل ۾ اچي آرامي ٿو ٿيان. موبائيل تي اشوڪ سان ڳالھايائين، ”يار! رات جو ھت ٻاندرا ۾ ئي ٿو رھڻو پوي. ڪجھ ڪم ڪار ھجي تہ فون ڪج. صبح جو ڏھين ٻجي تہ آفيس پھچي ئي ويندس.“

نريش ٽن ڏينھن کان پوءِ ٻڙودا لاءِ روانو ٿيو ۽ اھي ٽي ڏينھن ھنن جو سلسلو جاري رھيو. انھن ٽن ڏينھن ۾ ھن جي من ۾ ڪويتا لاءِ نہ صرف پيار پر ھڪ قسم جو موھ پڻ پيدا ٿي چڪو ھو. واسنا جو جذبو ڪافي پوئتي پئجي چڪو ھو. ھڪ دفعي ھن بھاني سان ڪويتا جو گھر پڻ ڏٺو. اندر پلي نہ ويو. ٻاھران ئي ڪويتا کي ٽئڪسيءَ مان لاھيندو آيو. لوڪلٽيءَ مان ڪيس پورو انداز لڳي ويو. وڃڻ کان اڳ ھڪ نيڪليس ڪويتا لاءِ گفٽ وٺي ويو. ڪويتا گفٽ قبول نہ ڪندي چيو ”ڇڏيو انھن فارملٽيز کي مان ڪٿي رکندس. ممي ڇا سمجھندي تہ ھيڏي وڏي گفٽ ڪير ڪنھن ڇوڪريءَ کي ڇو ڏيندو آھي؟ ھن ڊريس لاءِ بہ مون بھانو ٻڌايو تہ آفيس مان گفٽ ملي آھي، سڀني اسٽاف کي ڇاڪاڻ جو ڪمپنيءَ کي وڏو آرڊر مليو آھي.“

”پر مان وٺي آيو آھيان، ان جو ڇا؟“

”جيڪڏھن ڪنھن جي ڊريس مون کي ملي سگھي ٿي تہ پوءِ منھنجو نيڪليس ڪنھن کي ڇو ڪونہ؟ ڪاجل لاءِ ڪٽي وڃو.“

نريش کي ڪويتا جو ھي انداز خوب وڻيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 22

هاڻ نريش کي ڪويتا لاءِ سوچڻ سياويڪ لڳي رهيو هو. هوءَ اهڙي ماحول ۾ ڪيئن تي رهي سگهي. نريش پاڻ بہ هن لاءِ گهڻو ڪجهہ نہ پئي ڪري سگهيو. هڪ تہ پئسي تڪي پاڻ ايترو خودمختيار ڪونہ هو. پريوار ۾ پئسي جي ڪمي ڪانہ هئي. ڪجهہ بہ خرچ ڪري پئي سگهيو پر پيءُ کي ان خرچ جو ڪهڙو بهانو ڏئي. ٻيو تہ اوچتو ئي ڪويتا جي رهڻي ڪهڻيءَ جو درجو اوچو اچي وڃي تہ سماج ۾ مٿي مائٽيءَ ۾ چميگويون شروع ٿي وينديون تہ هن ايترو پئسو ڪٿان آندو ۽ ڪيئن آندو. مرد لاءِ هر ڪو چئي ويهي رهندو تہ ٻئين نمبر جو ڪو ڏنڏو هٿ آيو هوندس، پر عورت لاءِ ڳالهہ سڌو هن جي چريتر (ڪردار) تي اچي بيهندي.

نريش کان گهڻا ڏينهن رهيو نہ ٿيو. آخر هڪ دفعي بسنت لعل کي ڊرائنگ روم ۾ اڪيلو ڏسي چيائين، ”پپا، بامبي ۾ هڪ جڳهہ ملي ٿي، وٺون؟“

”بامبي ۾ ڇا ڪنداسين؟“

”هُن ڪمپنيءَ ۾ هڪ جٽي کي فلئٽ وڪڻڻو آهي. پئسن جي سخت ضرورت اٿس. گراهڪ مليس ڪونہ ٿو. ان ڏينهن مون کان اڌائي لک اُڌارا گهريائين. فلئٽ گروي رکڻ لاءِ تيار آهي.“

”سو ڇا؟“

”هن شخص جو ڪم ڪرڻ ضروري آهي. ڪمپنيءَ ۾ هن جي ڪري مون کي سٺو ڪانٽئڪٽ آهي. هن جي ئي مدد سان هيتري پرئڪٽس ٿئي ٿي، ورنہ توهان کي تہ خبر آهي بامبي ۾ مون جهڙا ڪمپيوٽر انجنيئرس ڪيترا پيا آهن.“

”فلئٽ اسان کي ڪهڙي ڪم ايندو؟“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان سوچيان پيو ادائي لک اُڌارا ڏيڻ کان، چئين لکين جي آسپاس فليٽ وٺي مسواڙ تي ڏيئي ڇڏجي. هڪ ٽڪي جيترو وياج ڇڏيندو. هن پائيءَ کان تہ ادائي لکن تي وياج بہ نہ وٺي سگهبو.“

”ايترو سستو فليٽ.“

”ها ننڍو آهي. ورار پاسي ڪٿي، ان ڪري تہ ٿئو وڪاميس. مسواڙي تہ گهٽائي ملي ويندا.“

”ڏس جيئن ٺيڪ سمجهين. پر فليٽ پنهنجي ممي يا ڪاجل جي نالي وٺج. مسواڙ جي انڪم پنهنجن رٽرنس ۾ نہ ڏيکاريج.“

”ها، اها ڳالهہ وڌيڪ سٺي آهي.“

نريش بامبي دلالن کي فون ڪري بہ ٽي فليٽ ڏسڻ لاءِ تاريخ طئي ڪري ڇڏي. تيسين بامبي جي وزٽ بہ ڊيوُ تي چڪي هئي. هن دفعي سڌو انڌيري هوٽل ۾ اچي لٿو. اڳئين ڏينهن تي آفيس ۾ فون ڪري ڪويتا سان پروگرام ناهي ڇڏيو هئائين. هوءَ آفيس مان موڪل وٺي چڪي هئي. صبح جو ڏهين بجي اچي هوٽل پهتي. نريش اچا پورو تيار ڪونہ ٿيو هو. ڪويتا اچي هن سان گلي ملي چيائين، ”اڄ آفيس نہ هلڻو آهي تہ سڄو ڏينهن ڪيئن پاس ٿيندو؟“

نريش چيو ”مون کي تنهنجي ڪمپنيءَ ۾ وقت جي خبر ئي نہ پوندي آهي، اِن ڪري تہ هڪ ڏينهن وڌيڪ ڪيڏي آيس. آفيس وارن لاءِ تہ مان سياٽي ايندس.“

”ڪنهن پڪچر تي هلون؟“

”نہ. هڪ دلال کي سڏايو آهي. اڌ ڪلاڪ کن ۾ اچي ٿو. ميرا روڊ تي هڪ فليٽ ملي رهيو آهي. وٽي ويو تہ وٺي ٿو ڇڏيان.“

”ميرا روڊ تي ڇا لاءِ؟“

”پائي روز روز هوٽل کان پنهنجو گهر سٺو نہ. اُتي گڏجڻ سولو ٿيندو. نريش کلي چيو.

”نہ پارا اوڙي پاڙي وارا ڇا چوندا. ساڳي ڪمپنيءَ جي گيسٽ هائوس واري ڳالهہ.“

نريش ڳنڀير ٿيندي چيو ”اُتي صرف تون ۽ ممي رهندا. اها چاليءَ واري جاءِ ڇڏي ڏي.“

”پر.......“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر پر ڪجهہ نہ. مون سڀ سوچي قدم کنيو آهي. تون ڪنهن بہ قسم جي چنتا نہ ڪر. تون پلي ڪو حق نہ رک. پر مون کي جنهن ڪم ۾ خوشي ٿئي ٿي، سو ڪرڻ ڏي.“

ڪويتا ڏکهو ساهہ کڻي چپ ٿي ويئي. نريش چيو ”چانهہ ۽ ناشتي جو آرڊر ڏي، تيسين مان سنان ڪري تيار ٿي ٿو وڃان.“

ٻنهي اڃا ناشتو پئي ڪيو تہ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. ”سر، توهان سان گڏجڻ بربجو دلال آيو آهي.“

”ها کيس هيٺ وهار. اسان پنجين منٽين ۾ اچون ٿا.“

ميرا روڊ تان واپس ايندي ڪافي دير ٿي ويئي. منجهند جي روٽي ٻاهران کائي اچي هوٽل پهتا. دلال وڃي چڪو هو. فليٽ پسند آيو. اڳهہ پڻ. نريش دلال کي فليٽ جا ڪاغذ سياڻي تي پنهنجي وڪيل دوست وٽ پهچائڻ لاءِ چئي ڇڏيو.

ڪويتا شانت هئي. من پريل پئي لڳس. نريش ڪويتا کي سوفا تي پاڻ سان ويهاري، ڪلهن مٿان ٻانهن ورائي چيو ”چو پلا شانت ٿي ويئي آهين؟“

”ائين ئي! سوچيان پيئي تہ اهو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، جنهن جي مون زندگيءَ ۾ اُميد نہ رکي هئي. اهڙا سک مون پنهنجي پهچ کان ٻاهر پئي سمجهيا آهن.“

”چري! وري اجايو سوچڻ شروع ڪري ڇڏيئہ.“ پاڪر ۾ تورو دٻائيندي چيائين، ”توکي تہ هئڙين حاصلاتن تي خوش ٿيڻ کپي.“

”صحيح آهي، پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن، جڏهن مون پاڻ پنهنجي ڪمائيءَ مان ورتو هجي.“

”هي سڀ ڪجهہ تو ورتو يا مون ورتو ڪهڙو ٿو فرق پوي. هن وقت تنهنجي پگهار ٺيڪ آهي. اڳتي هلي واڌارو ٿئي تہ بئنڪ مان لون وٺي فليٽ جي قيمت واپس ڪج.“

”ڏس ڪويتا! هن معاملي ۾ مان تورو خودغرض ٿيو آهيان. پاڻ کي وڏيڪ خوشي ڏيڻ لاءِ. توسان گڏجي مون کي بيحد خوشي ٿي آهي ۽ توکي سکيو سهنجو ڏسڻ سان مون کي ان کان بہ وڌيڪ خوشي ٿيندي.“

”۽ مون کي خوشي ٿي رهي آهي تہ ڪير منهنجو ڌيان رکڻ وارو پيدا ٿيو آهي. پر ڏسجو هر ڳالهہ سوچي ويچاري ڪجو. تڪڙ نہ ڪرڻي آهي، ائين نہ ٿئي، جو نالو خراب ٿئي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ان ڪري تہ جاءِ ڪاجل جي نالي وٺي رهيو آهيان. گهران پئسا ڪيئن ڪيان؟“

”پر بامبي ۾ جاءِ جي ڇو ضرورت آهي؟“

”ان جو بهانو پڻ مون ٻڌايو آهي. هي سنهيون سنهيون ڳالهيون مون تي ڇڏي ڏي. اُٿي هل تہ ٿورو آرام ڪريون.“

نريش ڪويتا کي هٿ کان ڇڪي بستري طرف وٺي ويو. هوءَ مشڪي نريش کي شرارتي نگاهن سان ڏسي رهي هئي.

شام جو نريش پنهنجي وڪيل دوست کي فون ڪري سمجهائي ڇڏيو. ڪاغذن تي صحيح ڪرڻ جي ضرورت پيئي تہ ٻئي دفعي ڪاجل کي پاڻ سان گڏ وٺي ايندو.

چانهہ پيئندي نريش چيو ”ڪويتا ڏس، هي سڀ اسان جي گڏيل فئمليءَ جو معاملو آهي. فلئٽ ۾ رهڻ کان پوءِ توکي هر مهيني مسواڙ ڀرڻي پوندي.“ ڪلي ڳالهہ جاري رکندي چيائين، ”اهو صرف نالي ۾ ٿيندو. گهر وارن کي ڏيکارڻ لاءِ. باقي مون کي خبر آهي تہ تنهنجي پگهار مان هن وقت ڪجهہ بہ ڪيڻ مشڪل آهي.“

ڪويتا مشڪي رهي هئي. ائين نريش سان ٻن گهرن جا سک ۽ سور لاڳو ٿي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 23

گهر اچي نريش سڌو پنهنجي روم ۾ ويو. اجا بوٽ جون ڪهيون کولي رهيو هو تہ ڪاجل اندر آئي. "بامبي مان ڪنهن ڇوڪريءَ جو فون هو. ڪويتا نالو پئي ٻڌايائين." نريش کي عجب لڳو پر ڏيکاري ڪانہ ڏنائين. "ڇا چيائين؟"

"چيائين وري فون ڪندي. ٽي چار دفعا فون ڪري چڪي آهي. اڄ توهان کي هوندن کان وڌيڪ دير ٿي ويئي آهي."

"اهڙو ڪم هئس تہ موبائيل نمبر ڏينس ها نہ."

"اهو نمبر بہ هئس. چيائين فون شايد خراب ٿي ويو آهي."

نريش موبائيل فون ڪڍي ڏٺو. سچ پچ سئچ آف ٿيل هو. خبر نہ آهي ڇو؟ هن ڪوشش ڪئي، پر چالو نہ ٿي رهيو هو. پاسيرو رکي چيائين، "سياڻي ڏيکارڻو پوندو. خير هوءَ پاڻيهي فون ڪندي. ڪهڙو ڪم هئس، ڪجهہ چيائين؟"

"نہ! پر ڪير آهي ڪويتا؟"

"بامبي، جنهن ڪمپنيءَ جي ڪم سان مان ويندو آهيان، اُتي نوڪري ڪندي آهي. ڪمپنيءَ جا بہ ٽي چٽا هٿ ۾ رکيا اٿم، جيئن ڪانٽرئڪٽ لنبو هلي ۽ ٻيو ڪو کسي نہ سگهي."

"چڱو اچو مان روٽي لڳايان ٿي."

"ها جلدي ڪر بک لڳي آهي." حالانڪ بک ڪي قدر مري چڪي هئس. هن کي چنتا ٿي رهي هئي تہ اهڙو ڪهڙو تڪڙو ڪم هو جو ڪويتا کي ٽي چار دفعا فون ڪرڻو پيو. هٿ منهن ڌوئي باٿ روم کان ٻاهر آيو تہ فون جي گهنٽي وڳي. گهڙيال ڏانهن نهاريائين ڏهہ لڳي چڪا هئا. فون کڻي هلو مس ڪيائين تہ ڪويتا جو آواز آيو. ڪافي گهٻرايل هئي. لڳي پيو روئي رهي هئي. "نريش جي توهان سان ڪجهہ ضروري ڳالهائڻو آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها ڪويتا چئه.“

”بامبي ڪڏهن اچڻا آهيو؟“

”اجا تہ ڪو سڏ ڪونہ آيو آهي. اهڙو ڪم هجي تہ اچان.“

”ها جيترو جلد ٿي سگهي، ورنہ ڪافي دير ٿي ويندي.“

نريش اُلجهن ۾ پئجي ويو. آخر ماجرا ڇا آهي؟ چيائين. ”اهڙو ڪهڙو ڪم آهي. ڪجهہ ٻڌاءِ تہ سهين؟“

ڪويتا آهستي هٻڪندي چيو ”مان ماءُ بڻجڻ واري آهيان.“

”ڇا......“

”ها! ڏهہ ڪن ڏينهن چڙهي چڪا آهن. اڄ صبوح کان وڌيڪ سوچي گهٻرائجي ويئي آهيان. ڪنهن سان حال بہ تہ نہ ٿي اوري سگهان. اڄ آفيس بہ ڪانہ ويس.“

”تون چنتا نہ ڪر. مان ڏينهن ٻن ۾ اچان ٿو.“

”پوءِ ڇا ٿيندو؟“

”سڀ سٺو ٿيندو. جيئن تون چونديئَ. ٽيليفون تي ڇا ڳالهائي سگهبو.“

”ٺيڪ آهي جلدي اچو. پلي اجا ڏهہ ڏينهن ٿيا آهن، پر اڄ صبح کان الائي ڪهڙا ڪهڙا خيال پيا اچن. سوچي سوچي متان پاڳل ٿي پوان، گهٻرائجي توهان کي فون ڪيم.“

”چري، چنتا نہ ڪر. ڪوئي نہ ڪوئي رستو نڪري ايندو ۽ تنهنجي پسنديءَ جو.“ نريش دهرائيندي چيو ”پر خبرداري نہ ورتي هيئہ ڇا؟“

”ها جيئن توهان جو پروگرام نهندو آهي، بہ ڏينهن اڳ گوريون وٺڻ شروع ڪندي آهيان ۽ هڪ ڏينهن پوءِ بہ وٺندي آهيان. شايد گوريون فيل ويون آهن.“

”ٺيڪ آهي دل جاءِ ڪر. اهڙين ڳالهين کي منهن ڏيڻ مشڪل نہ آهي.“

”چڱو فون رکان ٿي.“ چئي ڪويتا لائين ڪٽ ڪري ڇڏي. نريش جي من ۾ هڪ خوشيءَ گاڏڙ لهر ڊوڙي ويئي. ٽيليفون تي ڳالهائيندي سوچڻ لڳو هئو تہ جيڪڏهن ڪويتا سهڪار ڏئي تہ ڪو رستو ڪڍي بار تيڻ ڏجي ۽ اڳتي هلي گود وني گهر آڻجي. اجا ان خوشفهميءَ ۾ هو تہ ڪاجل آئي.

”اڇو روٽي لڳي ويئي آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ممي پپا ڪائي چڪا آهن؟“

”ها اڄ دير تي ويئي آهي نہ.“

روٽيءَ وقت ڪاجل بلڪل خاموش هئي. نريش ڏيان ڪونہ ڏنو. ڪاجل جي هن ريت خاموشي ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ هئي. هن جي ان سياءُ کي هلڪي نموني ڪٽندي نريش هڪ دفعو ماءُ کي چيو هو ”ممي تون هن جي سياءَ جي چنتا نہ ڪندي ڪر. موڊي آهي. خبر نہ آهي ڪيڏي مهل کهڙو چيڏڪ تو لڳيس.“

ڪاجل جڏهن رنڌڻي جو ڪم لاهي پنهنجي روم ۾ آئي تہ منهن لٿل هئس. نريش مئگزين ۾ منهن وجهي سوچي رهيو هو. ڪاجل طرف ڌيان ڪونہ هئس. آخر هيءَ چريائي ڪيئن ٿي. مڪمل خبرداري وٺڻ تمام ضروري هئي. ڪافي ڪجهہ سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا. بدنامي ٿيندي سا الڳ. ڪويتا سان جلد گڏجي ڪجهہ اُپاءَ سوچي ترت قدم کڻڻ تمام ضروري هو. هن فيصلو ڪيو تہ سڀاڻي شام واري فلائيٽ ۾ بامبي وڃڻ بهتر ٿيندو. صبح جو ارجنٽ ڪال جو بهانو ٺاهي ڇڏيندو.

ڪاجل آهستي تاڙيون وڄائيندي ٽوڪزنيءَ جي انداز ۾ چيو: ”هيڏانهن واڏايون ڏيانوَ.“

”ڇا جون؟“ نريش مئگزين پاسيري رکندي چيو.

”ڇو پتا جو ٿيڻ وارا آهيو؟“

”سچ! ڪٿي پهتي آهين؟“

”مان نہ هوءَ.“ ڪاجل ڪنڌ ڌوڻيندي چيو ”ها مون سڀ ڪجهہ ٻڌو آهي.“

”اڇا اِها عادت باقي رهيل هيئہ. سا بہ سکي پوري ڪيئہ. ڪنهن ڪان سواميءَ ڪان.“ نريش پوسرندي چيو. ترت ئي پاڻ سنڀالي ماٺ تي ويو. هي موقعو ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪرڻ جو ڪونہ هو. هن جي ماٺ ڏسي ڪاجل وري چيو. ”آخر توهان کي اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي هئي؟“

نريش آهستي چيو. ”ڏس ڪاجل! اهو تون سڀ پاڻ کان پڇ. مان انهن اِنسانن مان نہ آهيان، جو جذبات تي قابو رکي سگهي. جيسين شادي نہ ڪئي آهي، تيسين مريادا جو سوال رهي ٿو. شاديءَ کان پوءِ جيڪڏهن ڪم نصيبي هجي تہ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟“

”ان جو مطلب تہ اِنسان وئشائن وٽ وڃن؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وئشياورتي پرش مجبوريءَ ۾ ٻه ڪن ٿا ۽ شوق ڪان ٻه. جيڪڏهن مجبوريون نه هجن ته اڌ ڪن ماڻهو ته پرهيز ڪري سگهن ٿا.“

”توهان کي ڪهڙي مجبوري هئي؟“

”پاڻ کان پڇ.“

”اوهه! ان هڪ اڌ دفعي جو توهان کي ڪافي ارمان آهي. مون توهان کي چيو هو ته طبيعت ٺيڪ ناهي. ڇا عورت کي ڪڏهن اهو حق به نه آهي؟“

”ڇو ڪونه آهي. هڪ اڌ دفعي جو سوال نه آهي. اٽسڏي نموني گهٽا ئي موقعا پوءِ ٿيا آهن. تون ڪجهه به چئه. هي سڀ تنهنجو اندر وارو نه ٻالهائي رهيو آهي. ٻاهران تنهنجو چوڻ غلط نه آهي.“

ڪاجل روئڻ لڳي. ٻه ٽي منٽ نريش چڙدي ڏنس. پوءِ شانت ڪرائڻ لاءِ سندس پنيءَ تي هٿ ڦيريندي چيائين، ”هاڻي ته مسئلو ڪڙو ٿي ويو آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪريان؟“

ڪاجل ڳوڙها اُگهندي چيو ”اهو ته اول سوچيو ها نه.“

نريش ڪرمن تي ڏڪ هڻندي چيو ”اڙي بابا! اُن وقت انڌ چڙهي ويو هو.“ ڪاجل پاڻ سنڀالي توڪيندي چيو. ”ممي پپا کي واڌايون ڏيئي اچان؟“ نريش کي چڙ اچي رهي هئي، ”پلي! پوءِ جيڪي هو چوندا اهو ئي ٿيندو. سماج ۾ خبر ڦهلجي ويندي، هت ڪاجل پتيءَ کي سک نه ڏيئي رهي آهي.“

”۽ توهان جي باري ۾ ڇا چوندا؟“

”ڪجهه نه. پاڻ چوندا ته ڪاجل پتيءَ تي ڪوڙو الزام لڳائي رهي آهي. مان ڦري ويندس. ڪويتا کي به مان جيڪو چوندس، سو ڪندي. تو وٽ نه ڪو شاهد آهي، نه ڪو ثبوت.“ هو خارن ۾ اُٿي باٿ روم طرف وڃڻ لڳو. ڪاجل وري رئڻ لڳي. هن دفعي سڏڪا پري نريش در ڏانهن نهاريو. بند هو.

ڪويتا ۽ نريش جي سنبنڌ جي ته ڪاجل کي پڪ ٿي ويئي. هوءَ سوچي رهي هئي ته نريش جهڙي سمجهدار شخص کي اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي هئي. اندر جي ڪنهن ڪنڊ مان آواز آيو ’ضرورت ته هئي پر اها پيدا ڇو ٿي ۽ ڪنهن ڪئي. هو نه سادو مهاپرش آهي ۽ نه ئي برهمچاري. جنهن مرد کي رات جو سک حاصل نه هوندو، سو هرڪائڻ سان غلط موڙ طرف رخ ڦيرڻ ۾ ويرم نه ڪندو هيءَ پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي گنهگار محسوس ڪرڻ لڳي. مڙس کي هٿ ڪرڻ لاءِ اُلٽو سلٽو رستو اختيار ڪيو هئائين، حالانڪ مڙس هٿن کان ويل ڪونہ هو. صرف پنهنجي ڏاڪ ڄمائڻ ۾ ماءُ جي اهم ڪري هن هي سڀ ناٽڪ ڪيا. استري ڌرم جو هن پالن نہ ڪيو. پتيءَ کي هٿ ڪرڻ جو سنو سولو ۽ مناس پريو وسيلو آهي، ان کي اهو سڀ ڪجهہ ڏيڻ جنهن جي هو تمنا رکي. پوءِ اڳٺ ڍِلين طرف هن جو ڌيان نہ ويندو.

سوامي ۾ ڪي قدر ماءُ جا اُپديش ياد ڪري وڌيڪ دکي ٿي رهي هئي. انهن جي چورڻ تي هلي، هوءَ گهر ۾ الڳ پئجي ويئي هئي. پاڻ تي خفي ٿيڻ لڳي. آخر مون کي ڪهڙي تڪليف هئي، جو مان اُنهن اُپديشن تي هليس. ماءُ منهنجو ڀلو ڪرڻ تي چاهيو پر اڻڄاڻائيءَ ۾ ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيائين. سوچڻ لڳي ڪا ماءُ، ڌيءُ جي گهر ۾ آگ ڪانہ لڳائيندي آهي. هن تہ پنهنجي سمجهہ ۾ عقل آهر ڌيءُ کي سڄي گهر تي راڄ ڪرڻ لاءِ تيار پئي ڪيو. صرف تڪڙ ڪيائين. پهرين ڏسي تہ ها اهڙو ڪجهہ قدم کڻڻ جي ضرورت آهي؟ ڪجهہ وقت مان جيڪڏهن ساهرن ۾ رهي، انهن جي سياءُ ۾ آچار وهنوار جو جائزو وٺي پوءِ قدم کڻان ها تہ ڪيترو نہ سٺو ٿئي ها. مان پنهنجي ليکي پهرين ڪجهہ ڪريان ها ۽ جيڪڏهن ناڪام ٿيان ها تہ پوءِ ماءُ ۾ سوامي جن جو سهارو وٺڻ سياويڪ هئو. سو بہ ضروري هجي ها تہ. هوءَ شاديءَ جي ڇئن سالن واري عرصي تي نظرثاني ڪرڻ لڳي. پاسو ڦيري ڏٺائين، نريش گهري ننڊ ۾ هو. ڪاجل کي لڳي رهيو هو تہ اڄ ڪيس ننڊ اچڻ واري ڪانهي.

شادي ڪري ساهري گهر اچڻ سان ئي ڪاجل کي محسوس ٿيو تہ هن گهر ۾ ڪيس سٺي سک ملڻ واري آهي، پيار عزت ۽ مان ملڻو آهي، ن ڪري هن کي ديويءَ جون ڳالهيون نہ آٿڙنديون هيون. آخر اهو سڀ ڇو ضروري آهي. جيڪڏهن ڪو دک سور نہ آهي تہ سوامي جن کان مارگ درشن ڇو؟

ونيتا هن کي ڪيترو پيار ڏنو. ڏينهن ۾ هڪ بہ دفعو تہ ضرور پاڪر پائي گڏجندي هئي. آهستي آهستي هن جي گڏجاڻي سطحي ٿيندي ويئي. رشتي ۾ ويڇو وڌندو ويو. ڇاڪاڻ تہ ڪاجل هن کي پاڻ جيڏو نہ سمجهيو. پاڻ کان ننڍي سمجهي عزت ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي، جا دراصل ڪمائي ويندي آهي. هوءَ گهر ۾ پيار ۽ عزت حاصل نہ ڪري سگهي. وڏي هئڻ جو درجو حاصل ڪرڻ جو خواب پورو ڪرڻ لاءِ ماءُ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواميءَ جو سهارو وٺڻ جي ڪوشش ڪيائين. انهن ئي تہ دراصل اهڙا خواب ڏسڻ لاءِ ڪيس بهڪايو. هوءَ پاڻ مان ئي ڏوهہ ڪڍي رهي هئي. هيڏو انرٿ (ظلم) ٿيڻ کان پوءِ چڱيءَ طرح چنڊچاڻ ڪرڻ جو سوچيو اٿائين. هاڻ محسوس ڪري رهي هئي، ان کان تہ سياويڪ نموني جيڪا سک ۽ حب ونيتا ۾ پهرين هئي، سا برقرار رهندي اچي ها تہ وڌيڪ سٺو ۽ وڻندڙ لڳي ها. اِهو گهر جي ماحول کي راس اچي رهيو هو ۽ وقت سٺو ڪل خوشيءَ ۾ گذري رهيو هو.

پاروتي مميءَ جي پيار ۾ جيڪا گهرائپ ۽ گرمائش هئي، سا آهستي آهستي گهٽجڻ لڳي هئي، حالانڪ هنن چئن سالن ۾ پاروتيءَ نونهن سان ڪڏهن باڙو ڪونہ ٻوليو هو. ڪيترن موقعن تي ڪاجل محسوس ڪري سگهي هئي تہ مميءَ جي وهنوار ۾ رڪائپ لاءِ هوءَ پاڻ جوابدار هئي. ڪجهہ وقت کان ڪڏهن ڪڏهن هن سان ڳالهائڻ وقت ڪاجل ۾ وڏائيءَ جا احساس نظر ايندا هئا، تہ پاروتي وشيہ ڦيرائي ويندي هئي يا بهانو ڪري اُٿي ويندي هئي. پاروتي دويدو ٿيڻ کان ٽٽائيندي هئي، پر ڪاجل موقعي جي نزاڪت پاڻپي ويندي هئي. حالانڪ پاروتيءَ جي صبر جو پيالو اڃا ڪونہ ڀريو هو پر سندس هلت چلت مان محسوس ٿيندو هو تہ ڪاجل هن جي نظرن مان ڪي قدر ڪِري چڪي آهي. اڄ هن حالت ۾ ڪاجل پاڻ کي جوابدار ٺهرائي رهي هئي. ڪاجل کي لڳي رهيو هو تہ سندس مانسڪ(ذهني) حالت ئي ان جو ڪارڻ هئي ۽ مانسڪ ريت اهڙو گهٽيا ورتاءُ ڪرڻ لاءِ سوامي جن ۽ مميءَ جا اُپديش ئي هئا. جن ڪيس منجهائي رکيو. ورنہ شروعات ۾ پاروتي ڪاجل کي ترين تي رکندي هئي. مٽن مائٽن ساهيڙين سڏن وٺ گهمڻ وني ويندي هئس ۽ فخر سان هن جي واقفيت ڏيندي. هن جي پيڪن جي ساراهہ ڪندي هئي، ڪاجل کان سواءِ ٻاهر ڪانہ ويندي هئي. آهستي آهستي اهو سڀ ڪجهہ گهٽجندو ويو.

ٻاهران لڳندو هو تہ بسنت لعل هيڏين ڳالهين ۾ چاهہ نہ وٺندو آهي، پر هن جي وهنوار مان بہ مناس گهٽجندو پئي ويو. شايد گهر جي ياتين جي روش ڏسي. باقي سڌيءَ طرح هن ڪاجل کي ڪڏهن بہ ائين محسوس ٿيڻ نہ ڏنو هو تہ هن ۾ ڪو بدلاءُ آيو آهي.

- ۽ نريش! هن سان ڪيل بي انصافين تي سوچيندي گهبراهٽ وچان ڪاجل جي سرير مان سيسات نڪري ويو. آخر مون چو ائين ڪيو؟ ڪهڙي هن جي پيار ۾ ڪمي هئي؟ منهنجو هر طرح، هر سک جو ڌيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکندو هو. صرف گهر جي ياتين جي شڪايتن ٻڌڻ لاءِ تيار نـ هو پر شڪايت جي ضرورت پيدا ڇو ٿي هئي؟ پلي هن ونيتا ۽ مميءَ جو بدر پئي ڪنيو پر ڪڏهن ڪاجل ڪي ڇينپيو تـ ڪونـ هئائين. ايتري قدر جو هن ڪي ڪڏهن سڌو ائين ڪونـ چيو هئائين، ”ڪاجل تون غلط آهين.“ نريش ڪي غلط رستي طرف مڙڻ جو وجهـ ڪاجل جي وهنوار مان مليو. هاڻ جڏهن باهـ لڳي آهي تـ سيڪ ڪان بچڻ لاءِ اُپاءَ سوچي رهي آهي، پر جيڪو نقصان ٿي چڪو، ان جو ڇا؟ هاڻ دير نـ ٿي ويئي آهي؟ باهـ مڪمل ريت وسامي سگهندي؟ بامبي وڃڻ ڪان سواءِ رهي سگهندو؟ بامبي ويندو تـ ڪويتا سان گڏجڻ ڪان سواءِ رهي سگهندو؟

نريش جي اک کلي. پاسو ورايائين تـ محسوس ڪيائين ڪاجل اڃا جاڳي رهي آهي ۽ ٽينشن ۾ آهي. هو پاڻ ڪي شرمندو محسوس ڪري رهيو هو. ڪويتا ڪي کهڙي پيئي هئي، جو فون ڪيائين. وري سوچيائين هن ويچاريءَ تـ دنيا ڏٺي ئي ڪانهي. گهبرائجي وڃڻ سياويڪ آهي. اڪيلي بـ تـ آهي. ڪهڙو رستو ڪڍبو؟ گرپ پات (ٻار ڪيرائڻ) ڪان سواءِ ڪو چاڙهو ڪونهي. ان لاءِ ڪيس بامبي جلد وڃڻو پوندو. ڪاجل جو ٽينشن ياد ڪري وڌيڪ شرمندگيءَ جو احساس ٿيڻ لڳس. ڪاجل چريائي تـ ڪنهن جي ٻهڪاوي ۾ اچڻ سان ڪئي. پاڻ چو ايڏو تيسي ۾ اچي ويو. اهڙو ڪو قدم ڇو ڪونـ ڪنيائين يا ويچاريائين، جنهن سان سڀ ڪجهـ سٽائو ٿئي.

هوءَ سڌو ليٽيل هئي. ڪجهـ سوچي رهي هئي. نريش ٻانهن ڪلهن تي ورائي ڪاجل ڪي ڪجهـ پاڻ طرف ڇڪيو تـ ڪجهـ هوءَ پاڻ بـ هن طرف سِرڪي. نريش رکي رکي ڪيس چمي رهيو هو. ڪڏهن پيشانيءَ تي، ڪڏهن ڳل تي، ڪڏهن چپن تي، پيار پريو هٿ سندس ڇاتيءَ تي ڦيري رهيو هو. آهستي آهستي هٿ هيٺ ٿيندو ويس. ڪاجل جي سرير ۾ حرارت پيدا ٿي رهي هئي، نريش محسوس ڪري رهيو هو. سندس دماغي گهوڙو جو ڊوڙي رهيو هو آهستي آهستي هن طرف رُخ ڪرڻ لڳو. هو دل ۽ دماغ ۾ فرحت محسوس ڪرڻ لڳو. ڪاجل جي ويچار ڌارا پڻ ٿڻي چڪي هئي. ٽينشن گهٽجندو محسوس ڪري رهي هئي. پاسو ڦيرائي ٻانهن نريش جي مٿان ورائي زور ڏنائين. پهريون دفعو هن ڪي احساس ٿيو تـ هن ڳالهـ ڪري ٽينشن گهٽجي سگهندو آهي. اها خبر ڪانـ هئس تـ ڪيستائين. بهرحال نريش جي پيار پرئي وهنوار هن ڪي ڪي قدر خوش ڪري ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاجل صبح جو اُٿي تہ ڪيس ائين لڳي رهيو هو ڄڻ سڄي رات ننڊ ڪانہ ڪئي اٿائين. ڪجهہ جهپڪيون برابر هنيون هئائين، پر انهن پاڻ بي آرامي وڌائي هئي. مٿو ڳرو ۽ دل دماغ ۾ نااُميدي ۽ مايوسيءَ جي احساس ڪري بستري مان اُٿڻ جي اِڇا نہ پئي ٿيس. برش ڪري وري اچي ليٽي پيئي. نريش مٿي تي هٿ رکي چيو "بخار تہ لڳي. پلي آرام ڪر. ڪجهہ کاءُ تہ گوري ڏيانءِ." نريش پاڻ من ۾ گهبراهٽ محسوس ڪري رهيو هو پر هي وقت هٿ مٿي ڪري وهڻ جو نہ هو. ڪجهہ سوچڻو ۽ ڪرڻو ضروري هو سو بہ ترت. هو سوچي رهيو هو ڪويتا کي سنيالڻ کان ڪاجل کي آٿت ڏيڻ ۽ سنڀالڻ وڌيڪ ضروري ۽ تڪڙو ڪم هو. ڪاجل مايوسي گهڻو وقت برداشت نہ ڪري سگهندي. ڪٿي وڌيڪ بيمار نہ ٿي پوي. هن کي خاطري ڏيڻي پوندي تہ آئيندي هوُ اهڙو ڪجهہ نہ ڪندو جو ڪاجل کي ناپسند هوندو. پر سوال آهي ويچاري ڪويتا جو. هن جو آئيندي ڇا؟ منهنجي لاءِ ئي تہ هن هي سڀ ڪجهہ ڪيو آهي. ڪيس خبر هئي تہ مان شادي شده آهيان، تنهن هوندي بہ هن اڳيان قدم وڌايو. ان جانوري جذبي لاءِ ٻئي هڪ جيترا جوابدار آهيون. ٻنهي کي ڀوڳڻو آهي. مان تہ شايد ڪنهن ريت حالتن تي قبضو ڪري وٺان. ڪاجل کان معافي وٺي، وري اهڙو ڪم نہ ڪرڻ جو واعدو ڪري ڪيس مڃائڻ جي ڪوشش ڪبي ۽ مڃائي وجبو پر ڪويتا سماج کي ڪيئن منهن ڏيئي سگهندي؟ دل جي ڪنهن ڪنڊ مان آواز آيو "تون ڪويتا کان سواءِ رهي سگهندين؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 24

نريش شام جي فلائيٽ ۾ بامبي وڃڻ جو پروگرام ناهيو. گهر فون ڪري ماءُ کي ٻڌايائين تہ بامبي مان فون آيو آهي. اڄ ئي وڃڻو پوندو. پاروتيءَ چيو "ڪاجل جي طبيعت ٺيڪ ڪانهي. بخار اچا بيٺو اٿس. ڏينهن بہ ترسي وڃين تہ سٺو."

"نہ ممي، وڃڻ تمام ضروري آهي. ڪاجل کي رواجي بخار آهي. توهان ويٺا آهيو نہ." نريش کي ڊپ هئو تہ جيڪڏهن ڪو ترت قدم نہ کٽبو تہ ڪويتا گهٻراهٽ ۾ اهڙو ڪجهہ نہ ڪري وهي، جو ڳالهہ ظاهر ٿي وڃي، حالانڪ سندس وڃڻ ڪاجل کي وڌيڪ ڪٽڪندو پر ڇا ڪجي. ڪويتا جو مسئلو سنڀالڻ بہ تہ تڪڙو ۽ ضروري آهي.

اٿين منجهند جي وقت ڪويتا جو موبائيل تي فون آيو. "نريش جي آپدا ٽري ويئي."

"سچ؟ ڪيئن؟"

"لڳي ٿو ڪجهہ ڪمزوري ۽ ڪجهہ گرميءَ جي ڪري هن دفعي ليٽ ٿي ويئي. مون سمجهيو انهيءَ ڪري ٿيو آهي، ان ڪري گهٻرائجي ويئي هئس."

"پر اصل ڪارڻ جي خبر نہ پئجي سگهي؟"

"اصل ڪارڻ لاءِ ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ جي همٿ نٿي ٿئي."

نريش راحت محسوس ڪري رهيو هو. چيائين، "سٺو ٿيو فون ڪيئہ. ورنہ اڄ واري فلائيٽ ۾ اچڻ جو پروگرام ٺاهيو هئم."

"پوءِ، اچو نہ؟"

"حال ڪجهہ ڏينهن نہ. ڇو تہ هٿ پرابلم تي پيا آهن. ڪاجل کي خبر پئجي ويئي آهي."

"سو ڪيئن؟" ڪويتا اچرج مان پڇيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تو ان ڏينهن گهڙيءَ گهڙيءَ فون جو پئي ڪيا. اجا ليٽ بہ تہ ڏهن ٿي ڏينهن جي هئي. ڪاجل سان سڌو ڳالهايئہ. تنهنجي گهبراهٽ هوءَ چڱيءَ طرح محسوس ڪري رهي هئي.“

”پر ان جي ڪارڻ جي ڪيئن خبر پيس؟“

”خير تون چنتا نہ ڪر. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. حال تہ راحت ملي نہ؟ مان ڪجھہ ڏينهن کان پوءِ ايندس. تون پنهنجو خيال رکج.“

موبائيل بند ڪري يڪدم ماءُ کي فون ڪيائين،”ممي بامبي جو پروگرام هفتي کن لاءِ مهمل ڪيو آهي. ڪاجل کي ٻڌائي ڇڏجانءِ.“

”ضرور نہ آهي. مون اجا کيس تنهنجي وڃڻ جو ٿي نہ ٻڌايو آهي.“

”ٺيڪ آهي تہ پوءِ ڪجھہ نہ ٻڌائجانس. ڪيئن اٿس بخار؟“

”اٿين تہ ٺيڪ آهي. اجا سمهي پيئي آهي.“

شام جو جلد ٿي گهر پهچي ويو. ڪاجل صبح کان ٺيڪ لڳي رهي هئي.

نريش چيو ”ڪاجل! يار هڪ مسئلو تہ حل ٿي ويو. پنهنجو پاڙهي.“

”ڪهڙو؟“ ڪاجل چپن ۾ ڳالهائيندي پڇيو.

”ڪويتا جو. ڪجھہ ڪونہ هئس. تورا ڏينهن هيٺ مٿي ٿي وندا آهن. اجايو پاڻ بہ گهبرائجي ويئي ۽ اسان کي بہ ٽينشن ۾ وجهي ڇڏيائين.“

”پوءِ؟“

”بامبي نہ وڃبو. هاڻ هت قسم کنيو اٿم تہ ساڻس وري نہ گڏجندس.“

”پر آهي تہ ساڳي ڪمپنيءَ ۾ نہ؟“

”اهو گڏجڻ پيو ٿيندو. ڪاجل، مان جيڪو چوان ٿو ان تي وشواس ڪر. وري ڪڏهن اهڙو ڪم نہ ڪندس- نہ ڪندس.“

ڪاجل خاموش هئي.

ڪويتا جي فون کان پوءِ نريش راحت نہ پر فرحت محسوس ڪري رهيو هو. وري ڪاجل جو ڌيان ايندي ئي چنتا ۾ پئجي ويو. هن کي سنيالٽو آهي. ڪافي منجهيل رهي ٿي. گهر وارن جو ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪاجل جو سهڪار بلڪل ضروري آهي. هنن ٻن ڏينهن ۾ گهٽائي دفعا معافي وٺي چڪو آهي ۽ وري ڪويتا سان نہ گڏجڻ جو وعدو پڻ دهرائيندو پئي رهيو آهي. ڳالهہ جڏهن بہ ڦاٽ کاڌو تہ نہ صرف پنهنجي گهر بلڪ ساهري گهر بہ ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل نہ رهبو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوڏانهن ڪاجل بہ ڪجھہ اھڙو ئي سوچيندي رھندي ھئي. جيتري قدر تي سگھي معاملو اسان ٻنهي جي وچ ۾ رھي تہ سٺو. نريش جيڪڏھن پنھنجن مائٽن يا ڪاجل جي مائٽن جي نظرن ۾ ڪري ٿو پوي، تہ ان ۾ ڪاجل جو بہ ڪنڌ جهڪٽو آھي ئي. ڪاجل طئي ڪري ڇڏيو ھو تہ ڪجھہ بہ ٿي پوي ھيءَ مول (اصل) ڳالھہ ٻاھر پاڻ تہ اچڻ نہ ڏيندي. پلي غصي ۾ نريش کي ھن ڪجھہ بہ چيو ھجي. وري جڏھن سوچڻ لڳندي ھئي تہ ھن جي آغوش ۾ ڪا ٻي سندس رقيب پڻ رھي چڪي آھي تہ ھن جي من ۾ نريش لاءِ ھڪ قسم جي حقارت پرجي ويندي ھئي. ھئڙو گھٽيا ڪم ھو ڪيئن پئي ڪري سگھيو. ھاڻ ھو ڪويتا جو پيڇو ڇڏي سگھندو يا ھوءَ ھئڙو سولو سٽيو شڪار ھٿن مان وڃڻ ڏيندي؟ من جي ھڪ ڪنڊ مان آواز اچي رھيو ھئو تہ نريش جي وعدن ۾ سچائي تہ نظر اچي ٿي، پر جيڪڏھن اڳتي ھلي ترڪي ٿو پوي تہ ڪاجل کي ڪويتا سان گڏ گذر ڪرڻو پوندو. ٻيو ڪو چاڙھو ڪونھي. ڪيترين حالتن ۾ مردن جي اھڙن ڪرتوتن جي زالن کي خبر نہ پوندي آھي، پر ھاڻ جڏھن پيئي آھي تہ ھڪ ڪري ڪاجل کي موقعو ملي رھيو آھي تہ نريش کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري، پر ڪوشش ڪامياب ويندي؟ ھڪ دفعو مرد کي عادت پيئي تہ ھڪ نہ ٻي ڪويتا ان کي ملي ويندي. پر چانس ڪٽڻ ۾ ڇا ھي؟ ڪنھن کان مدد نہ وٺي سگھبي. سواميءَ جي اُپديش اُلٽا اثر ڪيا آھن. ھاڻ ھن کي لڳي رھيو ھو تہ نہ صرف پاڻ مورک ھئي، پر ھڪ مھامورک جي آڱر پڪڙي ھلڻ جي ھن پنھنجي حياتيءَ جي وڏي ۾ وڏي پل ڪئي آھي. باقي ماڻس تہ ممتا وس ٿي ڌيءَ کي اڳرو ڪرڻ لاءِ ھڪ غلط راھ ڏسي ويئي.

پنھنجو من ٽٽولڻ جي ڪوشش ڪري رھي ھئي. ٻيون عورتون ڪجھہ بہ ڪنديون ھجن، پر پاڻ اڳٺ ڍلين سان رھي نہ سگھندي. سندس درجو ھر حال ۾ ھنن کان ھيٺ ئي رھڻو آھي، جنھن اختياريءَ جي ڏاجھہ ھي سڀ ڪم ڪرايا سا تہ مري چڪي، گھر جو ڪيندر بندو ٿي رھڻ جو چانس ھٿ ۾ ھوندي بہ وڃائي چڪي، پر ھاڻ ڀين جي ھيٺان، انھن جي رحم ڪرم تي رھڻ ھن کي ھرگز پسند ڪونہ ھو.

نيٺ ھاڻ ڇا ڪجي. جيڪڏھن نريش کان پري ٿو رھجي تہ من جي شانتي ڪجھہ وڌيڪ رھندي. اھو ھن صرف اھڙي خيال اچڻ سان محسوس ڪيو. پوءِ تہ طلاق ئي سڌو رستو آھي. گھر ۽ سماج ۾ ڪارڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو ٻڌائيو؟ مول ڪارڻ لڪائي نہ سگهيو. جڏهن بہ ظاهر ٿيو تہ سمجهوتو ڪرائڻ لاءِ گهٽا ئي پيدا ٿي ويندا. سيني جي نظر ۾ تہ ڪريل ئي رهنداسين. ائين خيالي ساگر جي ڪُن ۾ غوطا کائيندي رهندي هئي.

هڪ ڏينهن نريش کي چيائين تہ ڪجهہ ڏينهن اندور وڃڻ جي اِڇا ٿي آهي ۽ ٻُنيير تي چيائين، "اُجين نہ." نريش مشڪي ڏنو. چيائين، "بہ ٽي ڏينهن ترس پوءِ مان ڇڏي ٿو اچانءِ."

"نہ سڌي گاڏي آهي. هاڻ اڪيلو وڃڻ تي هرٽو پوندو. هونئن بہ ٻپ ڪهڙو آهي؟ توهان پوءِ اچجو تہ گڏ موٽنداسين."

پاروتيءَ پڻ چيو تہ ڪجهہ ڏينهن پيڪن مان ٿي اچي تہ سٺو. من بيءَ پوندس. طبيعت لاءِ پڻ فائديمند ٿيندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 25

ڪاجل جو فون آيو تہ سياٽي انبور اچي رهي آهيان، سو بہ اڪيلي. ديوتي کي عجب لڳو ۽ ڪجھہ چنتا پڻ ٿي. هوءَ چئن سالن ۾ ڪڏهن بہ اڪيلي ڪانہ آئي آهي. بڙودا مان ڪوئي چڙهي ويندو اٿس يا هتان ڪير وٺڻ ويندو اٿس. پروگرام بہ لڳ ڀڳ ديويءَ سان طئي ڪري پوءِ گهران موڪل وٺندي هئي. اندر اسٽيشن تان وٺي آيس. بيماريءَ ۾ مانسڪ تناوَ (ذهني ڇڪ) جي ڪري ڪاجل لهڪاريل هئي. ماءُ جي پڇڻ تي ٻڌاياائين تہ هفتو کن بستري داخل هئس. ڪجھہ آرام ۾ هوا مٽ لاءِ انبور جو پروگرام ٺاهيو آهي.بہ تي ڏينهن تہ گهران ڪانہ نڪتي. چاچي چاچيءَ سان بہ ملڻ ڪانہ ويئي. روز رات جو نريش جو فون ايندو هو. پاڻ ۾ پتي پتني چا ڳالهائيندا هئا، سو ڪاجل ماءُ کي ڪانہ ٻڌائيندي هئي. پڇڻ تي چوندي هئي تہ چا ڳالهائينداسين؟ تون خوش، مان خوش ٻيو چا.

پر چوڪريءَ ۾ اها فلڪ ڪانہ هئي، اها مرڪ ڪانہ هئي. ڳالهائڻ سهميل انداز ۾ هوندو هئس. اها ڦڙتي ۽ خوشي ڪانہ هئي. گهر ۾ سيني جو هن طرف ڌيان ڇڪيل هو، ديوي جو تہ خاص طور. هڪ ڏينهن نيٺ پڇيائين۔ ”ڪاجل چا ڳالهہ آهي، من تي ڪهڙو بوج اٿيئي؟“

ڪاجل جي مشڪ ڦڪي هئي. چيائين، ”ممي ڪجھہ نہ آهي. طبيعت مئي الائي ڪيئن تي ويئي آهي. مٿو ڀاري ٿو رهي. رات جو پوري ننڊ بہ نٿي اچي.“

”ننڊ نہ اچي سا تہ سٺي ڳالهہ نہ چئبي.“

”ائين نہ آهي سڄو ڏينهن تي ننڊون ڪريان. ڪو ڪم ڪونهي، جو ٿڪاوٽ ٿئي، پوءِ رات جو ننڊ ڪٿان ايندي؟“

”تہ ڏينهن جو ننڊ گهٽ ڪر يا نہ ڪر. انيتا سان گڏ پڪچر تي وڃ. ڪيڏانهن ٻاهر نڪر.“

”ڏسان ٿي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نريش ڪڏهن ايندو؟“ ديويءَ کي اٽڪ هئي ته نريش جلد اچي. ان جي اچڻ سان اُتان جي گهر جي ماحول جي خبر پوندي. هوئن به ڪجهه خاص اٽڪ جهڙو ڪارڻ نه پئي لڳو، ورنه نريش جو روز فون جيڪر نه اچي. ڪاجل جواب ڏئي ان کان اول چيائين، ”خير نريش جي اچڻ کان اول هل ته اُجين مان تي اچون.“

”هاڻ ڪهڙو ضرور آهي؟“

”سانگي سان آئي آهين ته تي اچون. سيڙجي ته ان لاءِ ڪانه آئي آهين. سياڻي هلون؟“

”هل!“

ٻئي ڏينهن اندر ڊرائيور جو بندوبست ڪري ڏنو. هو صبح جو اُجين پهتيون. ڪاجل ۾ اڳي جهڙو اُتساهه ڪونه هو. ڪاجل سواميءَ سان اڪيلو گڏجڻ جي اِڇا ڏيکاري. ديويءَ کي اها ڳالهه سياويڪ لڳي، ڇاڪاڻ ته سواميءَ وٽ اهڙي طرح گڏجڻ جو رواج عام هوندو هو.

هن سواميءَ سان نريش ۽ ڪويتا جي سنبنڌ جي سڌي يا اٽسڌي نموني ڳالهه ڪانه ڪئي. پنهنجا ساڳيا مسئلا دهرائيندي ڪاجل پڇيس ته ”هن جون ڪيتريون صلاحون استري ڌرم خلاف نه آهن؟“ سوامي پنهنجن ساڳين ڄاتل سڃاتل حرفن ۾ منڙي آواز ۾ چيو ته، ”هي سڀ ڪجهه استريءَ جي ڀلي لاءِ آهي ته پوءِ ان جي ڌرم خلاف ڪيئن ٿو ٿي سگهي.“ سالن کان ساڳيا حرف ٻڌي ڪاجل تنگ ٿي پيئي هئي. اهڙي پاونا پهرين هن جي من ۾ ڪڏهن ڪانه آئي هئي. ملاقات پوري ٿيڻ کان اول سواميءَ هڪ ڌاڳو ڪاجل کي ڏيندي چيو ”هي خاص تيار ڪيل آهي. ڪيئن به ڪري پتيءَ جي ٻانهن ۾ هفتو ڏهه ڏينهن ٻڌ. هر منشا پوري ٿيندءِ ٻچڙي! تون ڪا چنتا نه ڪر. ڀڳوان پاڻ اچي سهاءِ ٿيندءِ.“

سواميءَ کي هوءَ ڪجهه چئي نه سگهي. پڙي وٽي نمسڪار ڪري ٻاهر آئي ته ديويءَ محسوس ڪيو هوءَ ڪجهه غصي ۾ آهي. پڇڻ تي ڪاجل ڪو جواب ڪونه ڏنو. غصي ۾ ته سچ پچ هئي. چوهه مان سواميءَ واري ڌاڳل پڙي ديوار طرف ڦٽي ڪيائين. ديوي تپرس ۾ پئجي ويئي. ڪجهه اوچي آواز ۾ چيائين، ”ڇا تي ڪرين انڌي؟“

”ڪجهه نه. تون هن معاملي ۾ هاڻ ڪجهه نه ڳالهاءِ.“ ڪاجل جو ڳالهائڻ چوهه ۽ غصي مان هو. هن جو موڊ ڏسي ديويءَ کي ڪجهه وڌيڪ چوڻ جي همٿ نه ٿي. ديويءَ کي محسوس ٿي رهيو هو ته ڪاجل کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ ٻهڪايو ويو هو. سو نہ مليو آهي. ان ڪري مايوس ۾ نااُميد ٿي ويئي آهي. پر اجايون وڏيون وڏيون اُميدون بہ نہ رکڻ کپن. هي تہ اها ڳالهہ آهي، لڳي تہ تير نہ تہ تڪو. ان جي ناڪاميءَ لاءِ دل ۾ نہ ڪرڻ کپي. پر ديويءَ کي ڪهڙي خبر تہ هن جي رهبريءَ ۾ ڪاجل جي ڪنيل قدمن ڪهڙو خلم ٻاريو آهي. ها ايترو سو هوءَ سمجهي سگهي هئي تہ ماحول ڪاجل جي دل وٽان نہ آهي ۽ ڪجهہ ڳنڀير ٿي ويو آهي. ڪنٽرول ڪرڻ جي ضرورت آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو ڪيس لڳو تہ ڳالهہ ڪنٽرول کان ٻاهر آهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو نريش کي جيٺانند جو فون آيو تہ ڪاجل کي اسپتال ڪٽائي تا وڃن. ننڊ جون گوريون گهڻي انداز ۾ ورتيون اٿائين. نريش گهٻرائجي ويو.

"ننڊ جون گوريون؟ ڪڏهن؟"

"لڳي ٿو رات جو ورتيون اَٿائين. صبح جو اُٿي ئي ڪانہ."

"هي تہ آپگهات جي ڪوشش چئبي نہ؟"

"ها ائين ئي آهي."

"ڪارڻ؟"

"سو تہ مان توکان پڇڻ ٿو چاهيان. خير چڏ ان ڳالهہ کي پوءِ ڳالهائينداسين."

"مان ترت نڪران ٿو پر هينئر حالت ڪيئن اٿس؟"

"اجا تہ اسپتال پهتا بہ ڪونہ هوندا. مان گهران ٿو ڳالهايان. تون جلد اچ. پوليس ڪيس ٿيندو. مان بہ وڪيل کي وٺي ٿوري دير ۾ اُتي پهچان ٿو. پوليس انڪواريءَ وقت وڪيل حاضر هجي تہ سٺو."

"ها دادا، برابر آهي. ڏسجو سٺي ۾ سٺي اسپتال ۾ ڊاڪٽر هجي."

"ها، تون چنتا نہ ڪر."

نريش ماءُ پيءُ سان ڳالهہ ڪئي. هنن کي بہ ڪافي دک ٿيو. هنن هلڻ جي اِجا ڏيکاري. باقي ونيتا اڪيلي ڪٿي رهندي؟ چار ئي ڄڻا ڪجهہ ڪپڙا بئگ ۾ وجهي اچي ڪار ۾ ويٺا. ڊرائيور سان گڏ بسنت لعل ويٺل هو. نريش پنيان ڪنڌ ۾ سوچي رهيو هو تہ ڪاجل کي جي دماغ ۾ ايڊو ٽينشن هو تہ ڪيس خبر چو نہ پئي. هن سوچيو پئي پيڪن ۾ هفتو رهڻ کان پوءِ پاڻ کي هلڪو محسوس ڪندي هوندي. خبر نہ آهي اُتي گهر ۾ سيني سان ڪهڙيون ۽ ڪيتريون ڳالهيون ڪيون اٿائين. هت تہ ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي بہ ڪويتا جي باري ۾ نہ ٻڌايو اٿائين. اُتي متان ماءُ سان يا سواميءَ سان ڳالهہ ڪئي هجائين. شرمندگي تہ محسوس ڪري ٿي رهيو هو پر چنتا ان ڳالهہ جي هئس تہ پاڻ گهر ۾ ڇا ڳالهائي. پوليس ۾ ڪهڙو بيان ڏئي. ڪويتا جو ذڪر ڪري يا نہ. ٿي سگهي ٿو پوليس اهڙو ڪوسوال ڪري. هو آپگهات جي ڪارڻ جي ڇنڊڇاڻ باريڪيءَ سان ڪندا.

پاروتي ۽ بسنت لعل جو پهريون رعمل هئو تہ "نريش توهان ٻنهي جي وچ ۾ ڇا ٿيو آهي. هت بہ ملول لڳندي هئي."

نريش چيو "سواءِ سواميءَ جي ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ اسان جا متڀيد ڪونہ هوندا هئا." نريش هن جي اهڙين ڳالهين تي ڪاوڙجندو ضرور هو پر سڄي گهر ۾ ڪاجل کي ڪا تڪليف ڪانہ هوندي هئي. اندور وڃي هفتي کان پوءِ هي قدم کنيوا ٿائين. جيڪڏهن اهڙو ڪجهہ هت گهر ۾ هو تہ يڪدم ڇو ڪونہ ڳالهہ ڪيائين.

پاروتي ۽ بسنت لعل وڌيڪ بحث نہ ڪيو. هو پاڻ منجهي پيا هئا تہ اُتي سيٽن ۾ ڪهڙو منهن ڏيکاريندا. ڇا ڳالهائيندا ۽ ماٺهو ڇا چوندا؟ ڪاجل ۾ موهہ هئڻ ۽ دل ڇڪي ڏني، ان ڪري اندور وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. شايد سماج ۾ پڻ سهٽو لڳي.

نريش کي فڪر صرف ڪويتا جي ڳالهہ جو هو. ائين نہ ٿئي تہ اُتي خبر هجي ۽ پاڻ انڪار ڪري ڪوڙو ثابت ٿئي. جيڪڏهن پاڻ ڳالهہ ڪري ٿو ۽ ڪاجل نہ ڪئي آهي تہ وڌيڪ خراب لڳندو. ڪيترو وقت من ۾ جدوجهد ڪندو رهيو. نيٺ فيصلو ڪيائين تہ پنهنجي طرفان هن ڳالهہ جي پهل نہ ڪندو ۽ ڪنهن ڳالهہ ڪيڏي بہ تہ ائين چئي ٽارائي ويندو تہ ڪويتا سان ساڳي ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ ڪري واقفيت هئي ۽ ڪاجل جي من ۾ اجايو وهم ويهجي ويو هو. يڳوان ڪري سڀ سٺو ٿئي تہ هوءَ پاڻ هٿرين ڳالهين کي منهن ڏيڻ قابل آهي. بهرحال هن کي پنهنجو فيصلو هر حال ۾ نيڪ لڳي رهيو هو.

جيئانند ڪلاڪ کن کان پوءِ اسپتال پهتو. پرسرام ۽ ٻيا امرجنسي وارڊ جي ٻاهران ويٺا هئا. جيئانند پڇيو "ڪيئن آهي رپورٽ؟"

پرسرام دکي لهجي ۾ چيو "ساهہ چالو اٿس. ڊاڪٽر ڪا خطري جهڙي ڳالهہ نہ ٿا چون. هوش ايندي ڪجهہ وقت لڳندو. هينئر اجهو آءِ.سي.يو ۾ ٿا شفٽ ڪنس."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄيٺانند ڏکيو ساهه کڻي ڪجهه راحت جو اظهار ڪيو. چيائين، ”لک شڪرانا مالڪ جا.“ پاسي ۾ ديوي روئي رهي هئي. ڄيٺانند ويجهو وڃي چيو ”ديوي هاڻ ڌيرج رک. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. هتان شفٽ ڪنس ته گهر وڃي ڪجهه آرام ڪر. پرسي کي به سنڀال. مان ۽ پدما ويٺا آهيون. انيتا پاڻيهي گهر پيئي سنڀاليندي.“ پرسرام کي چيائين، ”بڙودا وارا نڪري چڪا هوندا. شام تائين پهچڻ کپن ۽ وڪيل چيو آهي ته پوليس مان ڪير انڪوائريءَ لاءِ اچي ته موبائيل تي فون ڪجو مان يڪدم اچي ويندس. ٺيڪ آهي، پوليس وارا ڪڏهن ٿا اچن ڪهڙي خبر.“

منجهند کان پوءِ ڪاجل کي آهستي آهستي هوش اچڻ لڳو. پدما مٿي تي هٿ ڦيري سندس پيشاني چمندي چيو ”پٽ ڪيئن آهي طبيعت هاڻ؟“

ڏکيو ساهه کڻي ڪاجل چيو ”مٿو ڏاڍو ڀاري آهي.“

ڄيٺانند چيو ”اکيون بند ڪري ڇڏ. مان ڊاڪٽر کي سڏي ٿو اچان.“

ڊاڪٽر اچي هڪ انجيڪشن هڻي هليو ويو. چيائين هن سان آرام اچي ويندس. ڪاجل اکيون بند ڪري سمهي پيئي. ساهه کڻڻ جي رفتار ۽ نبض صبح کان ڪجهه تيز ٿي رهي هئي، پر ڄيٺانند کي لڳي رهيو هئو ته اجا نارمل نه آهي. گهر فون ڪري پرسرام کي سڀ ٻڌايائين. ڪجهه وقت کان پوءِ پرسرام آيو. ڪاجل جي سڌرندڙ حالت ڏسي هو ڪجهه سرهو لڳي رهيو هو. ڄيٺانند چيو ”ديوي ڪيئن آهي. صبح ڍلي پئي لڳي.“

”ها ڍلي ته ٿي ويئي آهي. سمهي پيئي هئي، اُٺاريومانس ڪونه. انيتا گڏ ويٺي اٿس. جاڳندي ته اها پاڻيهي شيپ (سني) سماچار ٻڌائيندس.“

ڪجهه لمحن جي خاموشيءَ کان پوءِ ڄيٺانند هن کي روم کان ٻاهر وٺي آيو ۽ اچي لائونج ۾ پيل سوفا تي ويٺا. چيائين، ”پرسا، هي سڀ ڪجهه ڇا لاءِ ٿيو. ڪهڙي تڪليف اٿس؟“

”اهو ئي ته نٿي ٻڌائي. هفتو آئي ٿيو اٿس. گم سم ويٺي هوندي آهي.“

”مان به عجب پيو کان ته ڪڏهن به هڙي نموني گهر ۾ نه ويٺي آهي. هن دفعي اسان وٽ به اجا ڪانه آئي آهي. ڪالهه ٻڌو هئم ته اُجين سواميءَ وٽ ويئي هئي.“

”ها، ماءُ سان گڏ.“

”اهو سوامي اُتي بڙودا ۾ به پهچي ويو؟“

”ها، مڙيئي ماءُ ڌيءُ پيون خفت ڪن.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پرسا، تو جيڪا هن معاملي ۾ اک پوٽ ڪئي آهي نه. دراصل ان ئي گهر جو بيڙو ٻوڙيو آهي.“ چيتانند جو آواز اوچو ٿي ويو. سنياليندي چيائين، ”تنهنجو فرض نه هو ته ڏسين ته هنن ڳالهين جو سيٺن ۽ نانيءَ تي ڪهڙو ٿو اثر پوي. اهي هي سڀ ڪيئن ٿا ڪٽن. خبر اٿيئي مان برداشت نه ڪري سگهندو آهيان. مون جهڙا ڪي بئي نه هوندا؟ هرويرو سڀ ته تو وانگر آئين واري ڪونه وهندا.“

”صحيح ڳالهه آهي. مون گهر ۾ پنڻ کان بچڻ لاءِ سڀ ڪجهه پئي برداشت ڪيو آهي. هي سڀ بڙودا تائين پهچندو ۽ ايترو گهرو هوندو سو ته مون سوچيو به ڪونه هو ۽ سچ ته مون کي خبر به ڪانه هئي. هنن ڳالهين جو ڪاجل جي هن قدم سان ڪهڙو واسطو؟“

”واسطو ته آهي ئي. هڪ ته ڪالهه سواميءَ وٽان ٿي آئي ۽ بعد ۾ رات جو هي قدم کنيو اٿائين. ٻيو ته پتي پتنيءَ جو سواميءَ جي ڳالهه تي واد- وواد پيو هلندو آهي، سا مون کي خبر آهي. ٻيءَ طرح ته سڀ ٺيڪ هو.“

”تو مون سان ته ڳالهه ڪانه ڪئي. نه ئي نريش هن باري ۾ مون سان ڪجهه ڳالهايو آهي.“

”مون سمجهيو توکي خبر هوندي ۽ عادت موجب نظرانداز ڪندو هوندين.“

”اها ئي ته ڪم نصيبي آهي، نه.“

”موبائيل تي رنگ وڳي. پرسرام ڳالهايو پوءِ چيائين، ”پائو بڙودا وارا گهر پهچي ويا آهن. ٿوري دير ۾ اسپتال لاءِ روانا ٿين ٿا. نريش جا ماتا پتا ۽ ڀيڻ پڻ آهن. انيتا ٻڌايو اٿن ته ڪاجل کي هوش اچي چڪو آهي ۽ خطري جي ڪا ڳالهه ڪانهي.“

”ڏس نه خبر ٻڌڻ سان چارئي جڻا اچي پهتا آهن. ڪاجل ۾ سچ پچ موهه اٿن. پوءِ به خبر نه آهي، هن گهر ۾ سواميءَ جي دخل اندازي ڇو ٿي؟“ ڪجهه دير جي خاموشيءَ بعد حقارت ڀريل لهجي ۾ چيائين، ”سڄي گهر جو ڪاجل ۾ موهه آهي. ديوي ته چوندي اهو صرف سواميءَ جي ڪرپا درشٽيءَ جو نتيجو آهي.“ پرسرام مشڪيو پر مشڪ ڦڪي هئي. چيائين ڪجهه ڪونه. چيتانند چيو، ”خير سيٺن ۾ هڪ ٻئي سان ڏک ڏوراپي جي ڳالهه نه ٿيڻ کپي. ديويءَ کي به سمجهائي ڇڏجانءِ.“

”ها، صحيح آهي. اسپتال ۾ ديوي به هنن سان گڏ اچي رهي آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپتال وارن دستور موجب پوليس کي ڄاڻ ڪري ڇڏي هئي. هڪ ڪانسٽيبل اچي چيو تہ "اسان جو صاحب هن باري ۾ ڪجهہ پڇا ڪرڻ ٿو چاهي." ڄيٺانند چيو "صاحب کي چئو تہ مهرباني ڪري پڇا ڳاڇا گهر اچي ڪن تہ سٺو."

"ٺيڪ آهي ڪيتري بجي؟"

"ڇهين بجي."

نريش اسپتال ۾ ئي رهڻ جو ارادو ڏيکاريو. ڪنهن عورت جو رهڻ ضروري آهي، ان ڪري پاروتيءَ پڻ اُتي رهڻ پئي چاهيو. نريش جو رهڻ تہ سياويڪ هو پر پاروتيءَ لاءِ ديويءَ چيو "ٻاهران مهمان ٽڪجي آيا آهن، اهي ڇو رات جو هت رهن؟ سيٺن جو ايترو ڪشٽ وٺڻ سهٺو نٿو لڳي." پر پاروتيءَ ريهي ريبي سيني کي روانو ڪيو. ڄيٺانند پاروتيءَ سان سُر ملائي رهيو هو. سندن گهرو معاملو آهي. پلي کلي دل سان ڳالهائين. حالانڪ ڪجهہ ڳالهائڻ ممڪن ڪونہ هو. ڪاجل ڪافي ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ هن جا مانسڪ اسٿتيءَ (ذهني حالت) جي بہ خبر نہ پئي پئجي سگهي. ڄيٺانند کي نريش جي قابليت ۾ وشواس هو. موقعي جي نزاڪت ڏسي مناسب نموني ڳالهائيندو.

شام جو انسپيڪٽر ڪرسچن گهر آيو. پرسرام سان رسمي طور سهانوڀوتي (همدردي) ڏيکاري چيائين تہ. "انڪل مان هيءَ انڪوائري هڪ پوليس واري جي فرض طور ڪري رهيو آهيان؟ آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، سا تہ ظاهر آهي. اها خوشنصيبي آهي، جو ڪاجل مئڊم بچي ويئي آهي. پر اسان کي ڪارٽن جي ڇنڊڇاڻ تہ ڪرڻي ئي آهي."

ڄيٺانند چيو "ڪجهہ دير ترسندا، مان وڪيل کي سڏيان."

"سو تہ پلي، پر مون کي ڪا ضرورت نٿي لڳي. هن ۾ ڪا ليگل پائنٽ تہ آهي ڪانہ. حقيقت ئي بيان ڪرڻي آهي. وشواس رکو ڪنهن ڳالهہ جو دراُپيوگ (غلط مطلب) ڪونہ ٿيندو. ها ڪاجل مئڊم جي بيان جي خاص اهميت آهي، جو آپگهات جي ڪوشش قانوني ريت ڏوهہ آهي."

ڄيٺانند چيو "ٺيڪ آهي. توهان پلي پنهنجو فرض پورو ڪيو."

پرسرام ۽ انسپيڪٽر ٻاهر ورانڊي ۾ پيل ڪرسين تي اچي ويٺا.

ڪرسچن چيو "هن کي اهي ننڍ جون گوريون ايتري انداز ۾ ڪٿان مليون؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اچا تہ مون کي بہ خبر نہ پئجي سگهي آهي، پر اڄڪلهہ ڪيمسٽ ڪٽي تا ڏيان ڏين. ڪهڙيون بہ دوائون، ڪيتري بہ انداز ۾ ڪپن، هو ڊاڪٽر جي نسخي کان سواءِ ڏيئي ٿا ڇڏين. جيڪڏهن بل ناهٽو اٿن تہ ڪجهہ جا ڪجهہ نالا بہ لکي ڇڏيندا آهن.“

”اها خطرناڪ پرئڪٽس وڌي ويئي آهي، پر هئڙين دوائن ۾ بہ ائين ٿا ڪن.“

”لڳي تہ ائين ٿو.“

”يلا آپگهات لاءِ ڪارڻ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. ڏيتي ليتي يا ٻئي ڪنهن ريت ساهرن طرفان تڪليف؟“

”نہ اهڙو ڪجهہ نہ آهي. شاديءَ کان پوءِ ڇوڪري سکي پئي رهي آهي. سندس ساهرن مان ڪڏهن بہ ڪا واجبي يا غير واجبي گهر نہ پئي رهي آهي. نريش منهنجو نائي بہ هن مٿانْ اول گهول پيو ويندو آهي.“

”شادي ڪئي گهڻا سال ٿيا اٿس؟“

”چار سال.“

”يلا ڪڏهن اُداس يا گهوماتيل لڳندي هئي؟“

”ائين هن دفعي ڪڏهن ڪڏهن لڳندي هئي. ان کان اڳ ڪيترا دفعا هت آئي آهي، پر مون کي ڪڏهن اُداس نہ لڳندي هئي.“

”هن دفعي ڪڏهن آئي؟“

”اٽڪل هفتو اڳ.“

”هت ٿي رهي هئي يا ڪيڏانهن ٻاهر پڻ ويئي هئي؟“

”ڪالهہ اُجين ويئي هئي.“

”اُجين ۾ ڪنهن وٽ ويئي هئي؟“

”مندرن ۾ ۽ اسان جي گرو سوامي گرداس جن وٽ. اُتي اڪثر ويندي رهندي هئي.“

”ڪنهن سان گڏ ويندي هئي يا اڪيلي؟“

”هر ڀيري ماءُ سان گڏ ويندي هئي.“

ڪرسچن ڪجهہ سوچيندي چيو. ”اُتان موٽڻ کان پوءِ رات جو گوريون ورتيون اٿائين.“

پرسرام ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو.

”توهان جي نانيءَ جي لائيف ۾ ٻي ڪا ڇوڪري تہ ڪونهي.“

”بلڪل نہ. نريش سنو آدرشي نوجوان آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”معاف ڪجو مئڊم ڪاجل جو......“

پرسرام ڌيرج سان چيو ”نہ اها ڳالهہ بہ ڪانهي. پتي پتنيءَ جو پاڻ ۾ سنبنڌ تمام سٺو پئي رهيو آهي.“

ڪرسچن ڪاجل جي ماءُ سان گڏجڻ جي اِڇا ڏيکاري. ان پڻ لڳ ڀڳ ساڳيو ئي بيان ڏنو. ڪرسچن چيو. ”سوامي جن وٽ جلد جلد وڃڻ جو ڪارڻ؟ ڪجهہ صلاح مشورو يا مارگ درشن وٺڻو هئس؟“

ديويءَ ٿڌو ساهہ کڻي چيو ”جڏهن من اشانت (بي سُک) ٿئي تہ سوامي جن سان دل جو حال اورڻ سان سڪون ملندو آهي.“

”اهڙو ڪهڙو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو جو مئڊم ڪاجل جو من اشانت رهندو آهي؟“

”اهو تہ مون کي بہ ڪونہ ٻڌايو اٿائين. مان هتان ساڻس گڏ ضرور وينئي هئس، پر آشرم ۾ مان ٻاهر ويٺي هئس، جو سوامي جن اهڙي مانسڪ علاج لاءِ شرڌالنً کي اڪيلي ۾ ٻڌڻ ٻڌائڻ پسند ڪندا آهن.“

”پر ڪجهہ تہ توهان کي آئيڊيا هوندي تہ هوءَ ڇو سوامي جن کي ڪنسلٽ ڪرڻ ويئي هئي.“

”هوندس ڪوئي ساهري گهر جو پرابلم. پر مون سان حال ڪانہ اورينـدي هئي. مان بہ سوچيندي هئس، هر گهر ۾ برتنن جو ٽڪراءُ پيو ٿئي. سوامي جن جي آشيرواد سان سڀ پلو ٺيندو پر هئڙي ڪنهن لهي پاتي هئي.“

ڪرسچن چيو. ”سوامي جن سان بہ گڏجڻو پوندو. هنن سان ئي پڇاڙيءَ جو حال اوريو اٿائين.“

ديويءَ جو من پرجي آيو ۽ اوچنگارون ڏيئي رئڻ لڳي. انسپيڪٽر ڪرسچن ڪجهہ دير لاءِ منجهي پيو. وڏيڪ سپاٽي تي رکي هليو ويو ۽ ايترو چوندو ويو تہ ڪاجل جي پتي ۽ ساهرن جو بيان بہ ضروري آهي، جو پڻ سپاٽي وٺندو.

ديوي مٿي ۾ ڪجهہ چڪر محسوس ڪري رهي هئي. آهستي آهستي اٿي بيڊروم ۾ وڃي ليٽي پئي. پرسرام پانڇي ويو تہ ڇا پرابلم آهي. صبح کان ئي مٿو ڳرو هئڻ جي شڪايت ڪري رهي هئي. پرسرام هٿ لائي ڏنو. لڳ تہ گرم ڪونہ هئا. مٿي تي ڪجهہ پسينو ڏسي هو گهبرائجي ويو. ڊاڪٽر کي فون تي جلدي اچڻ لاءِ چئي اچي پتنيءَ اڳيان ويٺو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديويءَ جون اکيون بند هيون، پر دماغ ڊوڙي رهيو هئس. سڏو ليٽيل هئي، هوءَ سوچي رهي هئي، ”کهڙي نانگ تي پير پيم، جو هي قدم کنيم ۽ سڄڻ چئن سالن جي آزمودي کان پوءِ بہ پوئتي هٽڻ جو نہ سوچيم.“ ڏيٽس ۾ اهڙي ڪڙائي ڪانہ هئي. گهوٽ قبضي ۾ نہ ڪري سگهي. خير ان جي ضرورت بہ ڪانہ هئي. ساهرن ۾ سڀ سک هئس. اکين بند هوندي بہ ڳوڙها ڪنڊن کان وهي رهيا هئس. اهو ڏسي پرسرام محسوس ڪيو تہ هن کي ننڊ ڪانہ آهي ۽ ڪجهہ سوچي دکي تي رهي آهي. چيائين- ”ديوي، هاڻ همٿ رک. ڪاجل خطري کان ٻاهر آهي. پنهنجي طبيعت کي ڏس.“

ديويءَ ڌيمي آواز ۾ جواب ڏنو- ”منهنجي هڪ ئي ڌيءَ هن نموني هجي تہ ڪيترو نہ افسوس ٿيندو“ چئي پاسو قيري ڇڏيائين.

پرسرام چيو- ”جيڪو مالڪ کي منظور.“

ڊاڪٽر آيو. بلڊپريشر چيڪ ڪري، پوءِ ECG ڪيڊيائين. چيائين”اي. سي. جي تہ نارمل آهي. چنتا جي ڪا ڳالهہ ڪانهي. پاپي هاڻ ڪو ٽينشن نہ رکو. مان هڪ انجيڪشن هڻان ٿو. آرام اچي ويندو.“انجيڪشن هڻي روم کان ٻاهر آيو. پرسرام کي اچڻ لاءِ اشارو ڪيائين.

”بلڊپريشر وڌي ويو آهي. هن انجيڪشن سان ننڊ اچي ويندس. ڪجهہ ڏينهن مڪمل آرام جي ضرورت آهي.“

پرسرام چيو ”دماغ ڊوڙي رهيو اٿس. اهڙي انجيڪشن تہ جلد جلد کپي.“

”روز هڪ کان وڌيڪ نتي ڏيئي سگهجي ۽ ضرورت بہ نہ پوندي. اڪيلو نہ ڇڏجوس، ڳالهين ۾ ريجهائي رکوس.“

ڊاڪٽر جي وڃڻ کان پوءِ پرسرام کي چنتا وني ويئي. پاڻوءَ جي ڳالهہ سچي آهي. هن سڀ ڪجهہ لاءِ مان ئي جوابدار آهيان، ڇو ڪونہ ماءُ ڌيءُ جي سُس پُس ڌانهن ڌيان ڏنم.

جيٺانند اندر آيو. ”ڪيئن آهي ديوي؟“

”هاڻ ننڊ ۾ آهي، آرام اٿس. سوچي ڏاڍو ٿي.“

”بابا، ڏک ڪنهن کي نہ ٿيندو پر هي وقت همٿ هارڻ جو نہ آهي. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

پرسرام چيو ”انيتا ۽ پدما کي چئہ تہ رنڌڻو سنڀالين. هت ئي سيني جي رسوئي ڪن.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها. هو اڳ ئي ان نموني تياري ڪري رهيون آهن. تون چنتا نہ ڪر. ديويءَ کي سنڀال. ڪاجل وٽ پختا ماڻهو ويٺا آهن. باقي سيٺ سان گڏ مان ويٺو آهيان. تون وڃي آرام ڪر. رسوئي جي وقت سڏيانوَ ٿو.“

نريش جو فون آيو. جيٺانند کنيو. ”ڪاجل کي چڱو آرام آهي. آهستي آهستي ڳالهائي ٿي. ڊاڪٽر ۽ نرسون بہ سٺو ڌيان رکن ٿا.“

”ڏاڍو سٺو يار. ڀڳوان ڀلي ڪندو. اسان پوءِ چڪر هڻون ٿا. توهان جو ٽفن بہ کڻي ٿا اچون.“

”ها ڀلي! آرام سان اچو تڪڙ ڪانهي.“

ٿوري وقت کان پوءِ جيٺانند اسپتال آيو. بسنت لعل ۽ ونيتا گڏ هئس. نريش پڇيو ”چو ممي ۽ ڊئڊي؟“

”ديوي تہ بيمار ٿي پيئي آهي. بلڊپريشر! ڊاڪٽر انجيڪشن هڻي ويو اَٿس. ان جي اثر سان ننڊ ۾ آهي. پر سو بہ ٿڪو پيو هو. زبردستي آرام ڪرڻ لاءِ ڇڏي آيا آهيونس.“

نريش چيو ”ها سٺو ڪيوَ. هت ڪا چنتا جي ڳالهہ ڪانهي. ڪاجل جي پراگريس سٺي ٿي رهي آهي. ٽائيم لڳندو اها ٻي ڳالهہ.“

بسنت لعل چيو ”يار! هاڻ تہ پاڻ کي سنڀالڻو آهي. بس ٻچڙي ٺيڪ ٿئي تہ لک ڪٽيا سين.“

”مالڪ مهر ڪندو.“ جيٺا نند چيو ”نريش، صبح جو انسپيڪٽر ايندو. ان کي ڪجهہ انڪوائري ڪرڻي آهي، خاص طور ڏيتي ليتي يا ٻيءَ طرح چوڪريءَ کي ساهرن طرفان ڪا تڪليف تہ ڪانہ آهي، جنهن جي ڪري ڪاجل هي قدم کنيو آهي.“

نريش چيو ”دادا توهان کي تہ سڀ خبر آهي.“

”ان جي تون چنتا نہ ڪر. اسان چڱيءَ طرح سنڀالي ورتو آهي، پر پوليس کي تنهنجو ۽ سيٺين جو بيان کپي.“

”توهان تہ سمجهي سگهو ٿا. اسان جي من ۾ ڇا وهندو هوندو.“

”پٽ، مان سڀ سمجهي سگهان ٿو. هي ڏکن سورن جون ڳالهيون ڪرڻ جو وقت نہ آهي. مون کي سڀ خبر آهي. تنهنجو ڪو ڏوهہ ڪونهي، نہ ئي توهان جي گهر مان ڪنهن جو. حال پوليس سان ڇا ڳالهائڻو آهي، ان باري ۾ ڪجهہ ويچاري وٺ تہ جيئن سيني جي رهجي اچي. تون پاڻ سمجهو آهين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن صبح جو انسپيڪٽر ڪرسچن گهر آيو. سندس ڳالهائڻ ۾ پنهنجائپ به هئي ته ڪجهه حجاب پڻ. بسنت لعل ۽ پاروتيءَ کان انڪوائري وقت چيائين، ”معاف ڪجو هي سڀ ڪجهه اسان لاءِ ضروري آهي. ڪاجل مئدم جي جان بچي ويئي آهي. سڀ کان سني ڳالهه آهي. ڪيس ڪلوز ائين ڪونه ٿي سگهندو. آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش پڻ قانوني ڏوهه آهي. منهنجي انڪوائري ڪيس مدد ڏئي سگهي، اُن جي مان پوري پوري ڪوشش ڪندس.“

بسنت لعل چيو ”منهنجي پڻ سوچ ڪجهه ان طرح جي آهي. قانون کي به سمجهڻ کپي ته هي سڀ ڪجهه هڪ دماغي بيماري ۽ مانسڪ تناوَ جو نتيجو آهي.“

”بلڪل صحيح آهي توهان جي ڳالهه. اهو ٺي ڏسڻو آهي ته مانسڪ تناوَ ڇا جو؟ ڪنهن جي طرفان؟ آخر آپگهات جي ڪوشش ڇو ڪئي ويئي؟ خدا نه خواسته جيڪڏهن موت ٿي پوي ها ته معاملو وڏيڪ ڳنڀير ٿي پوي ها. اسان تحقيقات خون جو ڪيس سمجهي ڪريون ها.“

”اهو ٺي ته اسان کي به عجب لڳي رهيو آهي ته آخر مانسڪ تڪليف ڪهڙي هئي. زال مڙس جو ڪو جهيڙو ڪونه هو. گهر ۾ اسان طرفان ڪا جهل منع ڪانه هئس. پئسي ٽڪي يا ٻيءَ طرح اسان جي وت آهر ڇوٽ هئس. ڪار هلائڻ ڪانه ايندي هئس. مان ڪيس اُتساهت ڪندو هئس ته هلائڻ سک ته ڪار وٺي ڏيانءِ. پائي اسان ته ڪيس ڌيءُ وانگر پئي رکيو آهي.“

”ٻيو ڪنهن سان اُٿڻي وهڻي هئس؟ معاف ڪجو ڪو ٻيو مرد سندس لائيف ۾ آيو هجي.“

”بلڪل نه. ها ساهيڙي سڏ وٽ ضرور ايندي ويندي هئي، پر جلد جلد نه. ڪٽي پارٽيءَ ۾ ويندي هئي. اُتان جون عورتون سڀ سٺن گهرن جون ۽ سڌيونساديون آهن.“

”نريش جو ڀلا ڪنهن ٻيءَ عورت سان......“

”نه اهڙي به ڪا ڳالهه ڪانهي. هجي ته اسان جي ڪن ته پڙلاءُ ضرور پوي. از ان سواءِ ڪاجل کي ڪا غلط سلط به خبر هجي ها ته مون سان ڳالهه ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهي ها.“

”ڪجهه اهڙا ڪاغذ ۽ چٺيون يا ڊائري وغيره توهان کي هٿ لڳا هجن.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ اجا تائين تہ اهڙو ڪجهہ نظر نہ آيو آهي.“

”بئنڪ لاڪر تہ هوندس. ڪنهن جي نالي ۾ آهي.“

”مان سمجهان ٿو تہ ڪاجل ۽ نريش جي جائنٽ نالي ۾ آهي.“

”ڏسو بڙودا منهنجو علائقو نہ آهي. جيڪڏهن گجرات پوليس ڪي لکان ٿو تہ معاملو اينگهجي پوندو. ان ڪري ڪيس جي تحقيقات لاءِ مان روبرو اُتي ايندس. جيسين اچان، تيسين بئنڪ لاڪر نہ کولجو ۽ گهر ۾ تپاس ڪجو. جيڪڏهن ڪجهہ اهڙا ڪاغذ ملن تہ مون لاءِ رکجو. مان توهان جو سياءُ ۽ دک ڏسي سمجهان ٿو تہ توهان جو ڪو ڏوهہ ڪونہ آهي. تنهن هوندي بہ منهنجو ڳالهہ جي تہ تائين وڃڻ ضروري آهي تہ آخر ڪاجل مئڊم ڪي هن حد تائين ڪهڙي مانسڪ پيڙا ڏکيو آهي.“

”نيڪ آهي. خاطري رکو. قاعدي قانون سان پوري پوري وفاداري رکبي. اسان پاڻ ڏسڻ ٿا چاهيون تہ هن حالت لاءِ ڪير جوابدار آهي. سڌي يا اڻ سڌي طرح.“ پاروتي، بسنت لعل سان شامل راءِ هئڻ جو اظهار ڪري رهي هئي، ان ڪري هن ڪان ڪو سوال نہ ڪيو ويو.

ڪرسچن چيو”باقي پتي پتنيءَ جو بيان آرام سان وٺندس.“

بسنت لعل ۽ پاروتي انسپيڪٽر ڪرسچن سان مشغول هئا تہ چينانند نيرن ڪٽي اسپتال آيو. پاروتي چڱو ٿيو جو اسپتال مان سويل ئي اندر سان گڏ هلي ويئي هئي. پوليس جو معاملو تہ پورو ٿيو. ڪاجل صبح جو اُتي هئي. برش ڪري چانهہ پڻ پيتائين. پوءِ وري ننڊ وٺي ويس. نريش چينانند کي اڪيلو ڏسي ڪجهہ حال اورڻ چاهيو. ٻاهر اچي لائونج ۾ ويٺا. نريش چيو ”دادا مان منجهي پيو آهيان. ڇا ڪريان؟ مون کي لڳندو آهي تہ اسان جي ذهنيت جي ليول ۾ گهڻو فرق آهي. مون پاڻ نهڪائڻ جي ڪوشش پڻ پئي ڪئي آهي. ڪاجل کي سمجهائڻ سان تہ ڪو خاص فرق ڪونہ پيو. مون کي لڳندو آهي تہ هوءَ اڳ ئي سمجهيل آهي، ان ڪري مان خوشمزاجيءَ جو نقاب پائي، هن جي ڳالهين کي نظرانداز ڪندو پئي رهيس.“

”خير پٽ، تون هاڻ ڪو ٽينشن نہ رک. ڪاجل کي وري گڏجي سمجهائيندا سين.“

”مان هاڻ سوچيان پيو تہ ڪاجل جي هر ڳالهہ مذاق ۾ نہ اُڏائي ڇڏيان ها تہ سٺو. جيڪڏهن ڳنڀيرتا سان هن جون ڳالهيون ڪٽي، ان تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ها تہ شايد معاملو هن حد تائين نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ها. سندس ممي بہ تہ ڪجهہ ڪانہ سمجهائيندي اٿس. اُلٽو پڙڪائيندي اٿس.“

”مان گهڻي قدر ڳالهہ سمجهي سگهيو آهيان. جيڪو تيڻو هو تي چڪو. هاڻ ٻئي جڻا پاڻ سنڀاليو.“

”مان تہ پاڻ کي گنهگار سمجهڻ لڳو آهيان. ڪاجل کي ايڏي پيڙا چو سهڻي پيئي. هي ويچار خبر ناهي ڪڏهن من مان ويندا. شروعات ئي غلط ٿي. خبر نہ آهي چو هت مميءَ کي لڳو تہ سندس ڌيءُ ساهري گهر دکي رهندي. پر مون کي پڪ ٿي ويئي آهي تہ ڪاجل گهر ۾ سيني تي رعب رکڻ پئي چاهيو آهي. ان جي ڪا ضرورت ڪانہ آهي. اجايو رچ پنيان رُلٽو. گهر ۾ هر ڪو سندس سٺي عزت مان ڪندو آهي. تنهن هوندي بہ تر تر تي انڊور فون تي ويندو آهي ۽ مميءَ کان مارگ درشن وٺي اڳتي وڌندي آهي. ٻاوا ٻانهڻ پيٽيندي آهي. مون کي انهن سيني ڳالهين کان چڙ آهي. ڪاجل کي بہ خبر آهي تہ هت بہ سيني کي.“

”اهي ڳالهيون تہ مون کي بہ نہ وڻنديون آهن. پرسي کي بہ پسند نہ آهن.“

”پوءِ بہ هتان ئي ٻاون وٽ ريگيولر ملاقاتون ٿينديون آهن.“

”چا ڪجي؟ مون ٻڙودا ۾ بہ توکي ٻڌايو هو تہ پرسي صفا آئين واري چڙي آهي. ورنہ گهرم گهپي ڪل ڪل تي ٿئي. هن کي شانتي ڪپي.“

”بس اِها ئي تہ ڳالهہ آهي مون آئين نہ واري ۽ نہ ئي منهنجي ماتا پتا. نہ وٺندي بہ اسان مان ڪڏهن ڪنهن هنن ڳالهين لاءِ ڪاجل کي نہ پئي روڪيو آهي. مان مذاق ۾ ڳالهہ پاسيري ڪري ويندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن ٽوڪيندو ضرور هئوسانس. ڪجهہ مانسڪ تناءُ ضرور هوندو هئس. پر چا لاءِ، سو اجا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان.“

”خير ڇڏ انهن ڳالهين کي. اجا گهر ۾ ڪو ٻار ٻچو هجي ها تہ شايد وندري وٺي هجي ها. گهر ۾ موهہ پڻ پويس ها.“

”ٻار ٻچو ڪيئن ٿئي؟“

”چو؟“

”دادا معاف ڪجو. مان توهان کي پنهنجون بلڪل گهريون ڳالهيون ٻڌائي رهيو آهيان. اسان کي مهينا ٿي ويندا آهن. اڪثر انڪار ڪندي رهندي آهي. منهنجي پڻ دل ڪترجي ويندي آهي ۽ تيسي ۾ ڇڏي ڏيندو آهيانس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄيناننڊ کي عجب لڳو ”اها تہ سني ڳالهہ نہ چئبي. آخر ائين ڇو؟“

”خبر نہ آهي. تندرستيءَ جي لحاظ کان ٻنهي ۾ ڪا ڪمي ڪانہ آهي. خبر نہ آهي، هن جي من تي ڪهڙو بوجهہ آهي، شايد مميءَ مان ڪجهہ خبر پئجي سگهي.“

”ڇڏ! ديويءَ سان ڪا ڳالهہ نہ ڪج. هاڻ معاملو ختم سمجهي اڳتي وڌ ۽ ڪاجل کي پاڻ سان ڪٽي لائيف ناهيو. مون توکي ٻڙودا ۾ بہ چيو هو تہ هيءَ عورت اختياري پسند آهي. ٻاون ٻانيٽن کان صلاحون پيئي وٺندي آهي تہ ڪيئن پريوار ۾ پنهنجي اهميت ڏيکاريان. جيئن مون توکي چيو هئو ڏيٽس جي معاملي ۾ ڳالهہ اُلٽي آهي. ٻاون ٻانيٽن جي ڏسن مان فائدو ٿيو تہ واهہ ۽ جي اُلٽو ٿيو تہ پڇتائڻو پوندو آهي. هي جيئرو جاڳندو اُلٽي حساب جو مثال آهي.“

سامهون بسنت لعل ۽ پرسرام اچي رهيا هئا. ڄيناننڊ چيو ”هاڻ ڇا ڪبو؟“

نريش مشڪي چيو ”ڪجهہ وقت لاءِ تہ آئين واربي.“

اڳيان پهچڻ تي بسنت لعل چيو ”ڪيئن آهي ڪاجل هاڻي.“

نريش چيو ”ڪافي فائدو اٿس. رات جو سٺو آرام ڪيو اٿائين.“

”ڏاڍو سٺو. مان پيو چوان تون پلي ڪجهہ ڏينهن رهي پئہ. اسان سڀاڻي نڪري وڃون. تون پوءِ ڪاجل سان گڏ اچ.“

ڄيناننڊ چيو ”ڏينهن بہ ترسو نہ. ڪاجل کي اسپتال مان موڪل ملي تہ پوءِ توهان پلي هليا وڃو. باقي نريش ۽ ڪاجل گڏ اچن، صحيح ڳالهہ آهي.“

”ڪاجل کي موڪل ڪڏهن ملندي.“

نريش چيو ”مان سمجهان ٿو سڀاڻي ملڻ کپي. ڊاڪٽر اچي تہ پڇانس ٿو.“

ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪاجل کي اسپتال مان موڪل ملي. ڪمزوريءَ کان سواءِ ٻيءَ طرح ٺيڪ هئي. بسنت لعل ۽ پاروتيءَ وڃڻ جي اِڇا ڏيکاري. نريش ڪجهہ ڏينهن رهي، ڪاجل کي پاڻ سان وٺي وڃڻ جو پرگرام ناهيو. ونيتا بہ ماءُ پيءُ سان هلي ويئي. موڪلائڻ وقت ڪاجل کي پاڪر پائيندي چيائين، ”پاپي، هاڻ جلد ٺيڪ ٿي اچ تہ پوءِ ڪيڏانهن گهمڻ هلنداسين.“ ڪاجل مشڪي چيو ”پاڻهين هلي نہ هلي پاڻ تہ ضرور هلنداسين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو اڪيلا ٿيا تہ نريش اچي ڪاجل جي پرسان ليٽيو. پيشاني ۽ مٿي تي هٿ ڦيرندي چيائين، ”ڪاجل! ايتري نفرت تي ويئي اٿيئي مون ڪان؟“ هن جي آواز ۾ دک هو. ڪاجل آهستي چيو ”اهڙي ڳالهہ نہ آهي. مون کي دنيا ڪان نفرت ٿي ويئي آهي.“

”پوءِ سزا مون کي ڇو؟“

”توهان کي ڪهڙي سزا؟ سڄي دنيا وئي اٿوَ. ڪويتا سنڀالي وٺيوَ ها.“

”اجا اها سوچ تنهنجي دماغ ۾ ڦري رهي آهي. ڏس نہ بابا. ڪٿي تہ هر ڳالهہ جو انت هئڻ کپي نہ. مان تہ اجا بہ چوان ٿو تون جيئن چوندين ءَ، تيئن ٿيندو. منهنجي طرفان تہ ڳالهہ جو انت اچي چڪو.“

ڪاجل ٿڪي مشڪ سان چيو. ”توهان بہ هاڻ سوچڻ بند ڪريو. جيڪو ٿيڻو هوندو سو ٿيندو. هاڻي آرام ڪريو. اکيون بند ڪري نريش مٿان لانگ ورائي سمهي پيئي.

ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ نريش ديويءَ کي چيو ”ممي! ڪاجل هاڻ چڱي سُرهي لڳي رهي آهي. منهنجي مرضي آهي تہ سياٽي نڪري وڃون. اُتي ڪم ڏنڊو بہ ڏسڻو آهي. ڪاجل بہ پنهنجي گهر ۾ وڌيڪ سٺو محسوس ڪندي.“

”من پيڪو گهر بہ تہ پنهنجو اٿس نہ. خير جيئن توهان جي اِڇا.“

”مان اندر کي چوان ٿو. جيڪڏهن ٽرين جي بڪنگ نہ ملي تہ ٽئڪسيءَ جو بندوبست ڪري.“

پر ڪاجل جي وڃڻ تي مرضي ڪانہ هئي. چيائين، ”اجا هفتو بہ رهي مڪمل ريت طبيعت ٺيڪ ڪري پوءِ ايندس“ سياويڪ نريش لاءِ ايترو وقت رهڻ ممڪن ڪونہ هو. آخر فيصلو ٿيو تہ نريش يلي وڃي. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ اندر ڪاجل کي ڇڏڻ اچي ڇڏي ايندو.

نريش هليو ويو. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ڪاجل ماءُ کي چيو. ”ممي گهر ۾ ويهي بور ٿي پيئي آهيان. اڄ انيتا پاپيءَ وٽ وڃان ٿي. اُتان ڪو پروگرام ٺهيو تہ ڪٿان چڪر هڻي ايندا سين يا پڪچر ڏسي ايندا سين.“

”ٺيڪ آهي. ڪجهہ ٻاهر نڪر تہ من ٻيءَ پوئي.“

ڪاجل موٽڻ ۾ دير ڪري ڇڏي. ڇئي وڄي هئي تہ پنجين بجي تائين اچي ويندي. ساڍي ڇهين تائين راهہ ڏسي نيٺ ديويءَ فون ڪئيو. ”پاپي ڪاجل ڪان پڇوس تہ ڪيڏي مهل ٿي اچي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پدما چيو ”ڪاجل؟ هت اچٽي هئي ڇا؟“
”صبح جو ايڏانهن اچڻ لاءِ تہ نڪتي آهي.“
”نہ. چوري هت تہ آئي ڪانهي.“
”ڇا ٿا چئو؟“
”ها سچي. ڪيڏي مهل نڪتي آهي؟“
”صبح جو نيرن ڪري. چيائين انيتا سان پروگرام ٺاهي ٻاهر ويندا سين.“
”پر هت تہ آئي ڪانهي. ترسو!“ انيتا کي سڏ ڪيائين. ديوي فون تي ٻڌي رهي هئي، ”انيتا تو ٻڌايو تہ ڪونہ. ڪاجل هت اچٽي آهي.“
”خبر نہ آهي. ڪنهن چيو؟ اچا آئي تہ ڪانہ آهي.“
”ديوي چوي ٿي صبح جو نڪتي آهي، هيڏانهن اچڻ لاءِ؟“
”مون کي تہ خبر نہ آهي. هونئن اچڻ کان اڳ فون ڪندي آهي. ڏسان هيما کان پڇان.“
هيما اڳ ئي اچي بيٺي هئي. چيائين، ”ڇا ڳالهہ آهي پاپي؟“
”ڪاجل هت اچڻ لاءِ صبح جو نڪتي آهي، توکي فون ڪيو هئائين ڪالهہ يا اڄ؟“
”نہ تہ! پروگرام تہ گهٽو ڪري توسان ٺاهيندي آهي.“
”سو تہ برابر آهي. پر ويئي ڪيڏانهن؟“
پدما ٽيليفون ۾ چيو ”ديوي ڪير آيو هئس ڇڏڻ؟“
”اڪيلي نڪتي هئي آٽو رڪشا ۾.“ ديويءَ جي آواز ۾ گهبراهٽ هئي.
”هاڻي ڪٿي ڳولهيونس.“
”مان انيتا ۽ هيما کي چوان ٿي سيني ساهيڙين کي فون ڪري پڇن.“
”ائين تہ سيني کي......“
”تون چنتا نہ ڪر پاڻيهي اسٽائيل سان پڇنديون. پڇڻو تہ آهي نہ. رات ٿيڻ لڳي آهي.“
پدما جيناننڊ کي فون ڪري سربستي ڳالهہ ٻڌائي. هو گهبرائجي ويو. چيائين، ”چوريءَ جي دل ۽ دماغ اڳ ئي ٺيڪ ڪونہ هئا. پر اڪيلي نڪتي، ڇو؟“
”يلا ڪنهن کي خبر هئي تہ هوءَ ٻئي پاسي ويندي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چڱو مان اُتي وڃان ٿو. توهان سيٺي هنڌ فون ڪري ڏسو.“
چيتانند پهتو ته پرسرام گهر اڳ ئي اچي چڪو هو. روئڻهارڪو ٿي
پيو هو. ديوي ته روئي رهي هئي.
”ڇا ٿيو ڪجهه خبر پيئي؟“ چيتانند چيو.
”نه اڇا.“
”ڏسون ٿا ٿوري دير. ڳولهيونس به ڪٿي هيڏي وڏي شهر ۾.“
”ياڻُو مون کي ته ڊپ لڳي رهيو آهي. هڪ دفعو ڪوشش ۾ ناڪام
رهي آهي. ڪجهه پاڻ کي ڪري نه ڇڏيو هجائين.“
”رک ڀڳوان تي سڀ نيڪ ٿي ويندو. سٺائي سوچ سٺايو ٿيندي. پدما ۽
انيتا سيٺي هنڌ فون ڪري رهيون آهن. ڏسون ٿا، نه ته پوليس ۾ رپورٽ
ڪرڻي پوندي.“
ڪجهه دير ڏڪرن ۾ ويٺا رهيا. چيتانند چيو ”ديوي اجين واري
سواميءَ جو نمبر ته ڏي.“ اُتي فون ڪرڻ سان خبر پيئي ته سواميءَ وٽ به
ڪانه ويئي آهي. پدما جو فون آيو چيائين، ”ڪاجل جي ڪا خبر نه
پئجي سگهي آهي.“ چيتانند پوليس اسٽيشن تي فون ڪري انسپيڪٽر
ڪرسچن لاءِ پڇيو. هو لائين تي آيو ته چيائين، ”صاحب، هڪ غضب ٿي
ويو آهي.“
”ڇا؟“
”ڪاجل صبح کان وني غائب آهي. توهان ويٺا آهيو ته اسان اچون.“
”ها يلي.“
ٻئي ياٽر پوليس اسٽيشن تي پهتا. انسپيڪٽر ڪرسچن کي سموري
ڳالهه تفصيل وار ٻڌائي بيان درج ڪرايائون.
ڪرسچن چيو ”هن جي دماغي حالت برابر نه آهي، سو ته ظاهر ٿي
پيو آهي.“
چيتانند چيو ”ڪڊنئپنگ جو ڪيس ته ڪونه ٿو ٿي سگهي.“
”ڏسو هن وقت ڪجهه به گهڻو سوچي پاڻ کي وڌيڪ دکي نه ڪيو.
پوليس پوري پوري ڪوشش ڪندي. مان هينئر ئي ڪانسٽيبلن کي الڳ
الڳ اسپتالن ۾ موڪليان ٿو ۽ شهر جي سيٺي پوليس چونڪين ۾
رجسٽر ٿيل غير قدرتي مؤتن جي چنڊچاڻ مان خود ڪريان ٿو
جيڪڏهن ڪي آهن ته. مون کي سڄي بئڪ گرائونڊ جي خبر آهي.
ڪپڙا ڪهڙا پاتل اٿس؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ساڙهي پاتل هئس. ڪاري ڪلر جي. ان جي مٿان الڳ الڳ هلڪي رنگ جا وڏا گل.“

”اڇا جنهن رڪشا ۾ ويئي هئي، اها توهان جي پاڙي ۾ هلندڙ هئي يا ٻاهران آئي هئي؟“

”سا تہ ڪيئن خبر پوندي؟“

”رڪشا پاڻ ٻاهر وڃي ڪٿي هٿائين يا ڪير وٺي آيو هو.“

”هڪ منٽ گهران فون ڪري پڇان.“ ڪرسچن فون ڏانهن اِشارو ڪيو.

ڄيناند فون تي ديويءَ کان پڇيو پوءِ چيائين ترس. فون چالو ٿي هو. ڪرسچن کي چيائين، ”نوڪر ڪري آيو هو. ٻيو ڪجهہ پڇڻو آهي؟“

”حال تہ نہ.“

ڄيناند فون ۾ چيو ”چڱو نيڪ آهي.“

”توهان وٽ اچڻ لاءِ نڪتي هئي. توهان ڪٿي رهندا آهيو؟“

”نيو پلاسيا ۾.“

”ٺيڪ آهي، مان پنهنجي ڪوشش ۾ ڪا ڪسر باقي نہ رکندس.“

گهر پهچڻ سان نريش کي فون ڪري سموري ڳالهہ ٻڌايائين. نريش جو ردعمل هو تہ ”هوءَ چوري جنهن ضد تي چڙهي آهي، سو ڪري نہ ڏيکاري. دادا اندور واري ٽرين تي وڃي چڪي آهي صبح جو ڪار ۾ نڪران ٿو.“

”ها پلي. آرام سان اچ. ٽينشن نہ رک. هت سڀ پوري ڪوشش ۾ آهيون. جيڪڏهن ڪاجل اتفاق سان ٻڙودا اچي پهچي تہ يڪدم فون ڪج.“

”جي!“

ٻہ ڏينهن پورا ٿي ويا. جيئن جيئن وقت گذرندو پئي ويو گهر جو ماحول وڌيڪ غمگين ٿيندو پئي ويو. نريش دل دماغ ۾ تناءُ محسوس ڪري رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن من تي وڌيڪ بار سمجهي بلڊپريشر چيڪ ڪرائڻ ويندو هو. ان ڏينهن ڪجهہ وڌيل هئس. شام جو انسپيڪٽر ڪرسچن آيو. نريش چيو ”اچو يار؟ ڪجهہ خبرچار؟“

”ها! هڪ رڪشا ڊرائيور ملي ويو آهي. اسان تپاس پئي ڪئي تہ هتان ان ڏينهن ڪنهن صبح جو ساڍي ڏهين کان يارهين بجي جي وچ ۾ نيو پلاسيا لاءِ سواري ڪنئي آهي ڇا؟ هن ڊرائيور ڪاجل مئڊم جي بيهڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باڊيءَ جا تفصيل ٻڌائيندي چيو تہ اڪيلي عورت هئي. نوڪر رڪشا ڪرڻ وقت چيو هو تہ نيوپلاسيا هلٽو آهي. پر مئڊم رڪشا ۾ وهڻ کان پوءِ چيو تہ پهرين چرچ طرف هل. هوءَ اُتي لهي چرچ جي پٺيان هلي ويئي. ڊرائيور ٿوري دير ترسيو تہ متان واپسيءَ جو ڀاڙو ملي. هوءَ نہ آئي تہ هُو هليو ويو.

”چرچ ۾ ڇا ڪرڻ ويئي هئي؟“ نريش چيو

”چرچ جي پٺيان اسٽاف ڪوارٽر آهي. اُتان ڇا ڪرڻ تي ڪا خبر پئجي نہ سگهي. ڪاجل مئڊم کي ڪير بہ سڃاڻي نہ سگهيو. نہ ئي اچا ڪو اهڙو رڪشا وارو مليو آهي، جنهن هن کي اُتان آندو هجي.“

ڇيناننڊ چيو ”پرسا. هن جي سرڪل ۾ ڪي عيسائي ساهيڙيون يا دوست آهن ڇا؟ انهن کان ڇيا ڪري ڏسو.“

ڪرسچن چيو ”برابر آهي. پاڻ کي خسيس ۾ خسيس ڳالهہ کي بہ اهميت سان ڪٽٽو آهي. پر هڪ ڳالهہ جي پڪ تي تہ هي ڪڊنئپنگ جو ڪيس نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ رڪشا هن پنهنجي اِڇا سان چرچ طرف موڙي آهي.“

پرسرام چيو ”پر اُتان ڪنهن خرافت ڪئي هجي تہ؟“

”ڪڊنئپنگ گهٽو ڪري پهرين ويچاري پلان ٺاهي پوءِ ڪندا آهن. هنن کي ڪهڙي خبر تہ ڪاجل مئڊم اُتي ايندي. وري ڪجهہ پُنگ لاءِ بہ تہ فون ڪونہ آيو آهي.“

ڇيناننڊ چيو ”خبر نہ آهي اسان جي سون جهڙيءَ ڇوڪريءَ کي ڇا تي ويو.“

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڇيناننڊ نريش کي چيو ”پٽ تون پلي هل، واپس.“ هت سواءِ مالڪ جي ٻيو ڪو آسرو ڪونهي. لڳ ڀڳ هفتو ٿي چڪو آهي. ڪجهہ خبر نہ پئجي سگهي آهي. دنياداري تہ هلٽي هلائٽي آهي نہ.“ نريش دل هاري چڪو هو. هن جي من ۾ طرح طرح جا خيال ايندا پئي رهيا. ڪڏهن ڪڏهن تہ سرير مان سياٽ نڪري ويندو هئس.

ائين ٽي مهينا گذري چڪا. ڪاجل جي واپس اچڻ جو آسرو لڳ ڀڳ سڀ لاهي ويٺا هئا. ان وچ ۾ نريش بامبي مان بہ ٽي دفعا ٿي آيو. صبوح جو وڃي شام جو واپس. ڪويتا سان هاءِ هيلو کان وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو هو. سچو ڏينهن چهرو لٽل هوندو هئس. پهرئين دفعي تہ ڪويتا کي هي انداز ٻي رخيءَ ڀريو لڳو. پر ٻئي ٽئين دفعي بہ جڏهن نريش جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهنوار ساڳيو رهيو تہ هن محسوس ڪيو تہ ماجرا ڪجھ ٻي آهي. ڪويتا پڇڻ جي ڪوشش ضرور ٿي ڪئي، پر اڪيلي ۾ موقعو نہ مليو.

انسپيڪٽر ڪرسچن جو فون آيو. چيائين، ”نريش ڀائي، اسان هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. ڪجھ روشني نظر نٿي اچي. مون کي تحقيقات مڪمل ڪرڻ لاءِ هڪ دفعو بڙودا اچڻو آهي.“

”ها ڀلي اچو. ڪڏهن تائين اچڻ چاهيو.“

”سڀاڻي.“

”ٺيڪ آهي پهچي يڪدم مون کي فون ڪجو تہ پوءِ گڏجنداسين.“

ٻئي ڏينهن تي ڪرسچن گهر اچي پهتو. چيائين، ”مون کي دستوري طور ڪاجل جي ڪمري ۾ شخصي سامان جي تلاشي وٺڻي آهي، پر وٺندس ڪونہ. صرف توهان ٻڌايو تہ ڪا اهڙي چيز تہ ڪانہ ملي آهي، جيڪا ڪاجل مئڊم جي مانسڪ حالت تي روشني وجهي.“

نريش چيو ”جي نہ.“

”مون اُتي اندور ۾ بہ ائين ئي ڪيو هو. مئڊم توهان سڀني کي عزيز آهي ۽ سياويڪ توهان ڪا اهڙي ڳالھ نہ لڪائيندا، جا ڪيس ۾ مددگار ٿئي.“

ڪرسچن بئنڪ لاڪر ڏسڻ جي اِڇا ڏيکاري. چيائين، ”ڪيس جڏهن نئون موڙ ڪاڌو اُن کان پهرين مون توهان کي چيو هو تہ لاڪر نہ کولجو. حالانڪ هاڻ لڳي ٿو تہ ان ڳالھ جي ايتري اهميت نہ آهي.“

”اسان کان تہ لاڪر ئي وسري ويو آهي. ڪا ضرورت محسوس نہ ٿي، ان ڪري اجا ڪونہ کوليو آهي.“

نريش ڪرسچن کي بئنڪ ۾ وٺي ويو. لاڪر ڪاجل ۽ نريش جي جائنٽ نالي ۾ هو، پر آپريٽ گهڻي ڀاڱي ڪاجل ئي ڪندي هئي. ڪرسچن رڪارڊ تپاس ڪرڻ کان پوءِ چيو ”پڇاڙيءَ جو دفعو لاڪر 17 جنوريءَ تي صبح جو ساڍي يارهين بجي کليو آهي. ڪاجل مئڊم اندور ڪڏهن ويئي هئي؟“

”ان ئي ڏينهن رات جو.“ نريش وراڻيو.

نريش رجسٽر صحيح ڪري لاڪر کوليو. ڪرسچن پرسان ئي بيٺو هو. بئنڪ ڪلارڪ پنهنجي چابي ڪڍي واپس هليو ويو. نريش اندريون سڀ سامان ڪڍي پرسان پيل ٽيبل تي رکيو. ڪافي سون ۽ جواهر هئا. هڪ لفافو پڻ پيل هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرسچن چيو ”هن سڀ جي قيمت گهٽي تيندي؟“

”منهنجي لاءِ اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي.“

”خير هي ڪو انڪم ٽئڪس جو معاملو نہ آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي تہ هيڏي ساري ملڪيت هن جي ٿي هئي تہ پئسي ٽڪي مان نٿو سمجهان تہ مئڊم کي ڪا تڪليف هئي.“

”يار بي بہ ڪا تڪليف اسان جي طرفان ڪانہ هئس.“

”پر نريش ڀائي مئڊم جو وهنوار هن عجيب طريقي جو ٿي رهيو آهي. ان جو ڪهڙو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو؟“

”مانسڪ تناءُ ٿي سگهي ٿو پر ان جو ڪارڻ مون کي نظر نٿو اچي.“

ڪرسچن لفافو کولي اندران هڪ چٺي ڪڍي پڙهڻ لڳو. جيئن جيئن چٺي پڙهي رهيو هو. تيئن هن جي چهري جا ڀاوَ مٽجڻ لڳا. نريش بلڪل گهبرائجي ويو هو. ڪويتا جو ذڪر تہ ڪيل ڪونہ آهي. ڪرسچن چٺي پڙهي هن طرف وڌائي. چيائين، ”هي سڀ اندر لاڪر ۾ رک تہ هلون.“ لاڪر بند ڪري نريش چابي ڪيسي حوالي ڪئي. ڪار ۾ وهڻ کان پوءِ ڪرسچن چيو ”هڪ ڳالهہ جي تہ پڪ ٿي ويئي تہ هوءَ بڙودا ۾ ئي آپگهات ڪرڻ جو فيصلو ڪري پوءِ اندور آئي آهي. لاڪر ۾ چٺي بہ هن پاڻ رکي آهي. بئنڪ جو رڪارڊ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي، چاڪاڻ تہ لاڪر وري اڄ ئي کليو آهي. هن کي مانسڪ تناءُ آهي، اهو چٺيءَ مان بہ ظاهر آهي تہ توهان سيٺي جي اندور ۾ ڏنل بيان مان بہ. اِهو مانسڪ تناءُ هت بڙودا ۾ چرم سيما (آخري حد) تائين پهچي چڪو هو. پر تون چئين ٿو تہ گهر ۾ هن کي ڪنهن ڳالهہ جو ٽينشن ڪونہ هو تہ پوءِ ڪٿان آيو هي مانسڪ تناءُ؟“

نريش ڪجهہ دير شانت رهيو پوءِ چيائين، ”مانسڪ تناءُ لاءِ ضروري نہ آهي تہ ٻيو ڪو جوابدار هجي، هر ڪنهن جو پنهنجو پنهجو سڀاءُ هوندو آهي. هر ڪنهن جي سهن شڪتيءَ (برداشت جي سگهہ) جي ليول پڻ الڳ الڳ هوندي آهي. ڪجهہ نازڪ طبيعت ۽ هيڻ ٻُڌيءَ (گهٽ سمجهہ) وارا شخص ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ٽينشن ۾ اچي ويندا آهن. ان لاءِ چا ٿو ڪري سگهجي.“

”مان ائين نٿو چوان تہ هن حالت لاءِ ڪوئي جوابدار آهي. اِنسان کي پنهنجي پڻ دماغي ڪمزوري ٿئي ٿي. ان جو جيڪڏهن سائڪالاجيڪل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علاج نٿو ٿئي تہ هئڙا ڪيس ٿين ٿا. هن ڪيس ۾ ڪاجل مئڊم ڪنهن سوامي جن جو ذڪر ڪيو آهي. اهو ڪير آهي؟"

"سوامي گرداس. اُجين ۾ آشرم اٿس. منهنجي ساهرن جو ڪل گرو آهي. منهنجي سس جي ان ۾ ڪافي شرڌا آهي. ان ڪري ڪاجل پڻ اڪثر ويندي هئي....."

"ها برابر اندور ۾ ڪنهن بيان ۾ اهڙي ڳالهہ آيل آهي."

"ڪاجل اڪثر ليما. ڪارا ڌاڳا ۽ تعويذ وغيره پيئي ڪٽي ايندي هئي. مان سمجهان ٿو توهان کي خبر هوندي تہ اسان هندن جو انهن ڳالهين ۾ ڪافي وشواس هوندو آهي. حالانڪ شخصي طور مان انهن ڳالهين کي واهيات ليکيندو آهيان."

"مان يلي عيسائي آهيان، پر خبر اٿم هندو تہ ڇا، پر مسلمان پڻ انهن ڳالهين ۾ مڃيندا آهن. خود اسان جي ڌرم جا بہ اهڙين ڳالهين جي پٺيان پورڻ لڳا آهن. آخر آهيون تہ سڀ هندوستاني نہ. هڪ ٻئي جا گڻ يلي نہ اپنايون، پر هي ڳالهيون تہ ضرور."

"ڇا ڪجي. مون پنهنجا ويچار تہ پتنيءَ مٿان مڙهڻ جي ڪوشش ڪڏهن ڪانہ ڪئي. ڪيس جيڪو ڪرڻو هو پيئي ڪندي هي. مان دخل اندازي نہ ڪندو هئس."

اچي گهر پهتا. بسنت لعل لنچ لاءِ نيند ڏئي چڪو هئس. لنچ کان پوءِ ڪرسچن وڃڻ جي تياري ڏيکاري. موڪلائيندي چيائين، "مانسڪ تناءُ جي ڪارڻ لاءِ سوامي گرداس سان ضرور گڏجندس. ڏسان تہ هو ڪهڙي قسم جي دوا ڏيندو آهي ۽ سندس مريض ڪهڙا آهن."

نريش ڪجهہ حقارت ڀرئي انداز ۾ چيو "اهو بہ ڏسجو تہ مرض مِٽائيندو آهي يا وڌائيندو آهي. مرض پيدا ڪندو آهي يا سچ پچ مريض ٺي وٺس ويندا آهن."

ڪرسچن ڪجهہ مشڪي چيو "اڄ جي ملاقات مان مون کي هي سُراغ مليو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 26

جيئن جيئن وقت گذرندو پئي ويو تيئن نريش جي من ۾ ڪاجل جي ياد وڌيڪ دکدائڪ ٿيڻ لڳي. هو اڪثر اُداس رهندو هو. بامبي جي ڪمپنيءَ ۾ به سيني کي لڳو ته نريش ساڳيو نه هو. اشوڪ هڪ ٻه دفعو پڇڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نريش ائين چئي ٽاري ڇڏيو. "يار زماني ۾ ڪيترن ئي قسمن جا دک درد آهن. ڪنهن کي ڪهڙو ته ڪنهن کي ڪهڙو مان به توکي پنهنجي باري ۾ ڇا ٻڌايان." مطلب ته ائين گول گول جواب ڏيڻ ضروري ٿي پيو هو. ڇاڪاڻ ته سندس چهري جا بدلاءَ هر ڪو محسوس ڪري رهيو هو ۽ حجتي سياويڪ پڇي رهيا هئا. ڪويتا به هڪ دفعو پڇڻ جي ڪوشش ڪئي. هن محسوس ڪيو ته نريش جي من ۾ ڪجهه گهرو سنگهرش (ڇڪتاڻ) هلي رهيو آهي. نريش جي هيترن ڏينهن ۾ ڪڏهن به ڪويتا سان اڪيلو گڏجڻ جي اِڇا نه ٿي.

اج لڳ ڀڳ ڇهه مهينا پورا ٿيڻ تي هئا. ڪاجل جو اجا ڪو پتو ڪونه هو. خبر نه آهي حيات آهي يا نه. جي آهي ته ڪٿي آهي، ڪهڙي حال ۾ آهي. اج ڪاجل جو خط سندس هٿ ۾ اچي ويو. وري پڙهيائين ۽ اداس ٿي ويو. هاڻ ڪيس لڳي رهيو هو ته هوءَ ڪيڏي نه مهان هئي. نريش هن کي ڪم عقل پئي ليکيو پر وچڙ وقت هوءَ ثابت ڪري ويئي ته هن ۾ جوابداريءَ جو مادو وڌيڪ هو. هن کي نريش جي ڪويتا سان رشتي جي خبر پئي، تڏهن ڪان ڊسٽرب ٿي ويئي هئي. شايد آپگهات جو قدم اُن نراسائيءَ ۾ کنيو هئائينَ. پر آپگهات واري خط ۾ هن ڳالهه جو ذِڪر نه هو. لڳي ٿو اِها ڳالهه نه هن پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڪئي آهي ۽ نه ئي نريش جي. هونئن ته خسيس ۾ خسيس ڳالهه پڻ ماءُ سان ڪندي هئي ۽ ان کان مارگ درشن وٺي اڳتي هلندي هئي. لڳي ٿو ڪاجل کي مانسڪ پيڙا ان ڳالهه جي به هئي ته سندس ماءُ ۽ سوامي گرداس جا نسخا هن کي ڪم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ آيا. اجايو سندس من ۾ اختياريءَ جي ڏاجهہ پيدا ڪري ڪيس رج ۾ رلايو ويو. هنن ڳالهين ٿي نريش ۽ ڪاجل جي وچ ۾ ويڇو وڌايو. هوءَ مددگارن مان وشواس وڃائي چڪي هئي، ۽ وشواس وڃائي چڪي هئي نريش جي سڌرڻ جو ۽ ڪنهن ريت سڌارڻ جو. اِن بي وشواسيءَ يا چئجي آتم وشواس جي ڪوتاهيءَ هئڙو انت آندو. نريش ڪي پڇتاءُ ٿي رهيو هو. جيڪڏهن چاهہ وني پيار سان ڪاجل جو انهي پاڳلپڻي تان ڌيان هٽائي ها تہ شايد هيءَ نوبت نہ اچي ها. هو پاڻ کي گنهگار محسوس ڪري رهيو هو. جيئن جيئن شاديءَ وارن چئن سالن جون ڪئيون متيون ڳالهيون من ۾ دهرائي رهيو هو ۽ ان جا ڌنڌلا عڪس بند اکين ۾ ڏسي رهيو هو تيئن وڌيڪ ۽ وڌيڪ پاڻ کي گهوماتيل محسوس ڪرڻ لڳو. ائين هو روئي ويٺو.

## آپگهات لاءِ خط

**بنا عنوان، بنا تاريخ ۽ ڪنهن ڏانهن لکيل سو پڻ نہ ڄاڻايل.**

مان هيءَ چٺي ان ڪري لکي رهي آهيان تہ جيئن منهنجي مرڻ کان پوءِ ڪنهن کي بہ ڪا تڪليف نہ ٿئي، خاص ڪري منهنجي پتي شري نريش سوماڻيءَ لاءِ ڪا غلط فهمي پيدا نہ ٿئي.

مون کي پتيءَ جو ازحد پيار پئي مليو آهي. گهر جي هر ياتيءَ منهنجو قدر پئي ڪيو آهي. اها منهنجي ڪم نصيبي هئي، جو هي سڀ ڪجهہ مون کي راس نہ آيو. خبر نہ آهي چو رج پنيان پئي رلي آهيان.

ڪجهہ ڏينهن ۾ مان اندور پيڪن ۾ وڃڻ واري آهيان، اتان اجين سوامي گرداس جن جي آشرم ۾ ويندي‌س. سوامي جن کان گهڻي وقت کان پريرڻا (اُتساهہ) وٺندي رهي آهيان. هنن منهنجي رهبري گهڻي ڪئي آهي، پر منهنجي من کي اها شانتي پراپت (حاصل) نہ ٿي آهي، جنهن جي مون کي تلاش هئي. مان اڄا تائين سمجهي نہ سگهي آهيان تہ اشانتي منهنجي من ۾ پيدا ڇو ٿي، ڪنهن ڪئي؟ هاڻ جڏهن منهن لڪائڻ لاءِ ڪجهہ نہ رهيو آهي تہ مون گهر ڇڏي وڃڻ جو ويچار ڪيو آهي. جيڪڏهن مون کي ڪجهہ ٿي وڃي تہ سمجهبو مون پاڻ پنهنجو انت آندو آهي.

صحيح

ڪاجل سوماڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انسپيڪٽر ڪرسچن جي ڊائريءَ مان ڪجهہ ورق

هن ڪيس جي چندڇاڻ لاءِ مون ور ور ڪري مئڊم ڪاجل جي پيڪن توڙي ساهرن سان ملاقات پئي ڪئي آهي. هر دفعي ڪجهہ نہ ڪجهہ نيون ڳالهيون پئي نڪتيون آهن، جن الڳ الڳ پهلن تي روشني وجهي معاملو منهنجي اڳيان چٽو ڪيو آهي. ڪيترن حالتن ۾ گهرو ۽ اندرين پهلن جي پڻ خبر پئي اٿم. خاص طور نريش سوماڻيءَ جي ڳالهين مان لڳو تہ ٻنهي پريوارن جي وچ ۾ وادوواد جو ڪيندر بندو اجين وارو سوامي گرداس ئي آهي. هڪ پريوار جي سواميءَ ۾ اسيم شرڌا (شديد مجتا) ۽ ٻئي جي ان تي حقارت ڀري چٽربازيءَ واري ماحول ۾ مسز ڪاجل پتجي پئي هئي. ٻنهي پريوارن ۾ اڄ بہ رشتو سنو ۽ هڪ ٻئي لاءِ آدرستڪار (مان مرتبي) وارو آهي. لڳي ٿو تہ ٻنهي پريوارن ووادي معاملا پاسيرا رکڻ پسند ڪيا، پر هي پتي پتني پاڻ ڪي حالتن سان نهڪائي نہ سگهيا.

سواميءَ وٽ ويندڙ گهٽو ڪري دماغي هيٺائيءَ وارا ۽ گروپٽي جا نشئي پئي لڳا. مون سواميءَ جي بئڪ گرائونڊ ۽ ٻئي هر پهلوءَ جي چڱيءَ طرح تپاس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ڏسان تہ هو مانسڪ تناءُ گهٽائڻ ۾ واهر ٿو ڪري يا ڪنهن ڪُن ۾ ڦٿي ڪري حالتن جو ناجائز فائدو ٿو وٺي. هي ٻئي پريوار پڙهيل ۽ سلجهيل آهن. زندگيءَ جي هر موڙ تي ڪامياب پڻ رهيا آهن. پوءِ بہ چو هئڙي نموني جا مسئلا پيدا ٿيا؟ هن وٽ صرف مسز ڪاجل ۽ ان جي ماءُ ويندڙ هيون. باقي ٻنهي پريوارن مان ڪنهن ڪي چاهہ ڪونہ هو. اهو سواميءَ جي بيان مان بہ ظاهر آهي.

سوامي گرداس سان ٿيل ڳالهين جي مدنظر مان ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ هي هڪ منڌل عورت جو ڪيس آهي، جنهن ڪي پتيءَ ۽ ساهرن سلجهيل رستي تي آڻڻ جي بدران نظرانداز ڪيو آهي. ٻئي طرف سواميءَ مانسڪ علاج جي بدران هن ڪي گمراهہ ڪيو آهي تہ هوءَ پاڻ بلڪل نيڪ آهي، صرف سندس پتيءَ تي ڪجهہ پريوگ ڪرڻا آهن. هن ڪجهہ سجهاوَ ۽ طور طريقا مسز ڪاجل اڳيان پئي رکيا ۽ خاطري پئي ڏني تہ انهن جي پيروي ڪرڻ سان پتي سندس چئي ۾ رهندو. عجيب ڳالهہ اها آهي تہ ٻنهي ۾ ان وقت تائين ڪي متڀيد ڪونہ اُسريا هئا. هن ڳالهہ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسز ڪاجل جي پيڪن خاص ڪري ان جي ماتا جو اهم رول پئي رهيو آهي. نه مسز ڪاجل جي ماتا ۽ نه ئي ان جي پتا مسٽر نريش سان سڌو ڳالهائڻ جو سوچيو. اجا خبر نه پئجي سگهي آهي ته پرابلم ڪهڙو هو جنهن لاءِ سواميءَ کان رهبري حاصل ڪرڻ جي ضرورت پئي- سچ ته پاڻ ۾ سڌي صاف ڳوٺي شايد ڪو سنو اثر ڏيکاري ها. مسز ڪاجل هميشه ماءُ سان سواميءَ جي آشرم ۾ ويندي هئي.

سوامي گرداس ڏاڍ ۾ پير هٽڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي. مون کي ڪجھ دباءُ آٽٽو پيو ۽ ائين به چوٽو پيو ته هي شايد خون جو ڪيس ٿي پوي. مان جيڪو ڪجھ لکي رهيو آهيان، اُن کي مسٽر نريش سوماٽي ۽ سوامي گرداس جدا جدا تسليم ڪيو آهي.

سواميءَ مسز ڪاجل کي گمراھ ڪيو آهي، اهو مان خاطريءَ سان ۽ مڪمل جوابداريءَ سان چئي سگهان ٿو. پهرين ملاقات ۾ هن مسز ڪاجل کي ڪجھ تعويذ، ليما ۽ ڪارا ڌاڳا وغيره ڏنا. جي هن جي چوڻ موجب خاص منتر پڙهي ۽ پوجا ڪري تيار ڪيا ويندا آهن. اهو هڪ ٽيسٽ ڪيس آزمائش طور ڪيو ويو. سواميءَ جو مقصد به طرفو هو. هڪ ته ڏسڻو ته مريض هنن ڳالهين لاءِ ڳنڀير آهي يا نه. وري اچي ٿو يا نه. ٻيو ته سامهون وارو لڪش هن پريوگ کي ڪهڙي نموني ٿو ڪٽي، سو رد عمل ڏسڻ. جيڪڏهن لڳي تير ٿئي ته وڌيڪ قدم کڻڻو ورنه تڪو سمجهي وساري ڇڏڻو. هنن ماءُ ڌيءُ جي وهنوار سان سواميءَ جو من وڌيو. هن اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش نه ڪئي ته مسز ڪاجل کي تڪليف ڪهڙي آهي، سواميءَ لاءِ ته ايترو ئي ڪافي هو ته ڪير وٽس ڪجھ مسئلو کٽي آيو آهي. هن وٽ ڪنهن مسئلي جو حل ته هوندو ئي ڪونهي. آسامي سٽيي سمجهي هن مسز ڪاجل جي اهم کي چوٽ چڙهايو. هر قسم جي جادو ٽوڻن جو ناٽڪ ڪري هن ماءُ ۽ ڌيءُ کي پنهنجي وس ڪري ڇڏيو. پر لڳي ٿو مسٽر نريش ۽ ان جي ڪٽنب تي پنهنجو اثر نه ڄمائي سگهيو. سواميءَ جو چوڻ هو ته هن الڳ الڳ قسمن جا منتر پڙهي، پوڄا ڪري ۽ وڌيون ڪري مسز ڪاجل کي ڪيتري سامگري ۽ اُپديش پڻ ڏنا آهن. مون کي پڪ آهي ته ان ريت هن جود ماغ چٽي پورو ڪيو اٿائين.

پتي پتنيءَ جي وچ ۾ ويڇو وڌندو پئي ويو. مسز ڪاجل جنهن نموني چاهيو پئي، سندس پتي ان نموني نه پيو هلي.سواميءَ ڪيس اڪيلي ۾ ڪجھ صلاح ڏني ۽ ترڪتال جا ڪجھ طور طريقا ڏسيا. مڙد سيڪس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا بڪيا هوندا آهن. پتي جڏهن گهڻي پيار ۾ هجي تہ انگل ڪري ڪانئس پنهنجي ڳالهہ مڃائي وٺي. ڪن مڙدن کي پئسي ۽ ٻين دُنوي پدارٿن ۾ موھ هوندو آهي. تي سگهي تہ پيڪن مان يا ٻئي ڪنهن هنڌان اهڙو ڪجهہ ميسر ڪريُ ڏجي ۽ اهڙي نموني سان جَتائي ڏجي، جو هو پتنيءَ جو شڪرگذار رهي. ضرورت پوي تہ مهٽو بہ ڏيٽو پر اڪيلي ۾. هن ڪيس ۾ مسز ڪاجل سان ماڻس تہ ٻانهن ٻيلي هئي ئي. ٻارن ۾ موھ هجي تہ انهن کان سِڪائي موقعي جو فائدو وٺڻو. ضرورت پوي تہ بلئڪ ميل ڪرڻو. مڙدن جو ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن، جو هو ماءُ پيءُ کان لڪائڻ چاهيندا آهن. ڪڏهن سس سهري تہ ڪڏهن ٻين کان بہ. جيڪڏهن اهڙين ڳالهين جي خبر پوي تہ ان جو پڻ فائدو وٺڻو. ترت پڪڙجڻ جو امڪان نہ هجي تہ سفيد ڪوڙ بہ ڳالهائي سگهجي ٿو ۽ ڌيان رکڻو تہ بحث ۾ پنهنجي ڪمزوري نہ مڃڻي، نہ ڏيکارڻي.

مطلب تہ سواميءَ هر قسم جون واهيات ڳالهيون مسز ڪاجل جي دماغ ۾ پريون هيون. هن اهو ڪونہ ڏٺو تہ مسز ڪاجل ۾ انهن سيني سکيائن پالن ڪرڻ جي توفيق ۽ ڏانءُ آهن يا نہ. ڳالهہ هن جي ڌارڻا موجب نہ هلي سگهي، جو مسز ڪاجل گهڻي سڌي عورت هئي، هوءَ ٻيٽ ڪانہ هئي. ترڪ تال ڪري نہ سگهي. ٻئي طرف مسٽر نريش ۽ سندس پريوار هن قسم جي حملن لاءِ نرم لڪش ڪونہ هئا.

هن ڪيس ۾ مون وٽ ڪو نوس ثبوت نہ آهي، جو گرفتاري ڪري سگهان. مسز ڪاجل جيڪڏهن حيات آهي تہ ماڳهين ڪو ڪيس ئي نٿو بيهي. اڳتي هلي ڏسجي تہ ڳالهيون ڪهڙو تيون موڙ کائين. سواميءَ هن کي ڀهڪايو ضرور آهي، پر مسز ڪاجل پاڻ هن وٽ ويندي هئي. منهنجي خيال ۾ سواميءَ جو ڪو قانوني ڏوھ ڪونہ آهي، پر سماجڪ اپراڌ (سماجيُ ڏوھ) وڏو چئي سگهجي ٿو. سواميءَ جي چريتر جي باري ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ ٻڌڻ ۾ نہ آئي آهي، سواءِ لڪي ڇپي دارون پيئڻ جي. پتنيءَ سان گڏ رهيو پيو آهي. بہ ڇوڪريون شاديءَ لائق اٿس. سندس ڳالهائڻ جي نوع ۽ ٻي باڪيءَ مان لڳي ٿو سچ ڳالهائي رهيو آهي. ڪجهہ پريشر ضرور لڳائڻو پيو. مان پنهنجن سينيئرس سان صلاح ڪندس تہ اڳتي ڪهڙو قدم کڻجي.

◈ ◈ ◈



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ڀرتڙيون ماڻيون (ناول)

گوبند خوشحالاڻي




Design: Intel Communications, Hyd.

Price: Rs. 120-00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ ڄاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چـوءِ چـالاءِ ۽ ڪـيـنـئـن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو ته ”منهنجا يارُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)